شبد گرو

Shabad Guru



شبد گرو

گرمت ؒر پھاکا ؒ چوٹیون (تحقیقي اَیياس)

ليـکـک :

رتن ايسراڻي

چاپو پھريون : 2008

چاپو بيون : 2009

قيمت : 150 رپيہ

پُستک ملڻ جو هنڌ :

309-A, J&K Pocket,

دلشاد گارڈن، دهلي ـ 110095

فون : 22590952, M. 9871524604

© RATAN ISRANI

Shabda Guru

Proverbs & Sayings in Gurmat : (A Research Study)

RATAN ISRANI

309-A, J&K Pocket

Dilshad Garden, Delhi-110095

Phone: 22590952, M. 9871524604

First Edition : 2008

Second Edition : 2009

Price : Rs.150-00

Computer Setting & Cover design :

Suresh Saraswat [Ph. 41624709]

C-1, Dayanand Colony, Lajpat Nagar-4

New Delhi-110024

فہرست

۲۳	تیرت	136-138
۲۴	نام سمرڑ	139-140
۲۵	شیوا	141
۲۶	سوُتک	142-143
۲۷	چار پدارت	144-146
۲۸	کبیر صاحب	147-149
۲۹	سھج پاٹ ۔ اَکنڈ پاٹ	150-152
۳۰	اَرداس	153-154

فهرست

	مهاڳ	i - ii
	منهنجي نماڻي وينتي	iii-ix
١.	ڏهن ستگرن جي جيون جو مختصر ورتانت	1-31
٢.	شَجرو	33-34
٣.	سري گرو گرنٿ صاحب	35-40
٤.	شبد گرو	41-48
٥.	گرو ٻاڻي - گرو - گوبند	49-50
٦.	پرماتما جا ڪُڻ ۽ مهِما	51-59
٧.	سرشٽيءَ جي رچنا	60-64
٨.	تيرا ايڪ نام تاري سنسار	65-70
٩.	تشبيهون ۽ پهاڪا	71-83
١٠	پرماتما - آتما - من - سريز	84-100
١١	هئُم مئُم	101-105
١٢	پوڻ گرو - ٻاڻي پتا	106-107
١٣	پڳٽي مارگ	108-112
١٤	نانڪ دُکيا سڀ سنسار	113-118
١٥	دُک دارو، سُکہ روگ ٻئيا	119-120
١٦	سُکہُ	121-124
١٧	ايڪو پُرُکُ، سبائي نار	125-126
١٨	اِستريءَ جو مانُ	127
١٩	سنتوش	128
٢٠	حڪم	129-132
٢١	ڪٽ لعنت	133
٢٢	شراب - نشو	134-135

مهاڳ

شري رتن ايسراڻي سنڌي جڳت جو جاتل سڃاتل شاعر ۽ نثر نويس آهي. گذريل ويهارو ڪن سالن کان منهنجو ساڻس دوستيءَ جو ناتو رهيو آهي. هن جي نرالي شخصيت کان مان تڏهن وڌيڪ متاثر ٿيس، جڏهن پهريون دفعو دلشاد گارڊن ۾ سندس گهر ويس ۽ ڏٺم ته ننڍڙي فليٽ ۾ پڻ هن هڪ ڪمرو پوڄا پاٺ ۽ نام جپڻ لاءِ الڳ محفوظ رکيو آهي. اُتي گروگرنٿ صاحب جي اِستاپنا ڪيل آهي ۽ نِت نيم سان هوءُ اُن جو پاٺ ڪندو آهي.

رتن جو گرمت ۾ پڪو نشچو آهي. ڳالهين ڪندي پاڻ ٻڌايائينم ته: زندگيءَ ۾ جڏهن جڏهن دُک ۽ نااُميد نِراسائي ويڑهي وينديِ اَٿم تڏهن ايڪاگر ٿي گرمت صاحب جو پاٺ ڪندو آهيان ۽ نام سمرن ۾ مگن ٿي ويندو آهيان؛ گرو صاحبن جي اَهڙي ڪرپا ٿيندي آهي جو ڪِن-پل ۾ دُک جو دؤر دؤر ٿي ويندو آهي ۽ من ۾ شانتيءَ جو واسو ٿي ويندو آهي.

اَڄ ڪالهه جي هن پؤِڪ وادي دؤر ۾، رتن جي شخصيت جو اِهو پهلو ڏسي، مان من ئي من ۾ ڪيس واڌايون ڏيڻ لڳس.

رتن جو گرمت ۾ ننڍڙي هوندي کان ئي پڪو نشچو رهيو آهي. هُن گرهاڻيءَ جو گهرو اَڀياس بہ ڪيو آهي. سندس پنهنجي لائبريريءَ ۾ گروگرنٿ صاحب جا

الڳ الڳ ايڈيشن، ٽيڪائون، شبدڪوش وغيرہ موجود آهن. اُنهن جو هوءُ نيمائتو تنقيدي مطالعو ٻہ ڪندو آهي. اِنهيءَ اوُنهي اَپياس جو سارُ هُن پنهنجي ڪتاب ''شبد گرو'' ۾ ڏنو آهي. گروگرنٿ صاحب مان هن اَموڪ وچن ـ محاورا ۽ پهاڪا ـ چونڊي سنگرهہ ڪيا آهن، جيڪي هِن ڪتاب ۾ ڏنا ويا آهن. اُنهن جو ڳوڙهو-گنپير اَرٿ پڙ هُن سُندر نموني سليس سنڊيءَ ۾ سمجهايو آهي. اِنهن اَموڪ ۽ سُندر وچنن ۾ نہ فقط اَڌياتمڪ گيان سمايل آهي، پر سنسار ۾ روزاني وهنواري زندگيءَ ۾ ڪيئن هلت ڪجي، تنهن بابت ٻہ ڇڳي ڇاڻ سمايل آهي. هن گرنٿ جي فهرست ۾ ڏنل جدا جدا وشين مان ئي اِن جي بخوبي جهلڪ ملي ٿي.

مونکي پورو وشواس آهي تہ هيءُ نندڙو سنگرهُ ''شبد گرو'' هرهڪ شرڌالو پاڻڪ جي پنهنجي زندگيءَ ۾ پوري رهنمائي ڪندو ۽ ست مارگ تي اَڳتي وڌي ويندو.

هِن قسم جي گهري اَپياس تي آڌارت گرو گرنٿ صاحب ۾ ڏنل چوٽين ۽ پهاڪن جي تحقيقي ۽ تنقيدي مطالعي کي سرل سنڊيءَ ۾ پيش ڪرڻ تي مان رتن ايسراڻيءَ کي مبارڪون ٿو ڏيان. آشا اَٿم تہ پاڻڪن کي هِن مان ڀرپور فيض حاصل ٿيندو.

مرليڌر جيٹلي
وائيس چيئرمن، سنڌي اَڪادمي، دهلي

منهنجي نِماڻي وينتي ــ

اَکال پُرکَ جي اَپار ڪرپا سان، نئين سمبت 2066 جي پهرئين ڏينهن تي هن ننڍي پستڪ ''شبد گرو'' جو ٻيون ڇاپو شايع ٿي رهيو آهي. پرماتما پنهنجا ڪم پاڻ راس ڪيا آهن؛ هِن داس جو وس ناهي جو واهگروءَ جي حڪم بنا ڪجهه ڪري سگهي. اِهو واهگروءَ جو حڪم هو، جنهن جي پريرڻا سان هن داس هيءَ نماڻي ڪوشش ڪئي.

هن پستڪ ۾ ستگروءَ جي ٻاڻيءَ جي اَپار ۽ بي‌اَنت مهِما جو ورنن ڪيل آهي، گرو صاحبن فرمايو آهي :

تؤ آپ سچا، تيري ٻاڻي سچي
آپي الکَ اڳاهَا هيءُ. (راڳ مارو م.3، 1057)

اَرٿ - هي پريءُ! تون پاڻ سچو (سَتيہ) آهين ۽ تنهنجي (گُڻن جو ورنن ڪندڙ) ٻاڻي ٻہ سچي آهي. پريءُ، تون پاڻ اَلکَ آهين ۽ تنهنجي مهِما اَڳاهہ آهي.

ٻئي هنڌ گرو صاحبن فرمايو آهي :

ٻاڻي گرو، گرو هئ ٻاڻي
وچ ٻاڻي اُمرت ساري
گُرؤ ٻاڻي ڪهيءُ، سيوڪ جَنُ مانيءُ،
پرتکَ گرؤ نستاري. (راڳ نٽ م.5، 928)

گرو صاحبن جي ٻاڻي (شبد) گرو آهي ڇاڪاڻ تہ منش کي گروءَ وانگر اُپديش ڏيئي روحاني رستي تي هلڻ لاءِ سهايتا ڪري ٿي. اِنهيءَ گرٻاڻيءَ ۾ سڀ اَمرت سمايل آهن. شبد گرو جيئن اُپديش ڏئي ٿو ۽ منش اُن تي سچيءَ شردّا ۽ صدق رکي عمل ڪري ٿو، اُن منش جو پرتڪ

روپ سان پرماتما نِستارو ڪري ٿو يعني پوساگر مان تاري ٿو. گرو صاحبن فرمايو آهي:

تيرا ايڪ نام تاري سنسار.

سري گرو گرنٿ صاحب جي 1430 صفحن ۾، هر پني (صفحي) تي نام جپڻ جو اُپديش ڏنل آهي. ٿوري ۾ چئجي تہ گرو صاحبن ڀِن اُپديشن تي زور ڏنو آهي :

1) نام جپيو ۽ جپايو.
2) ونڊي ورهائي کائو.
3) حق حلال ۽ ايمانداريءَ سان محنت ڪري زندگي بسر ڪريو.

جيتوڻيڪ اِهي ٽي اُپديش ڏسڻ ۾ سوَلا ٽا لڳن، پر اِنهن تي عمل ڪرڻ ڪيڏو نہ ڏکيو آهي! پر گرو ٻاڻي (شبد گرو) جي اُپديشن آنوسار عمل ڪري، من تي ضابطو رکي، روحاني رستي تي وِک وڌائبي تہ آخر منزل مقصود تي ضرور وڃي پهچبو.

هن ڪتاب جي پهرئين حصي ۾ گرو صاحبن جي جيون بابت مختصر آحوال ڏنل آهن، جنهن مان اُن وقت (1469ع کان وٺي 1708ع) واري عرصي جي سياسي ۽ سماجڪ حالتن جي ڄاڻ حاصل ٿئي ٿي. اُن وقت هندو، سنسن، پرمن ۽ وهمن ۾ ڦاٽل هٿا. مذهبي ڪٽرپڻي سبب هندن مٿان زور زبردستي ۽ ظُلم جو راڄ هئو. هندن کي زوريءَ اسلام قبول ڪرائڻ لاءِ لب لالچون ۽ ڏاڏيون ڪيون ويندیون هيون. ڌرم جي رکيا واسطي پنجين پاتشاهي سري گرو ارجن ديو صاحب ۽ نائين پاتشاهي سري گرو تيغ بهادر صاحب کي قرباني ڏيڻي پيئي. سري گرو گوبند سنگهہ صاحب جا پنهنجا چار معصوم ٻار شهيد

ٿي ويا. گرو صاحبن پنهنجي زندگي ۾ رهڻي ڪرڻي ۾ اُپديشن ڏيارن هندن ۾ مسلمانن آڳيان 'ايڪ پتا ايڪس کي هم بارک' وارو سنديش پيش ڪيو ۾ گر سِکيءَ جھڙي سَروَ-وياپڪ ۾ سَروَ-ڪلياڻڪاري پنٿ جو پايو وڌو. سِک پنٿ ڪنهن بہ مذهب يا ڏرم جي خلاف ڪونهي. گرو صاحبن سڄي ءَ دنيا جي سيني منشن لاءِ عمل ۾ آڻڻ جھڙو سوَلو پنٿ پيش ڪيو. منهنجي ٿُڇ ڄاڻ مطابق گرو صاحبن جي ٻاڻيءَ ۾ هنن ڪجھ مکيہ تتن جو ذڪر ڪيو آهي :

1. پرماتما هڪ آهي، هر هنڌ حاضر ناظر آهي.
2. هر پراڻيءَ ۾ آتما آهي، جيڪا پرماتما جو اَنش آهي. جيئن ٻج ۾ وڻ سمايل آهي، تيئن آتما ۾ پرماتما سمايل آهي.
3. روحاني ساڌنا سان آتما وڪارن کان شُڌ ٿي پرماتما سان ميلاپ ڪري ٿي.
4. جيسين منش جي جيون ۾ شبد گرو روپي گيان جوپرڪاش نہ ٿيندو، تيسين هوُ روحاني منزل ڏانهن وڌي نہ سگھندو.
5. انسان ۾ جنم کان وٺي ترِشنائون پئدا ٿين ٿيون ۽ اَنت تائين وڌنديون وڃن ٿيون.
6. انسان ۾ هئُـم مئُـم ۽ اَهنڪار ڪري، سڀ وڪار پئدا ٿين ٿا.
7. ستگروءَ آڳيان نمرتا ۽ نِهنائيءَ سان پيش پوڻ گھرجي. سندس اُپديش تي پوُرن وشواس ۽ صدق سان عمل ڪجي.
8. منش جو من چنچل آهي. هري نام جپڻ سان من تي ضابطو رکي سگھجي ٿو.

9. منش وٽ جيترو ڪجھ آھي، اُن تي ڪيس سنتوش ڪرڻ گھرجي ۽ رب جي رضا(حڪم) تي راضي رھڻ گھرجي.

10. پرماتما کي انسان جي ضرورتن جي ڄاڻ آھي ۽ انسان جي جنم کان اڳ ئي پربنڌ ڪري رکي ٿو. ھوُ وڏو ڏاتار آھي.

اَھڙا ٻيا ڪيترا وشيہ آھن، جن مان ڪجھ ھن پستڪ ۾ پيش ڪيل آھن، جن کي پڙھي پاڻڪ فيض حاصل ڪري سگھن ٿا.

اَسان سنڌين تي گرمت جو بيحد گھرو ۽ گھاڻو اَثر آھي، ايتري قدر جو سنڌ ۾، ورھاڱي کان اڳ، شھر جي ھر گھٽي يا پاڙي ۾ ٽِکاڻو ھوندو ھو. ڪُوٽن ۾ ٻہ گھٽ ۾ گھٽ ھڪ ٽِکاڻو تہ ضرور ھوندو ھئو. ھر گھر ۾ سنڌي، گرباڻيءَ جو پاٺ صبح ۽ شام ضرور ڪندا ھئا. ٻين ديوي ديوتائن جي پوڄا، ورت-نيم، ڏِڻ-وار وغيرہ وارڻ سان گڏوگڏ گردئاري ۾ صبح ۽ شام جو ڪيرتن ۾ شامل ٿيڻ اسانجي زندگيءَ جو ضروري حصو ھو. سنڌي واپاري دڪان تي وڃڻ کان اڳ ٽکاڻي ۾ ضرور مٿو ٽيڪي پوءِ وڃي دڪان کوليندا ھئا. سنڌ ۾ ماتائون خاص طور سان گرمکيءَ جو اَيپاس ڪندیون ھيون ۽ گرباڻيءَ جو پاٺ گرمکي لپيءَ ۾ لکيل ڳٽکن مان يا سري گرو گرنٿ صاحب مان ڪندیون ھيون. ايتري قدر جو ستنارائڻ جي ڪٿا واسطي ٻہ ھنن وٽ گرمکيءَ ۾ لکيل ڇپيل پستڪ ھوندا ھئا. اسان جون ماتائون پاڻ ۾ خطوڪتابت پڻ گرمکيءَ ۾ ڪندیون ھيون. ٻارن کي خاص طور سان ماتائون جپ صاحب جون پنج پؤڙيون ياد ڪرائيندیون ھيون ۽ اُنھن

مٹان اَهڙا سنسکار وجهندیون هیون تہ کنهن بہ دُک یا تکلیف ۾ گرو صاحب جو نالو ''واهِگرو-واهِگرو'' یا پنجن پوڑین جو پاٹ کرڻ سان کشٹ کٹجي ویندا آهن.

ٻار جي جنم بعد، نالي رکڻ واسطي برهمڻ کان چني لِکائي خوب شادمانا کیا ویندا هئا. پر اُن سان گڏ ٻار کي پهرین گهر کان ٻاهر کڍڻ وقت، ٹکاڻي ۾ وڻي وڃي گرو گرنٿ صاحب اَڳیان مٹو ٹیکائبو هو ۽ گرو صاحبن جو وچن وڻي نالو پڙ طئہ کیو ویندو هو. گهڻو کري ٻار جو اُهو ئي نالو ورتائبو هو. قضیي بعد پراڻيءَ کي مساڻن ڈانهن کڻي وڃڻ وقت، ٹِکاڻي جي در ٻاهران، کائي هیٹ رکي، پراڻيءَ کي مٹو ٹیکایو ویندو هو ۽ ٻائو اَرداس پڙ کندو هو. قضیي بعد پڙ گهر ۾ شانتي پاٹ واسطي ستاڻون یا نوَن ڈینهن وارو سهج پاٹ رکائبو هو ۽ ٻارهین ڈینهن تي پوءَ پائبو هو. پر ساڻئي وقتِ براهمڻ کان هوَن کرائڻ واري رسم ضرور کرائي ویندي هئي.

اَسان سنڌین جو جنم کان وڻي مرڻ تائین گرو گهر (گردواري) سان اَٹوٹ سنبنڌ رهندو آهي.

هتي لڏي اچڻ بعد بہ اَسان مان کیترا سنڌي پنهنجي گهر ۾ سري گروگرنٿ صاحب جو پرکاش کندا آهِن یعني استاپتِ کندا آهِن. صبح شام پاٹ کیرتن وغیرہ ڈاڍي عزت ۽ سنمان سان کندا آهِن. سري گرو نانک دیو صاحب جو جنم ڈینهن تہ اَجا تائین سیئي سنڌي شردّا ۽ ڈوم ڈام سان ملهائیندا آهِن.

اَسانجي سڳوري سِنڌ آدِ کان ساڌو سنتن،صوفين، جو گهر رهي آهي. تمام گهٽا ساڌو سنت سنڌ جي سرزمين تي پيدا ٿيا، جن روحانيت جو اڪُٽ پنڌار پريو. اُنهن سنڌي سنتن تي پڻ شبد گروءَ جو بيحد گهرو اثر هئو. سوامي ڏرمداس صاحب فرمائين ٿا :

پرين آهي پڌرو، اصلي اونڪار
ڏرمونءَ کي ديدار، آهي انئي پهِر اندر ۾.

سائين ٽيئون رام صاحب جو وچن آهي :

رام وياپڪ سَرو ۾، سيءُ رام جو ديدار آ
رام سيءِ رنگ ۾، رهيو رام جو جنسار آ.

سائين دلپت صاحب جو سلوڪ آهي :

اندر باهِر سيءِ ۾ جانب آهي ظهور
بنا اکين اندر جي، ڪو ڏسي سگهي نہ نؤر.

اَهڙن سنتن جي ڪرپا سان سنڌ نواسي سکيا ستابا هئا. روحاني طور پڻ سائين ءَ جي وڏيڪ ويجها هئا ۽ هينئر پڻ پارت ۽ هر حال ۾ پاڻ کي خوشحال ۽ مالا مال رکيو وينا آهِن. شل واهگروءَ جي سنڌين مٿان سدائين مهِر رهندي اَچي ۽ نام جپڻ ۽ جپائڻ واري متي کي اڳتي وڌائيندا رهن.

هيءُ داسُ دهلي سنڌي اڪادميءَ جي وائيس چيئرمن ڊاڪٽر مرليڌر جيتلي جو ٿورائتو آهي جنهن هن پستڪ کي ترتيب ڏيڻ ۾ نيڪ صلاح پئي

ڏني آهي. ٿورائتو آهيان پاڻ سريش سارسوت جو، جنهن ڏاڍي لگن، شردا ۽ محنت سان هن ڪتاب کي مڪمل ڪرڻ ۽ ڇپائڻ ۾ منهنجي مدد ڪئي آهي.

آخر ۾ هن داس جي سيني پانڪن کي اِها نماڻي وينتي آهي ته هي ۽ بندو خطائن جو گهرُ آهي. گُرباڻي ۽ جي سلوڪن لکڻ وقت بيحد سنيال جي باوجود اگر کي غلطيون رهجي ويون هجن ته ڪرپا ڪري هن داس جي ڏيان تي آڻيندا ته مهرباني ٿيندي.

داسن جو داس

رتن ايِسراڻي

سپ کن تنهنجي ساراهه
قدرت وارا !

کوٽان کوٽِ بڻائيءِ ڏرتيون
سهسين سِڃ چنڊ تارا کتيون،
تن جو انتُ نہ پارا،
قدرت وارا !

مُلک مڙيو ئي مندر آهي،
آگو سپ جي اندر آهي،
ديهن منجهه دئارا
قدرت وارا!

ساهه اندر جو ساهه ڪڇي ٿو
بيوس سائينءَ ناد وڄي ٿو
نوبت نينهن نقارا،
قدرت وارا!

(ڪشنچند 'بيوس')

ڏهن ستگرن جي جيون جو مختصر ورتانت

۱. سري گرو نانڪ ديو صاحب

پهرين پاتشاهي (1469-1539)

ستگر نانڪ پرگٹيا، مِٹي ڌُنڌ جڳ چانڻ هوئا

(پائي گرداس وار ۱، پوڑي 27)

ستگروءَ نانڪ ديو اَوتار ڌارڻ ڪيو ۽ اَگيان جو اَنڌيرو مٹجي ويو ۽ جڳ اَندر گيان جو پرڪاش ڇانئجي ويو.

سٹي پُڪار داتار پريءُ،
گرُ نانڪ جڳ ماهِ پنائيا

(پائي گرداس وار - پوڑي ۲۳)

پريو پرماتما لوڪن جي پُڪار ٻڌي ۽ گرو نانڪ ديو ڪي جڳ ۾ موڪليو. شريمد پگوت گيتا ۾ شري ڪرشڻ چيو آهي تہ جڏهن جڏهن ڌرم جي هاڃي ٿيندي ۽ پگٹتن مٹان گهور سنڪٹ ايندو، تڏهن مان اَوتار ڌارڻ ڪندس ۽ پگٹتن جي پئج رکندم.

سري گرو نانڪ ديو صاحب سن 1469ع ۾ پنجاب پرگٹي جي تلونڈي ضلعي جي هڪ ننڍي گوٹ ۾ اَوتار ورتو هو. اِهو گوٹ نانڪاڻا صاحب جي نالي سان مشهور آهي، جيڪو هاڻي پارت کان جدا ٿيل پاڪستان جي علائقي اَندر اَچي ٿو. گرو صاحب جن جي پتا جو نالو ڪالو چند مهتا (پائي ڪالو مهتا) هو. سندن ماتا جو نالو تِرپتا ۽ وڏيءَ پيڻ جو نالو نانڪي هو. پائي ڪالو مهتا جڏهن ٻالڪ نانڪ کي پنڊت گوپالداس وٽ وديا پڑهڻ لاءِ وٺي ويو، تڏهن ٻالڪ نانڪ پٽيءَ تي اَهڑو تہ آتم گيان لکيو جو پنڊت واڻڙو ٿي ويو ۽ پائي ڪالوءَ کي چوڻ لڳو تہ هيءُ ٻالڪُ

جمندي جام آهي ۽ قدرت وٽان آٿم گيان جو ينڌار پري کڻي آيو آهي. اُن زماني ۾ سرڪاري ڪم ڪاج فارسي زبان ۾ هلندو هو. اِن ڪري ٻالڪ نانڪ کي پائي ڪالو مولويءَ وٽ وڻي ويو. مولويءَ پڙ ٻالڪ نانڪ ۾ عجيب نور ڏسي، پائي ڪالوءَ کي چيو ته هيءُ ٻالڪ اِلاهي نور سان ڀرپور آهي. جيئن ته گرٻاڻيءَ ۾ عربي، فارسي ۽ سنسڪرت جا لفظ وڏي تعداد ۾ استعمال ٿيل آهن، اِن مان اِهو انومان لڳائي سگهجي ٿو ته گرو صاحبن باقاعدي تعليم حاصل ڪئي هئي.

سچو سودو

ٻالڪ گرو نانڪ ديو جڏهن ٿورو وڏو ٿيو، تڏهن سندس پتا پائي ڪالوءَ ڪيس ويهه رپيا ڏيئي واپار ڪرڻ لاءِ موڪليو ته ڪجهه نفعو ڪمائي اَچي. گرو نانڪ صاحب واپار ڪرڻ بجاءِ اُنهن پئسن جو اَناج وغيره خريد ڪري گهرجائو ساڌو سنتن کي لنگر کارائي واپس گهر موٽي آيا ۽ اَچي پيءُ کي چوڻ لڳا ته مان سچو سودو ڪري آيو آهيان، جو جو غريبن ۽ گهرجائو ماڻهن جي پيٽ پرڻ کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو پلائيءَ جو ڪم ٿي سگهي ٿو!

موديخاني جي نوڪري

پائي ڪالوءَ سوچيو ته پنهنجي پُٽ نانڪ کي نوڪريءَ تي لڳائي. اِهو ويچار ڪري هن پنهنجي نائيءَ پائي جئرام جي سفارش سان، نانڪ ديو کي نواب دولت خان لوڌيءَ جي موديخاني ۾ نوڪري وڻي ڏني، جتي گرو صاحبن ڏاڍي لگن ۽ محنت سان نوڪري ڪئي. پر جڏهن اَناج تورينديِ تيرهن (13) جي اَنگ تي پهچندا هئا، تڏهن سندن سُرت برهم ۾ لين ٿي وينديِ هئي ۽ ''تيرا تيرا'' جو نام جپيندي غريبن جون جهوليون پرينداِ رهيا. اِن ڳالهه بابت ڪن شخصن نواب کي وڃي شڪايت ڪئي ۽ نواب سڄي اَناج جي چڪاس ڪرڻ جو حڪم ڏنو. پر ڏسو قدرت

جو کيل، جو کوٽ جي بدران کافي کجهه نفعو نواب کي پلئه پيو. نواب ڏاڍو خوش ٿيو. کيس پروڻ پڄجي ويا ته گرو صاحب الله لوڪ انسان آهي ۽ سندن ڏاڍي عزت کرڻ لڳو.

شادي ۽ سنتان

گرو نانڪ ديو جي شادي ۱۶ سالن جي عمر ۾ پائي مولچند جي ڏيءُ سُلکڻيءَ سان ٿي. گرو صاحب جي گهر ۾ سن 1494ع ۾ سريچند ۽ سن 1497ع ۾ لکمي چند جنم ورتو. ڪن ودوانن مطابق سريچند جو جنم سن 1497ع ۾ ۽ لکمي چند جو جنم سن 1500ع ۾ ٿيو هو.

گرو صاحبن جو روحاني انيوءُ

پُراتن ساکيءَ موجب گرو نانڪ صاحب کي روحاني انيوءَ جي پراپتي ٿي هئي. هڪ دفعي گرو صاحب سلطانپور جي پرسان بيئين نديءَ ۾ سنان ڪري رهيا هئا ته اَچانڪ پاڻي ۾ اَندر غائب ٿي ويا. نديءَ ڪناري تي باهر سندن ڪپڑا پيل ڏسي گرو صاحبن جي گهر خبر پهچائي وئي. هاهاڪار مچي ويو. پاڻيءَ ۾ ڳولها ڪرائي ويئي، مگر بيسود. ٽِن ڏينهن بعد گرو صاحب پاڻيءَ مان باهر نڪتا. ڪين ٽن ڏينهن تائين پرميشور جي دربار ۾ نيو ويو هو، جتي هنن کي غيبي آتم گيان يا شبد گروءَ جو انيوءُ پراپت ٿيو.

ايڪو اونڪار مول منتر

اِنهيءَ روحاني گيان حاصل کرڻ بعد گرو صاحبن جي ساري زندگي بدلجي ويئي. هاڻي گرو صاحب سچ جا ساڏارڻ ڪوجي يا جڳياسو نه رهيا هئا، بلڪ سچ جا ساکيات سروپ ۽ ستگرو بڻجي پيا هئا. هن واقعي بعد گرو صاحب جن ايڪو اونڪار واري مول منتر ۽ جپ صاحب واري باڻيءَ جو اُچارڻ ڪيو هو.

پهرين اُداسي

گرو نانک ديو صاحب نام جي پرچار ۽ ساڌو سنتن جي سنگ ڪرڻ واسطي، اٽڻ سالن جي وڏي عرصي (سن 1507ع ـ 1515ع) تائين تيرتن ۽ ٻين شهرن جي ياترا تي نڪري پيا. هوءُ پهرين سلطانپور مان تلونڈيءَ ويا، جتي گرو صاحبن پنهنجي ماتا ۽ پتا اَڳيان ياترا تي وڃڻ جي منشا ظاهر ڪئي. اُتان هو ايمناباد پهتا جتي غريب وادي پائي لالوءَ جي حق حلال جي ڪمائيءَ مان ٿهيل سادي‌ءَ روٽيءَ مان کير جي ڏارا ۽ مغرور حاڪم ملک پاڳوءَ جي ظلم سان ڪمايل ڪمائيءَ مان ٿهيل سڪين طعمن مان رت جي ڏارا وهائي ڏيکاري ۽ سچيءَ سنگت کي سچ جي ڪرت ڪري روزي روٽي ڪمائڻ جي سکيا ڏني.

گهالِ کاءِ کِچُ هتهُ ديئِ -
نانک راهُ پچاڻهِ سيئِ

(وار سانگ، م - ۱، ص.1245)

سري گرو نانک ديو صاحب فرمائن ٿا محنت ۽ حق حلال جي روزي ڪمائي روٽي کاءُ ۽ ڪجهه هٿئون ٻه ڏي (دان پُڃ ڪر)؛ اُهي شخص سچ (ڌرم) جي راهه سڃاڻي سگهن ٿا.

هريدوار ۾ ـ گرو نانک ديو صاحب هريدوار پهتا. اُتي ڏسن ٿا ته ياتري اسنان ڪرڻ کان پوءِ اوپر ڏانهن منهن ڪري سِڄ ڏانهن پاڻي‌ءَ جا چندا پيا اُڇلِن. گرو صاحبن جي پڇڻ تي پنڊتن جواب ڏنو ته هوُ پترن کي جل اَرپڻ ڪري رهيا آهن. گرو صاحب جن اولهه ڏانهن پاڻي اُڇلڻ لڳا. پڇڻ تي گروصاحبن فرمايو ته اولهه طرف پنجاب ۾ منهنجا کيت آهن، اُنهن کي پاڻي ڏو پهچايان. اِهو ٻُڌي سڀ ماڻهو کِلڻ لڳا. گرو صاحبن کين اُپديش

ڏنو تہ اِهو سڀ پرم آهي تہ پترن کي پاڻي پهچندو آهي. اُن کان پوءِ گرو صاحب جن اَيوڌيا، پرياگ، کاشي، پٽنا ۽ گورکپور مان ٿيندا آسام ۾ کامروپ پهتا. (کامروپ ۾ اَڄ بہ منترن-تنترن، کاري جادو ۽ طلسم جو بيحد رواج آهي). اُن وقت اُتي نوُرا شاه نالي هڪ عورت تمام مشهور جادوگرياڻي هئي، جيڪا کيترن کي پنهنجي جادوءَ جي طاقت سان وس ۾ کري پنهنجو چيلو بڻائيندي هئي. نورا شاه پائي مرداني کي بہ جادوءَ سان پنهنجي وس ۾ کيو. پائي مردانو پاڻ کي گهيتو سمجهڻ لڳو. گرو صاحبن پائي مرداني کي جادوءَ جي اَثر کان آجو کيو. اِهو کرشمو ڏسي، نورا شاه محسوس کيو تہ گرو صاحبن وٽ ايشوري شڪتي آهي ۽ گرو صاحبن جي پيرن تي کِري معافي ورتائين. گرو صاحبن هن کي اَکال پُرک جو اُپديش ڏيئي، پنهنجو شِش بڻايو.

اُن کان پوءِ گرو صاحب جن کلکتي ۽ اُتان پُريءَ جي جگنناٿ مندر بہ ويا، پر مندر ۾ آرتيءَ ۾ شامل نہ ٿيا. پوجارين جي پڇڻ تي گرو صاحبن کين اَکال پُرک جي آرتي چئي ٻڌائي، جيڪا سدائين ٿئي پيئي؛ اُن آرتيءَ لاءِ گگن (آڪاس) وڏو ٿالهہ آهي، جنهن ۾ بہ وڏا ڏيئا، سِجُ ۽ چنڊُ، رکيل آهن. (اِها آرتي راڳ گوڙي ۾ درج کيل آهي). اِئين پوجارين کي اُپديش ڏيئي، گرو صاحب جن واپس پنجاب موٽي آيا.

◆◆

گرو صاحبن جي بين اُداسي

(1517ع کان 1518ع)

گرو صاحب هن ياترا دؤران پائي ٻالي ۽ پائي مرداني کي گڏ وٺي اولهه وارن مُلکن ڏانهن رخ کيو. گرو صاحب پاڪ پٽن پهتا جتي پڳت شيخ فريد جي فرزند سان مليا ۽ شيخ فريد جي ٻاڻي حاصل ڪئي. گرو صاحب رياست بهاولپور مان لنگهندي روهڙي ۽ سکر پهتا. چيو وڃي ٿو ته سکر ۽ سنڌو درياهه جي ڪناري، جتي اڄ ڪلهه ساڌ ٻيلو ٽهيل آهي، اُتي گرو صاحبن پنهنجا چرڻ گهُمايا هئا ۽ جل جي ديوتا، ورڻ ديو سان گرو صاحبن جي ملاقات ٿي هئي. اُنهيءَ وقت ورڻ ديوتا گرو صاحبن لاءِ ندي ۽ جاءِ ڇڏي ڏني هئي. اُتي اَڄ تائين - ٻوڏن وقت پڻ - پاڻي ڪونه چڙهيو آهي. درياهه جي وچ ۾ ٻيٽ وانگر اِنهيءَ هنڌ تي سنبت 1822 ۾ اُداسي سنت وڏڪندي مهاراج اَڇي واسو ڪيو ۽ اَڻوٽ لنگر چالو ڪيو ويو. پائي گرداس جي واران يا پُراڻن ساکين ۾ ان جو ڪو ذڪر ڪونه آيو آهي، پر گووِندوال جي رهندڙ سروپچند پلا جي ''مها پرڪاش'' ۾ اَهڙو ذڪر ملي ٿو :-

سنڌ ڏرتي ڪو ستگر گئي،
مردانا ڪو بچن اِم ڪهي،
ٹُهِ حج ڪراوين مکي ميت،
هوءِ پرسن ٹُمهارو چيت.

اَرٿ - گرو صاحب سنڌ ديش ڏانهن ويا ۽ مرداني کي چيائون ته توکي مَکي وٽي هلي حج ڪرايون ٿا ته جيئن تنهنجو من خوش ٿئي. اِها ڳالهه تڏهن جي آهي، جڏهن گرو صاحب ملتان تي هنگلاج ڏانهن ويندي سکر ۾ ترسيا هئا. گرو صاحب جتي به ويندا هئا ته اُتي پنهنجي مت جو پرچار ڪندا هئا ۽ ڪيترا ئي ماڻهو سندن سِکه (شِش) بڏجي پنٿ کي وڌائيندا هئا.

سنڌ ۾ نانڪ پنٿ گھٽو زور ورتو، ايتري قدر جو هر شهر، ڳوٺ ۽ محلي ۾ ٽِڪاڻو ضرور هوندو هو. اَڄ به پنٿ لاءِ سنڌين جي شردا ۽ صِدق کي خالصا به ميچيندا آهن. گرو صاحب جڏهن مڪي شريف ويا تہ هو قعبي ڏانهن پير ڪري سُمهيا. قاضيءَ سندن پير ڦيرائي ٻئي طرف ڪيا تہ قعبي جو رخ به ڦري گرو صاحبن جي پيرن طرف ٿي ويو. گرو صاحبن قاضيءَ کي اُپديش ڪيو تہ خدا هر طرف آهي. اُتان پوءِ گرو صاحب بلخ، ڪابل وغيرہ شهر گھمندا واپس ڪرتارپور پهتا.

گرو نانڪ ديو صاحب، پائي لھٽي کي گرو گديءَ تي براجمان ڪري، سندس اَڳيان پنج پٽسا ۽ هڪ ناريل رکي، پنج دفعا پريڪرما لڳائي متو ٽيڪيو. بابا ٻيدا کان
گُرپائيءَ جو ٽِلڪ پائي لھٽي جي مستڪ تي لڳارايو. تاريخ 2 سيپٽيمبر 1539ع تي، گرو نانڪ ديو صاحب جو ٻيون سروپ، سري گرو اَنگد ديو صاحب، پرگھٽ ٿيو. بابا ٻيدا لڳاتار گرو نانڪ ديو جي ڇهين پاتشاهي سري گرو هرگوبند صاحب کي گرپائيءَ جي ٽلڪ لڳائڻ واري رسم ادا ڪندو رهيو. بابا ٻيدا جي چالاڻي بعد اها رسم بابا ٻيدا جا پٽ ادا ڪندا رهيا.

جوتي جوت سمائجڻ

ستگرو سري گرو نانڪ ديو صاحب 7 سيپٽيمبر 1539ع تي جوتي جوت سمائجي ويا.

◆◆

گرو صاحبن جي ٻين اداسي

(1517ع کان 1518ع)

گرو صاحب هن يارهن دؤران پائي ٻالي ۽ پائي مرداني کي گڏ وڃي اولهه وارن مُلکن ڏانهن رخ کيو. گرو صاحب پاڪ پٽن پهتا جتي پڳت شيخ فريد جي فرزند سان مليا ۽ شيخ فريد جي ٻاڻي حاصل ڪئي. گرو صاحب رياست بهاولپور مان لنگهندي روهڙي ۽ سکر پهتا. چيو وڃي ٿو ته سکر ۾ سنڌو درياهه جي ڪناري، جتي اڄ ڪلهه ساڌ ٻيلو ٽهيل آهي، اُتي گرو صاحبن پنهنجا چرڻ گهُمايا هئا ۽ جل جي ديوتا، ورڻ ديو سان گرو صاحبن جي ملاقات ٿي هئي. اُنهيءَ وقت ورڻ ديوتا گرو صاحبن لاءِ ندي‌ءَ ۾ جاءِ ڇڏي ڏني هئي. اُتي اڄ تائين - ٻوڏن وقت پڻ - پاڻي ڪونه چڙهيو آهي. درياهه جي وچ ۾ ٻيٺ وانگر اِنهيءَ هنڌ تي سنبت 1822 ۾ اُداسي سنت وڏندي مهاراج اَڇي واسو ڪيو ۽ اَڻوٽ لنگر چالو ڪيو ويو. پائي گرداس جي واران يا پُراتن ساکين ۾ ان جو ڪو ذڪر ڪونه آيو آهي، پر گووِندوال جي رهندڙ سروپچند پلا جي ''مها پرڪاش'' ۾ اَهڙو ذڪر ملي ٿو :-

سنڌ ڌرتي ڪو ستگر گئي،
مردانا کو بچن اِم کهي،
ٹهِ حج کراوين مکي ميت،
هوءِ پرسن ٹمهارو چيت.

اَرٿ - گرو صاحب سنڌ ديش ڏانهن ويا ۽ مرداني کي چيائون ته توکي مَکي وڃي هلي حج کرايون ٿا ته جيئن تنهنجو من خوش ٿئي. اِها ڳالهه ڏڌهن جي آهي، جڏهن گرو صاحب ملتان ٿي هنگلاج ڏانهن ويندي سکر ۾ ترسيا هئا. گرو صاحب جتي به ويندا هئا ته اُتي پنهنجي مت جو پرچار ڪندا هئا ۽ ڪيترا ئي ماڻهو سندن سِکه (شِش) بڌجي پنٿ کي وڌائيندا هئا.

سنڌ ۾ نانڪ پنٿ گھڻو زور ورتو، ايتري قدر جو هر شهر، ڳوٺ ۽ محلي ۾ ٽِڪاڻو ضرور هوندو هو. اَڄ بہ پنٿ لاءِ سنڌين جي شردّا ۽ صِدق کي خالصا بہ ميچيندا آهن. گرو صاحب جڏهن مڪي شريف ويا تہ هو قعبي ڏانهن پير ڪري سُمهيا. قاضيءَ سندن پير ڦيرائي ٻئي طرف ڪيا تہ قعبي جو رخ بہ ڦري گرو صاحبن جي پيرن طرف ٿي ويو. گرو صاحبن قاضيءَ کي اُپديش ڪيو تہ خدا هر طرف آهي. اُتان پوءِ گرو صاحب بلخ، ڪابل وغيرہ شهر گھمندا واپس ڪرتارپور پهتا.

گرو نانڪ ديو صاحب، پائي لھڻي کي گرو گديءَ تي براجمان ڪري، سندس اَڳيان پنج پئسا ۽ هڪ ناريل رکي، پنج دفعا پريڪرما لڳائي متو ٽيڪيو. بابا ٻيڍا ڪان ڳريائيءَ جو ٽِلڪ پائي لھڻي جي مستڪ تي لڳارايو. تاريخ 2 سيپٽيمبر 1539ع تي، گرو نانڪ ديو صاحب جو ٻيون سروپ، سري گرو اَنگد ديو صاحب، پرگھٽ ٿيو . بابا ٻيڍا لڳاتار گرو نانڪ ديو جي ڇهين پاتشاهي سري گرو هرگوبند صاحب کي گريائيءَ جي تلڪ لڳائڻ واري رسم ادا ڪندو رهيو. بابا ٻيڍا جي چالاڻي بعد اها رسم بابا ٻيڍا جا پٽ ادا ڪندا رهيا.

جوتي جوت سمائجڻ

ستگرو سري گرو نانڪ ديو صاحب 7 سيپٽيمبر 1539ع تي جوتي جوت سمائجي ويا.

◆◆

٢. سري گرو انگد ديو صاحب

ٻين پاتشاهي (1504-1552ع)

سري گرو اَنگد ديو صاحب جو نالو پهرين پائي لهڻو هوندو هو. شروع ۾ پائي لهڻو جوالاُمکي ديويءَ جو پوجاري هوندو هو. گرو نانک ديو جي هڪ سِک پائي جوڌا وٽان گروباڻيءَ جا امولک وچن ٻُڌي بيحد متاثر ٿيو هو ۽ گرو صاحبن جي درشن ڪرڻ جي اٻلاڪا دل ۾ جاڳي هئس. ديويءَ جي درشن ڪرڻ لاءِ پنهنجن ساٿين سان گڏ ويندي، ڪرتارپور کان اٺ ميل پري ساٿين کي رات پر آرام ڪرڻ لاءِ چئي، پاڻ گرونانک ديو جي درشن ڪرڻ لاءِ صاحبن وٽ اَڇي پهتو. گرو صاحبن جو درشن ڪري پائي لهڻو اَهڙو ٽہ نِهال ٿي ويو، جو هميشه واسطي ستگروءَ جي چرنن جو داس ٻڌجي پيو. گرو صاحبن پائي لهڻي جون ڪئين پريڪيائون ورتيون ۽ پائي لهڻو هر پريڪيا ۾ سوپارو ثابت ٿيو. گرو نانک ديو لنگر جو جيڪو سرشتو قائم ڪيو هو، اُن ۾ پائي لهڻو ڏاڍي پيار ۽ لگن سان ڪم ڪندو هو. سڄيءَ سنگت جي دل و جان سان شيوا ڪندو هو. هو گرو صاحبن جي هر حڪم جي پوري صدق سان پوڻواري ڪندو هو. گرو صاحبن جا فرزند - بابا سريچند ۽ بابا لکميچند - پنهنجي پتا جي آگيا مڃڻ ۾ ڪجهہ آناڪاني ڪندا هئا، پر پائي لهڻو گرو صاحبن جي شيوا ڪرڻ، حڪم بجا آڻڻ ۽ آگيا جي پالن ڪرڻ ۾ ٽِر جيتري بہ ڪوتاهي نہ ڪندو هو.

هڪ دفعي جي ڳالهہ آهي ٽہ گرو صاحبن غصي وچان پائي لهڻي کي گهر مان ڪڍي ڇڏيو ۽ واپس اَچڻ کان منع ڪري ڇڏي. پائي لهڻو هليو ٽہ ويو پر واپس اَچي گرو صاحبن جي پيرن تي ڪِري پيو. گرو صاحبن هن کان پڇيو ٽہ واپس ڇو آيو آهين؟ پائي لهڻي گرو صاحبن اَڳيان وينتي ڪندي چيو ٽہ هي غريبنواز! مونکي توهانجي چرنن کان سواءِ ٻيو ڪوئي گهر يا نِڪاڻو

ڪونهي. مونکي تہ صرف توهانجو آسرو آهي. گرو صاحبن فرمايو تہ مان پاڻ پنهنجي واسطي گهر ٺِڪاڻو ٻُولهي رهيو هوس، جنهن ۾ مان پنهنجي جوت ٽڪائي سگهان. هاڻي مونکي اَهڙو ٽڪاڻو ملي ويو آهي.

گرو صاحبن پوءِ پائي لهڻي جو نالو بدلائي اَنگد (پنهنجو اَنگ) رکيو. سنہ 1539ع ۾ هنن بابا اَنگد جي اَڳيان پنج پئسا ۽ هڪ ناريل رکي هن جي چوڌاري پنج دفعا پريڪرما ڏيئي متو ٽيڪيو ۽ بابا ٻيڌاجن کان ڪيس گريائيءَ جو تلڪ لڳارايو. اَهڙيءَ طرح گرو نانڪ ديو پنهنجي اولاد کي گريائي نہ ڏني پر پنهنجي سچي شيوڪ کي گريائي بخشي ''جن سيوئا تِن پائيا ماڻ'' واري مريادا قائم ڪئي. (گريائي 1539-1552)

گرو انگد ديو صاحب جون حاصلاتون

1) پنجتيهن اکرن واري گرمُکي لپيءَ جي ايجاد ڪيائون.
2) پنجابي ٻاشا جو پرچار ڪيائون.
3) ٻارن کي پڙهائڻ لاءِ اسکول کوليا ويا.
4) ٻارن کي گُرمت جي سکيا ڏيڻ واسطي ٻال ٻوڌ تيار ڪرايا.
5) ڪُشتي ۽ مَلهہ سيکارڻ واسطي آکاڙا قائم ڪرايائون تہ جوان لڙائي ڪرڻ ۾ هوشيار ۽ سگهارا ٻڌجن ۽ دشمن جو مقابلو ڪري سگهن.
6) لنگر واري مريادا کي زور شور سان هلايو ويو، جنهن ۾ غريب توڙي اَميرَ سيبيئي ورڻ ۽ ذات جي ويچي بنا، گڏجي هڪ قطار ۾ ويهي لنگر کائيندا هئا.
7) گرو نانڪ ديو جي اُداسيُن (ياترائن) دوران ٽيل وارتائن ۽ گهٽنائن جو سلسلي-وار احوال پائي ٻالي کان لکايو ويو. اُهو پستڪ ''پائي ٻالي جي لکيل گرو نانڪ ديو جي ''جنم-ساکي'' نالي سان پرسِدّ آهي.

گرو نانڪ ديو صاحب جي چيٽل ٻاڦيءَ کي پڻ ترتيب سان لڳايو ويو.

جوتي جوت سمائجڻ.

گرو اَنگد ديو صاحب، 1552ع ۾ بابا اَمرداس صاحب اَڳيان پنج پئسا ۽ ناريل رکي هنن جي چوڌاري پنج دفعا پريڪرما لڳائي مٿو ٽيڪيو ۽ بابا ٻڌا صاحب کان ٽِلڪُ لڳارائي اَمرداس صاحب کي ٽئين گرو نانڪ ديو جي شخصيت طور گُروگدي سونپي ڏني. اِن کان پوءِ گرو اَنگد ديو صاحب جوتي جوت سمائجي ويا.

۳ سري گرو امرداس صاحب

(ٽين پاتشاهي ((1479ع ــ 1574ع)

سري گرو نانڪ ديو صاحب جو ٽيون سروپ، سري اَمرداس صاحب هئا. هنن جو جنم 5 مئي 1479ع ۾، اَمرتسر ضلعي جي باسرڪي ڳوٺ ۾، پلا ڪٽنب جي ڀائي ٽيجا ۽ مائي لکوءَ جي گهر ۾ ٽيو هو. هو وشنو پنٿ کي مڃيندا هئا ۽ ڪيترا دفعا ٽيرٿ ياترائون ڪري چڪا هئا پر هنن جي من کي شانتي ڪانه ملي هئي. گرو اَنگد ديو صاحب جي سُپُتري بيبي اَمروءَ جي شادي ڀائي اَمرداس صاحب جي ڀائٽئي سان ٽيل هئي. بيبي اَمروءَ کان گرهاڻيءَ جو پاڻ ٻڌي، ڀائي اَمرداس ڏاڍو متاثر ٽيندو هو ۽ هڪ دفعي، سيٽپي واري رشتي کي وساري هوُ گرو انگد ديو صاحب جي شيوا ۾ اَڇي پهتو. هن جي عمر اُن وقت اٽڪل سٺ سال هئي ۽ گرو اَنگد ديو صاحب جي عمر اَٽڪل ۳۶ ورهيه هئي. بابا اَمرداس لنگر جي شيوا ڏاڍي پيار ۽ لڳن سان ڪندو هو. هر روز صبح جو سويل اُٺي، پنج ميل پري بياس نديءَ مان ڀاڻيءَ جي گهاگهر پري گرو صاحبن کي سَنان ڪرائيندو هو. هڪ دفعي سياري جي موسم ۾ زوردار بارش وسي

رهي هئي. نيم اَنوسار پائي اَمرداس صاحب بياس نديءَ مان پاڻيءَ جي گهاگهر پري کڻي گهر ڏانهن موڻي رهيا هئا. ٻيڙو سريو، مٿان تيز بارش، اوندهه ۽ گپ ۾ هن جو پير ٽِرکي ويو. هن گهاگهر کي هيٺ ڪرڻ کان بچائي ورتو، پر پاڻ ڪري پيو. اُن گهٽيءَ ۾ هڪ ڪوريءَ جو گهر هو، جنهن ڪنهنجي ڪِرڻ جو آواز ٻڌي زال کي چيو ته هِن محل کير ڪِريو هوندو؟ ڪوريءَ جي زال جواب ڏنو ته اُهو نٽانئون اَمروُ (اَمرداس) هوندو، جيڪو پنهنجي سيڻن جي در تي پيو آهي. هن جو سيڻ به پاکنڊي گرو ٻڌجي، ماڻهن کي پنهنجو مُريد بڻائي وينو آهي. پنهنجي گروءَ جي نِندا ٻڌڻ پائي اَمرداس کان سَڻي نه ويئي ۽ کيس چيائين ته اي پڳلي! منهنجو گرو ديو دنيا جو مالڪ آهي، مونکي هن جو آسرو ملي ويو آهي. مان نه-ٽانئون (بي گهر) ڪيئَن آهيان؟ ڏينهن چڙهي چُڪو هو. گرو صاحبن کي ان ڳالهه جي خبر ملي چُڪي هئي. ايتري ۾ ڪوري به اَچي گرو صاحبن اَڳيان رودن ڪرڻ لڳو ته سندس زال کان وڏي پُٽ ٽي ويئي آهي ۽ هوءَ سچ پچ چري ٽي پيئي آهي. هو گرو صاحبن کان معافي گهُرڻ لڳو. گرو اَنگد ديو صاحبن پائي اَمرداس ڏانهن اِشارو ڪيو. پائي اَمرداس جي مهر پري نظر ڪوريءَ جي زال مٿان پوڻ شرط هوءَ اَڳي وانگر چڱي پلي ٽي پيئي ۽ هن گرو صاحبن کان پنهنجي غلطي بخشائي. گرو انگد ديو صاحبن پائي اَمرداس ڏانهن نهاري چيو ته توهان نِماڻن جا ماڻ، نٽانوَن جا ٽانوَ آهيو. توهانجي شيوا سڏل آهي.

1552ع ۾ گرو اَنگد ديو صاحبن، بابا اَمرداس صاحب اَڳيان پنج پئسا ۽ ناريل رکي، هن جي چوڌاري پنج دفعا پريڪرما ڏيئي مٿو ٽيڪيو ۽ بابا ٻيڙي کان هن کي تِلڪ لڳارائي گريائي سونپي ڏني. (گريائي : 1552ع کان 1574ع)

گرو امرداس صاحب جون حاصلاتون

1) گرو صاحبن ڪنڊور ڇڏي، نئون شهر گووندوال آڻي وَسايو. هتي هنن گرمت جي پرچار جو مڪيہ مرڪز قائم ڪيو.

2) سماج سُڌار جي ڪم کي زور وڌايو. ذات پات، ڇوت آڇوت، ورت نيم، مڙهين، مساڻن ۽ قبرن جي پوڄا، ڪرم ڪانڊ، سنسا پرم وغيرہ کان ڪنارو ڪرڻ لاءِ جنتا ۾ خوب پرچار ڪيائون.

3) گرو صاحبن گوئندوال ۾ هڪ وڏو ڪوهہ ڪوٽايو جنهن ۾ چوراسي ڏاڪا آهن. هِن ڪوهہ مان ذات پات جي ڀيد کان سواءِ هرڪوئي پاڻي پري سگهيو ٿي.

4) گرو صاحبن گرمُکيءَ جي پرچار واسطي ٻاويهہ منجيون ۽ ٻاونجاهہ پيڊيون قائم ڪيون، جن ۾ مردن توڙي زالن کي شامِل ڪيو ويو.

5) مُلڪ ۾ ستيءَ جي رسم هئي - جنهن موجب جڏهن ڪنهن استريءَ جو مڙس مري ويندو هو تہ ڪيس زبردستيءَ پٽيءَ جي چڪيا ٿي چاڙهي، باهہ ۾ سڙڻ لاءِ مجبور ڪيو ويندو هو. گرو صاحبن اِن رسم کي ختم ڪرڻ جو اُپديش ڏنو. گرو صاحبن فرمايو :

ستيئا ايهہ نہ آکيئنِ جي مڑئا لگِ جلنِ
نانک ستيئا جاڻيئنِ جي برهي چوٽ هرنّنِ

(آرٽ - اُنهن استرين کي 'ستي' نہ چئو جيڪي پنهنجي پٽيءَ جي لاش سان گڏ جلن ٿيون. هي نانک! جيڪي پٽيءَ جي وڇوڙي جي غم جي چوٽ (دُک) ۾ مرن ٿيون (يعني ستُر ۾ رهن ٿيون) اُنهن کي ئي 'ستي' سمجهڻ گهرجي.

جوتي جوت: گرو اَمرداس صاحب، 1 سيپٽيمبر 1574ع تي گوئندوال ۾ جوتي جوت سمايا.

۴ سري گرو رامداس صاحب

چوٿين پاتشاهي (1534ع ــ 1581ع)

سري گرو نانڪ ديو صاحب جي گديءَ تي هنن جو چوٿون سروپ سري گرو رامداس صاحب براجمان ٿيا هئا. گرو رامداس صاحب جو جنم لاهور جي چوُنا منڊيءَ ۾ 24 سيپٽيمبر 1534ع ۾ سوڊي ڪُل جي پائي هرداس جي گهر ۾ ماتا دَيا جي ڪُکِ مان ٿيو هو. گرو رامداس صاحب جو نالو پهرين پائي جينو هو. پائي جينو ستن سالن جي ننڍي عمر ۾ يتيم ٿي ويو؛ پوءِ سار سنيار سندس نانيءَ لڏي. هڪ دفعي پائي جينو سنگت سان گڏ گرو اَمرداس جي درشن ڪرڻ لاءِ گرو صاحبن وٽ اَچي پهتو ۽ گرو گهر ۾ رهي لنگر ۽ سنگت جي شيوا ۾ لڳي ويو. هڪ ڏينهن گرو صاحبن جي پتني، ماتا منسا ديويءَ گرو صاحبن کي چيو ته اَسانجي ڌيءُ، بيبي پاني، هاڻي ساماڻي آهي ۽ هن لاءِ وَر جي ڳولها ڪرڻ گهُرجي. گرو صاحبن کانئُس پڇيو ته توکي ڪهڙو نانو ڪپي. ماتا منسا ديويءَ سنگت ۾ پري وينل پائي جينو ڏانهن اِشارو ڪري چيو ته ڪوئي هن نوجوان جهڙو وَرُ هجي. جاڻي جاڻڌهار گرو اَمرداس صاحب چوڻ لڳا ته بيبي پانيءَ لاءِ پائي جينو جهڙو لائق وَرُ ته ساري سرشٽيءَ ۾ ٻيو ڪو ٿي نڙو سگهي. ڪجهه سمي گذرڻ بعد بيبي پانيءَ جو وهاڻُ پائي جيني سان ڪيو ويو. پر پائي جينو گهٽي نمرتا وارو هو. اُٽي نانيءَ جي حيثيت سان نہ، بلڪ نماڻي شيوڪ طور سنگت جي شيوا ڪندو هو. بيبي پانيءَ کي ٽي پُٽ جاوا ــ پرٿوي چند، مهاديو ۽ اَرجن. گرو اَمرداس صاحب پنهنجن ٻن پٽن ۽ وڏي نانيءَ (بيبي دانيءَ جي پٽي) کي ريٽي، پنهنجي ننڍي نانيءَ پائي جيني کي گريائي سونپڻ جو ويچار ڪيو. گرو اَمرداس صاحبن، ۱ سيپٽيمبر ۱۵۷۴ع تي پائي جيني اَڳيان پنج پئسا ۽ ناريل رکي پنج دفعا پريڪرما ڪري بابا ٻڌا کان تلڪ لڳارايو ۽ سندس نالو گرو رامداس رکيو. (گريائي : 1574ع کان 1581 ع تائين)

سري گرو رامداس صاحب جي نِوڙت ۽ نِهنائي

هڪ پيري گرو نانڪديو صاحب جو وڏو پٽ، بابا سريچند جن، اَمرتسر درشن ڪرڻ واسطي آيا. گرو رامداس جي وڏي ڏاڙهي ڏسي، ڪلندي چيائونس ته ڏاڙهي ايڏي وڏي ڇو وڌائي رکي اَٿوَ؟ تنهن تي گرو رامداس صاحبن ڏاڍي حليمائيءَ سان ٻڌي هٿ جوڙي بابا سريچند جن کي وينتي ڪئي ته توهان جهڙن مهاپرشن جي چرنن جي ڏوڙِ صاف ڪرڻ لاءِ رکي آهي. بابي سريچند مشڪي ڏنو ۽ سهج سياو چيائون ته توهانجي انهيءَ نِهنائيءَ ۽ حليمائيءَ واري سپاوَ سبب ئي گرو نانڪ ديو، اَسان سپني کي ريتي، گرو گدي توهان کي سونپي هئي.

گرو رامداس صاحب جون حاصلاتون.

1) شهنشاه اڪبر جيڪا زمين جاگير طور بيبي پاڻيءَ کي سوڪڙي ڪري ڏني هئي، اُتي گرو رامداس صاحب اَمرتسرجي نالي سان نئين شهر جو نِرماڻ ڪرايو. اُن زمين تي سرور تيار ڪرڻ ۽ هرمندر صاحب جي استاپنا ڪرڻ لاءِ بنيادي پٿر مسلمان درويش ميان مير صاحب کان رکايو هو.

2) گرو رامداس صاحبن، راڳ ڪيدار ۽ راڳ جئجئونتي - انهن ٻن راڳن کي چڏي - باقي اُٺتيهن راڳن ۾ ٻاڻيءَ جي رچنا ڪئي آهي. هنن جي سڄي ٻاڻي پريم جي وهندڙ نديءَ سمان آهي، جنهنجي سيتل ۽ مڌر ڌارا ۾ پريتم لاءِ تڙڦ، پرپو پرماتما جي درشن جي هڪ جهلڪ پائڻ لاءِ وينتي ۽ ٻاڌائڻ وارن شبدن ۾ سلوڪن جو اَڪٿ ۽ اَملهه خزانو پريل آهي. گرو صاحبن جو روحاني ۽ ربي سنگيت ساري سنگت جي آتما کي رب سان ملائي، هردي کي شڌ ۽ پوتر ڪري ٿو. سري گروگرنٿ صاحب ۾ 22 واران لکيل آهن، جن مان وڌ ۾ وڌ واران گرو رامداس صاحب جون لکيل آهن.

جوتي جوت : گرو رامداس صاحب 47 ورهين جي ننڍي جمار ۾ سنہ 1581ع ۾ جوتي جوت سمايا.

۵ سري گرو ارجن ديو صاحب

پنجين پاتشاهي (1563ــ 1606)

سري گرو ارجن ديو صاحب جو جنم سري گرو رامداس صاحب ۽ ماتا پانيءَ جي گهر ۾ 15 اپريل 1563ع تي ٿيو هو. سري گرو اَرجن ديو صاحب جا ٻه وڏا ڀائر، پائي پرٿيچند ۽ پائي مهاديو هئا. گرو صاحبن جو وهانءُ گنگا ديويءَ سان ٿيو هو. کافي سمي تائين اولاد نہ ٿيڻ سبب، گنگاديوي اَڏير ٿي گرو اَرجن ديو صاحبن اڳيان وينتي ڪئي تہ گرو صاحبن کيس بابا ٻڌا وٽ ارداس ڪرڻ لاءِ چيو.

پهرئين دفعي گنگا ديوي ڏاڍي نان‌ناٽ سان سينگار ڪري، نوڪرياڻين کان پوڄن ڪٽائي، بابا ٻڌا جن وٽ پهتي. بابا ٻڌي پوجن سويڪار نہ ڪيو؛ چيائون تہ ٻُک ڪونہ آهي. وري ٻئي دفعي ماتا گنگا سادن ڪپڙن ۾، نهايت سادگيءَ سان بابا ٻڌي وٽ وڃي وينتي ڪئي. بابا ٻڌي جن کيس آسيس ڪندي چيو تہ وڏو سورويز ٻلوان پرش جنم وٺندو، جيڪو ظالمن جو وناش ڪندو. وقت پئي 19 جون سنہ 1595ع تي ٻالڪ هرگوبند جو جنم ٿيو.

سري گرو ارجن ديو صاحب 1 سيپٽيمبر 1581ع تي گرگديءَ تي براجمان ٿيا هئا. گرو صاحبن جو وڏو ڀاءُ پرٿيچند گروگدي نہ ملڻ سبب پنهنجي ڀاءُ، گرو ارجن ديو سان ويرورودڙ رکندو هو. پرٿيچندَ صلهي خان نالي مغل فوج جي هڪ سپهہ سالار کي گرو ارجن ديو صاحب جي خلاف حملي ڪرڻ واسطي همتايو.

سنگت کي جڏهن اِن جو پتو پيو تہ گرو صاحبن کي اِنهيءَ ڳالهہ جي سوچنا ڏيئي مغلن سان صلح ڪرڻ وسطي چٺي موڪلڻ لاءِ چيو، پر گرو صاحب خاموش رهيا. مغل سينا جڏهن وڌيڪ نزديڪ اَچي پهتي، تہ سنگت گرو صاحبن کي ٻہ معزز ماڻهو موڪلڻ لاءِ عرض ڪيو. گرو صاحب وري ٻہ اَڏول رهيا.

سنگت جڏهن ٽيون دفعو ڪجهه قدم کڻڻ لاءِ گرو صاحبن کي وينتي ڪئي، تڏهن گرو صاحبن فرمايو :

پرٿمي متا جم پتري چلاوَءُ،
ڏُتيئي متا ڏُئي مانڪ پهُچاوءُ
ترتيئي متا ڪچ ڪرو اُپاوا
مئن سيپ ڪچ چوڌ پريپ ٽهي ڏِئائِنا (ص.371)

ارٿ - پهرين مونکي چني لکڻ جي صلاح ملي، ٻئين دفعي ٻن معزز ماڻهن کي موکلڻ جي صلاح ملي. ٽئين دفعي کو اُپاءُ ڪرڻ لاءِ چيو ويو، پر هي پريو! مون سڀ جتن ڇڏي صرف تنهنجو سمرن ڪيو.

جڏهن صلهي خانُ پرٿيچند جو سِرُن جو بنو ڏسڻ لاءِ گهوڙي تي چڙهي باهِر جي ڪُوري پرسان پهتو، تڏهن باهِر جي سيڪ سبب گهوڙو ٽهي پيو ۽ صلهي خان باهِر ڪِري رک ٿي ويو. ڪنهن به مسلمان لاءِ باهِر سڙي مرڻ تمام خراب مڃيو ويندو آهي.

گرو ارجن ديو صاحب جي شهيدي

مغل بادشاه اَڪبر جي موت بعد جهانگير گدي نشين ٿيو. ڪيترن تعصبي مسلمانن، مُلائن ۽ گرو صاحبن جي وروڌيُن، گرو ارجن ديو صاحب جي خلاف جهانگير جا ڪنَ پريا. گرو صاحبن کي لاهور گهرايو ويو. لاهور وڃڻ کان اڳ گرو صاحبن حڪم ڏنو ته سندن جوتي جوت سمائجڻ بعد، گرو گدي سري هر گوبند کي سونپي وڃي. گرو صاحبن جي لاهور پهچڻ تي بادشاه جهانگير کين اسلام قبول ڪرڻ يا موت لاءِ تيار رهڻ جو حڪم ٻڌايو. گرو صاحبن اسلام قبول ڪرڻ کان صاف انڪار ڪيو. جلادن گرو صاحبن جي تَنَ کي ڪيترا عذاب ڏنا. ٻرندڙ باهه مٿان وڌو ٿئو رکي اُن تي گرو صاحبن کي وهاري، هنن جي مٿان تتل گرم واري(ريت) وڌي ويئي.

گرو صاحب اکال پرک جي پاڻي تي صبر ڪري آڏول وينا رهيا ۽ ايڪ اونڪار جو جاپ ڪندا رهيا. سندن سڄو سرير قٽن ۽ زخمن مان پرجي ويو. مئي 1606ع ۾، گرو صاحبن کان سندن آخري اِڇا پڇي ويئي. گرو صاحبن راوي نديءَ ۾ اشنان ڪرڻ جي اڇا ظاهر ڪئي. گرو صاحب راوي نديءَ ۾ ٽُبي لڳائي آنترڌان ٿي ويا.

گرو ارجن ديو صاحب سڄي دنيا آڏيان صدق ٿي قائم رهڻ، پنهنجي ڌرم تي آٽل رهڻ ۽ آڪال پُرک جي حڪم ٿي راضي رهڻ جو بيمثال سنيهو ڏيئي، آمر شهيديءَ جو جام پيتو.

گرو ارجن ديو صاحب جون حاصلاتون

1) گرو ارجن ديو صاحبن پنهنجي ۽ پاڻ کان اڳ جي‌چئني گرو صاحبن، ۱۵ پڳتن ۽ يارهان پٽن جي ٻاڻيءَ کي ترتيب ڏيئي گرو گرنٿ صاحب جو سمپادن، پائي گرداس نالي هڪ مها ودوان کان ڪرايو ۽ منش جاتيءَ جو روحاني ڪلياڻ ڪيو.

2) گرو صاحبن سري هرمندر صاحب، آمرتسر سروَر، سري رامپور صاحب جي آڏاوَت جي ڪم کي سمپورن ڪرايو.

3) گرو صاحبن سيني سِکن کي پنهنجي سڄ جي ڪمائيءَ مان ڏهون حصو (دسونڌ) گروءَ جي نِمِت ڪڍڻ جو حڪم جاري ڪيو.

◆◆

٦ سري گرو هرگوبند صاحب

ڇهين پاتشاهي (1595ـ 1644)

پنجين پاتشاهي، سري گرو ارجن ديو صاحب جي شهيديءَ بعد، سري گرو هرگوبند صاحب(جنم 19 جون 1595ع)، ستگرو نانڪ ديو صاحب جي ڇهين سروپ ۾ گرو گديءَ تي براجمان ٿيا. بابا ٻڌا جن، سري گرونانڪ ديو صاحب جي شروع ڪيل مريادا انوسار، سري هرگوبند صاحب کي تِلڪ لڳايو. بابا ٻڌي لڳاتار پنجن گرو صاحبن کي مستڪ تي تِلڪ لڳائي گروگديءَ تي براجمان ڪيو هو. گرو هرگوبند صاحب جي پڙهائي ۽ شستر سِکيا جي ذميواري پڻ بابا ٻڌا صاحب ڪنئي هئي.

بادشاه جهانگير گرو هرگوبند صاحبن کي ڪيترا سال گوالیار جي قلعي ۾ نظربند رکيو هو. اُن وقت اٽڪل 52 هندو راجائون پڻ انهيءَ قلعي جي قيدخاني ۾ بندي هئا. هڪ مسلمان درويش ميان مير صاحب، بادشاه جهانگير کي چيو تہ توهان سري گرو هرگوبند صاحب کي بندي بڻائي وڏو گناهہ ڪيو آهي ۽ خدا توهان کي ڪونہ بخشيندو. جهانگير ڈاڍو گهبرائجي ويو ۽ گرو صاحبن جي درشن ڪرڻ جي بهاني سان کين دهليءَ آڇڻ لاءِ نيٺ ڏنائين. پر ستگرو سري هرگوبند صاحب ٻين قيدين جو خيال رکندي، اِهو شرط رکيو تہ جيسين سڀني قيدين کي آزاد نہ ڪيو ويندو، تيسين مان پاڻ بہ ٻاهر نہ نڪرندس. نيٺ سڀني قيدين کي آزاد ڪيو ويو. گرو صاحبن کي سڀ گهٽي عزت سان ''بندي چوڑ'' نالي سان سڏڻ لڳا.

گرو هرگوبند صاحبن کي ميري ۽ پيريءَ جا مالڪ ڪري بہ سڏيندا آهن ڇاڪاڻ تہ هوءَ بہ تلوارون رکڻ لڳا هئا. مغل حڪومت جو هندن مٿان ظلم جو راڄ تمام وڌي ويو هو. ايتري

قدر جو پنجين پاتشاهي سري گرو اَرجن ديو کي بيحد عذاب ڏيئي کين شهيد کيو ويو هو.

گرو هرگوبند صاحبن هندن کي يڪمشت ڪرڻ ۽ کين هٿيارن هلائڻ جي سِکيا ڏيڻ جو پرٻنڌ کيو. مغل بادشاه جهانگير هندن متان وڌيڪ ظلم ڪرڻ لڳو. گرو صاحبن مغلن جي ظلم کي روڪڻ ۽ هندن جي رکيا ڪرڻ واسطي، مغل سينا سان چار پيرا ننڍيون ننڍيون جنگيون جوڙيون ۽ هر دفعي گرو صاحبن کي دشمن تي فتح حاصل ٿي هئي.

گرو هرگوبند صاحبن ٽي شاديون کيون هيون. پهرين شادي ماتا دامودريءَ سان، جنهن مان اولاد هون بابا گرديتا ۽ بيبي ويرو. ٻين شادي : ماتا نانکيءَ سان. اولاد هون بابا اَٽيراءِ، بابا اَٽل راءِ ۽ سري گرو تيغ بهادر. ٽين شادي : ماتا مهاديويءَ سان - اولاد هون بابا سورج مل. ڪن پستڪن مطابق گرو صاحبن جي هڪ شادي ٿي هئي (ماتا دامودريءَ سان) جنهن مان کين چار سُپُتر ۽ هڪ نياڻي هئي.

بابا ٻڌا جو ديهانت

بابا ٻڌا جو ديهانت سري گرو هرگوبند صاحبن جي حضوريءَ ۾ ٿيو هو. بابا ٻڌا اَنت سمي ۾ سري گرو هرگوبند صاحبن کي ياد ڪري رهيا هئا. گرو صاحب جلد ئي بابا ٻڌا جي ڳوٺ ۾ اَچي پهتا. گرو صاحبن جو درشن ڪري بابا ٻڌا ڏاڍو گدگد ٿيو ۽ وينتي ڪيائين تہ مون تي مهر ڪريو. گرو صاحبن فرمايو تہ توهان تہ پاڻ وڏا گيانوان آهيو، توهان تہ اَڳين پنجن گرو صاحبن جي حضوريءَ ۾ رهي چڪا آهيو ۽ سچکنڊ جا اَزخود حقدار آهيو. بابا ٻڌا جن اَنت ويلي ۾ گرو صاحبن جو درشن ڪري، هِن ناسونت سنسار جو تياڳ ڪري سچکنڊ پهتا.

مغلن جا حملا :

سري گرو هرگوبند صاحبن کي پکڙڻ واسطي مغل بادشاه انيڪ بار فوج موڪلي هئي پر گرو صاحبن جو وار بہ ونگو نہ ٿيو هو. گرو صاحب سدائين شانت چِت رهندا هئا.

هڪ ڏڳا، گرو صاحب پاڻيءَ جو کيرتن ڪري رهيا هئا تہ سندن هڪ سِک جنرل، مغل سينا جي حملي جي خبر گرو صاحبن کي ڏني. گرو صاحبن فرمايو تہ شانت رهو. ڊڄڻ جي کا ضرورت ڪانهي. سچ ڪجهہ اَڪال پُرک جي مرضيءَ سان ٿيندو ۽ کيرتن ڪندا رهيا. کيرتن سماپت ڪري، اَرداس کيائون . پوءِ پنهنجي سينا کي ساڻ ڪري دشمن جو مقابلو کيائون ۽ فتح حاصل ٿين.

جوتي جوت سمائڻ کان اڳ گرو صاحبن پنهنجن شِشن کي اُپديش ڏيندي چيو تہ منهنجي چالاڻي کان پوءِ شوڪ يا دُک نہ ڪندا، چو تہ مان پنهنجي اصلي گهر وڃان ٿو. جيڪو منهنجي وچنن جو پالن ڪندو، اُهو مونکي پيارو لڳندو. توهان سڀ پنهنجي هِردي ۾ پرپوءَ جي نام جو جاپ ڪريو. پوءِ گرو صاحبن پاڻي ڳُردِتا جي پُٽ، هرِ راءِ صاحب اَڳيان پنج پيسا ۽ هڪ ناريل رکي، پنج دفعا پريڪرما ڏيئي، بابا بڈا جي سُپُتر پاڻي پاناجيءَ کان گريائيءَ جو تِلڪ لڳارائي هر راءِ صاحب کي گرگديءَ تي براجمان ڪيو.

◆◆

۷ سري گرو هرراءِ صاحب

ستين پاتشاهي (1630 ـ 1661)

سري گرو هر راءِ صاحب، سري گرو نانڪ ديو صاحبن جو ستون سروپ هئا. گرو هر راءِ صاحب جو جنم بابا گُردِتا جي گهر ماتا نِهالِ جي ڪُک مان 16 جنوري سنہ 1630ع تي ڪيرتپور ۾ ٿيو هو. بابا گُردِتا، سري گرو هرگوبند صاحب جو سُپُتر هو. سري گرو هر راءِ صاحب جي پڙهائي ۽ شستر وديا سکڻ، گهوڙي سواري وغيرہ سري گرو هرگوبند صاحب جي سار سنڀار هيٺ ٿي هئي. سري گرو هرراءِ صاحب جو وِواهہ اُتر پرديش جي آنوُپ ڀَوٽ ۾ رهندڙ، پائي ديارام جي ڏيءُ بيبي ڪرشنا (سُلکڻي) سان ٿيو هو. گرو هرراءِ صاحب کي ٻہ سُپُتر هئا - بابا اَمر راءِ ۽ بابا هرڪشن.

سري گرو هر راءِ صاحب بيحد ديالو سُڀاوَ جا مالڪ هئا. هو شڪار کيڏڻ لاءِ جڏهن جهنگل ۾ ويندا هئا، تڏهن جانورن کي مارڻ بجاءِ جيڪي جانور بيمار هوندا هئا، اُنهن کي پڪڙي پاڻ سان کڻي ايندا هئا. اُنهن جي ديکپال ڪري، واپس جهنگل ۾ موڪلي ڇڏيندا هئا. گرو صاحبن دواخانا کولايا، جتي غريبن ۽ ضرورتمند انسانن ۽ جانورن جي دوادرمل ۽ سار سنڀال جو بندوبست رکيو ويو هو.

گرو هرراءِ صاحب وٽ 2,200 گهوڙي سوارن جي ننڍي فوج هر وقت تيار هوندي هئي. گرو صاحبن اِها فوج حملي ڪرڻ واسطي نہ بلڪ ضرورت پوڻ تي آتم رکيا واسطي رکي هئي. مغل بادشاہ شاه جهان جو پٽ داراشِڪوهہ، جڏهن پنهنجي ڀاءُ اورنگزيب جي ظلم کان بچڻ لاءِ گرو هرراءِ جن جي شرن ۾ آيو هو، تڏهن گرو صاحبن، داراشِڪوهہ جو پيڇو

ڪندڙ اورنگزيب جي فوج جو مقابلو ڪري دارا شِڪوهہ ڪي سلامتيءَ سان لاهور پهچڻ ۾ مدد ڪئي هئي.

سري گرو هرراءِ صاحب 7 جولاءِ 1661ع تي، پنهنجي ننڍي سُپُتر سري هرڪِشن راءِ آڻيان پنج پيسا ۽ هڪ ناريل رکي، پنج پيرا پرڪرما ڪري، متو ٽيڪي، سري گرونانڪ ديو جي سمي کان هلندڙ مريادا انوسار، بابا ٻڌا جي سُپُتر پائي پاناجيءَ کان گريائيءَ جو تِلڪ لڳارائي آنين پاتشاهيءَ جو اعلان ڪيو.

◆◆

٨ سري گرو هرڪِشن صاحب

آئين پاتشاهي (1664 ــ 1666)

سري گرو هر ڪشن صاحب جو جنم ستين جولاءِ 1656ع تي ڪيرتپور ۾ ٿيو هو. گرو صاحب جڏهن گرگدي‌ءَ تي براجمان ٿيا تڏهن سندن عمر صرف سوا پنج سال هئي. اِها آڪال پُرک جي مرضي ۽ مهر هئي، جو ايتري ننڍي عمر ۾ گرو نانڪ ديو صاحب جي گدي‌ءَ تي براجمان ٿيا. هنن ثابت ڪري ڏيکاريو تہ روحاني ڪرشمن جو عمر يا سرير سان لاڳاپو ڪونهي. گرو صاحبن کي سنگت ۽ راجا جئسِنگهہ وينتي ڪئي تہ توهان هڪ دفعو دهلي‌ءَ جي سنگت کي درشن ڏيو. گرو هرڪِشن صاحب پنهنجي ماتا ۽ ڪجهہ ٻين ساٿين سان گڏ دهلي‌ءَ ڈانهن روانا ٿيا. پهرين اَمبالا جي پنجوکڑا ڳوٺ ۾ رکيا. اُتي رهندڙ هڪ اَهنڪاري پنڊت، گرو صاحبن کي چيو تہ پنهنجو نالو هرڪشن رکيو اَٿيئي تہ گيتا جي ڪن شلوڪن جو اَرٿ تہ ڪري ٻڌاءِ. گرو صاحب نِماڻائي‌ءَ سان وراڻيو تہ مان تہ اَڪال پرک جو هڪ داس آهيان، توهان هن ڳوٺ جي ڪنهن بہ شخص کي وٺي اَچو. اُهو توهان کي اَرٿ ڪري ٻڌائيندو. اُهو پنڊت ڳوٺ جي هڪ مهامورڪ ۽ گونگي بڪاري‌ءَ کي وٺي اَچي گرو صاحبن اڳيان بيهاريو. گرو صاحبن هن ڈانهن نهاريو ۽ سندس متي تي هڪ ننڍي ڇَڙي‌ءَ سان ڇُهاءُ ڏيئي چيو تہ گيتا جي شلوڪن جو اَرٿ ڪري ٻڌاءِ. هن تمام سهڻي نموني سان گيتا جا شلوڪ پڙهڻ ۽ اُنهن جو اَرٿ ڪرڻ شروع ڪيو. پنڊت جو اَهنڪار ٽُٽي پيو ۽ گرو صاحبن جا چرڻ چُمي سندن شِش ٻڌيو.

اُتان سري گرو هرڪشن صاحب رستي تي منزلون هڻندا ۽ نام جو پرچار ڪندا دهلي‌ءَ ۾ راجا جئسِنگهہ جي محل تي

اَچي پهتا. نئي دهليءَ جو هيءُ ساڳيو اِستان آهي جتي هنومان مندر جي ويجهو بنگلا صاحب نالي سان مشهور وڏو گُردوارو آهي.

گرو هرڪشن صاحب دهليءَ ۾ سنگت کي گرو شبد جو اُپديش ڏيندا رهيا. ڪجهه وقت بعد دهليءَ ۾ چيچڪ (ماتا) جي بيماري ڦهلجي ويئي هئي ۽ عام ماڻهو بيحد پريشان هئا ۽ گرو صاحبن کي مهر ڪرڻ لاءِ ٻاڏائڻ لڳا. گرو صاحبن اها بيماري پاڻ تي کڻي ورتي ۽ گهڻي تڪليف ۾ اَچي ويا. جوتي جوت سمائڻ وقت پنج پئسا ۽ هڪ ناريل کڻي، بڪالا شهر طرف منهن ڪري ''بابا بڪالي'' پڪاري، گروگدي‌ءَ جي وارث ڏانهن اِشارو ڪيائون.

◆◆

۹ ۔ سري گرو تيغ بهادر صاحب

نائين پاتشاهي (1621ع ــ 1675ع)

سري گرو تيغ بهادر صاحب جو جنم 1 اَپريل 1621ع تي ستگرو سري هرگوبند صاحب جي گهر ۾ ٿيو هو. گرو تيغ بهادر صاحبن جو وِهاڻ ۽ ياڻي لعلچند جي سپتريءَ، بيبي گوجريءَ سان ٿيو. سري گرو هرگوبند صاحب جي جوتي جوت سمائجڻ کان پوءِ شري گرو تيغ بهادر صاحب (جڏهن اَڄان گر گديءَ تي براجمان نه ٿيا هئا) پنهنجي ماتا صاحب نانکي ۽ ڏرم‌پتني گوجريءَ سان گڏ اَچي بکالا ڳوٺ ۾ نواس کيو هو ۽ اَکال پرک جي ڏيان ۾ مگن رهندا هئا. گرو صاحبن جو سُپاڻ ويراڳي ۽ ايکانت پسند هو.

سري گرو هرکشن صاحب جڏهن بکالي ڏانهن اِشارو کيو هو، تنهن کان پوءِ گرو نانک ديو صاحب جا ويجهن توڙي دور جي رشتيدارن بکالي ۾ اَچي ديرو جمايو هو ۽ پاڻ کي گرو گديءَ جو اصلي حقدار سڏائي، گرو بڏجي شِشن کان پيٽاڻون ونڻ لڳا. هڪ دفعي لهاڻي سِک مکڻ شاهه جو جهاز سمنڊ ۾ آفت هيٺ اَچي ويو. هن گرو نانک ديو صاحب جو ڏيان ڏري وينتي ڪئي ته هي سچا پاتشاهه! مهر کريو، مان سلامت گهر پهچي توهان اَڳيان پنج سوَ مهرون پيٽ رکندس. مکڻ شاهه نائين پاتشاهيءَ جي ڳولها کندو بکالي پهتو. اُتي هيترا گرو گديءَ جا داعويدار ڏسي هن اصلي گرو صاحب کي ڳولهڻ جي رمز سوچي. هر هڪ گروءَ اَڳيان ۾ مهرون رکندو مٿو ٽيکيندو ويو ۽ سيني کيس آشيرواد ڏني پئي. پر جڏهن گرو تيغ بهادر جي ديري تي پهچي گرو صاحبن اَڳيان ۾ مهرون رکي مٿو ٽيکيو ته جاڻي جاڻڻهار ستگُرَ ڏاڍي پيار سان سندس مٿي تي هٿ رکي پڇيو ته هي سِکا! تون پنج سوَ مهرن جي سُکا باسي صرف ۾ مهرون ڇوٽو رکين؟ مکڻ شاهه لهاڻو ڏاڍو گدگد ٿي ديري جي کوڻي (کُڏ) تي چڙهي ويو ۽ زور زور سان اعلان ڪرڻ لڳو ته ”مون گرو لڌو آهي، گرو لڌو آهي.“

پوءِ ته سچي سنگت اَچي ڪني تي ۽ گرو صاحبن جي جئڻ جڪار ٿيڻ لڳي.

بابا ٻڌا جي پوٽي، بابا گُردِتا، 1664ع ۾ گرو صاحبن کي مريادا اَنوسار مستڪ تي تِلڪ لڳائي گرو نانڪ ديو جي گديءَ تي براجمان ڪيو. پائي‌مکڻ شاه گرو صاحبن اَڳيان پنج سو مهرون پيتا رکي مٿو ٽيڪيو. پوءِ گرو صاحبن بکالي مان اَچي اَنندپور صاحب وسايو. گرسنگت‌کي درشن ڏيئي هنن جا دُک دور ڪندا رهيا.

اُن وقت دهليءَ ۾ اورنگزيب جو راڄ هو. اورنگزيب هندن کي مسلمان بڻائڻ لاءِ ظلم جو گهوڙو تيز ڪري رکيو هو. مٿرا ڪاشي ۽ ٻين ڪيترن شهرن ۾ هندن جي مندرن کي ڌهرائي اُنهن مٿان مسجدون جوڙائيندو هو. هندن جي گهرن ۽ سندن ملڪيت ۽ عورتن جي عزت محفوظ نه هئي. ڪشمير جي پنڊتن گرو صاحبن کي اَچي دانهن ڏني ته بادشاه اورنگزيب کين اسلام قبول ڪرائڻ لاءِ مجبور ڪري رهيو آهي. هو ڌرم جي رکيا ڪرڻ لاءِ ٻاڌائي رهيا هئا. گرو صاحبن کين آڌت ڏيندي چيو ته توهين اورنگزيب کي چئو ته جي گرو تيغ بهادر اسلام قبول ڪندو ته اَسان به قبول ڪنداسين.

اِن ڳالهه جي خبر اورنگزيب تائين پهچائي ويئي. اورنگزيب ڏاڍو خوش ٿيڻ لڳو هوُ سوچڻ لڳو ته گرو تيغ بهادر کي مسلمان بڻائڻ ۾ ضرور ڪامياب ٿيندو ۽ پوءِ سارو پارت اسلام ڌرم قبول ڪندو. گرو صاحب پاڻ سان گڏ پنجن سِکن (پنج پيارا) کي وٺي دهليءَ لاءِ روانا ٿيا. دهليءَ ۾ اورنگزيب گرو صاحبن کي اسلام قبول ڪرڻ لاءِ زور پريو ۽ چيو ته توهان اسلام قبول ڪندا ته سڄو پارت پڻ اسلام قبول ڪندو، مان اُنهن کي وڏيون جاگيرون، نوڪريون ۽ انعام ڏينڊس. اُن حالت ۾ توهانجو مرتبو به وڌندو. توهان جا مُريد

وڏندا ۽ توهان هِند ۾ اسلام جا وڏا ڏنيا ٻڌجندا.

گرو تيغ بهادر صاحبن اسلام قبول ڪرڻ کان اِنڪار ڪيو. اورنگزيب سخت ناراض ٿيو ۽ گرو صاحبن کي پنجن سِکن سميت قيدخاني ۾ بند ڪري هنن سان اَنيڪ قسمن جون عَقوبتون ڪرڻ لڳو. آخرڪار اورنگزيب کين موت جي بہ ڏمڪي ڏني. گرو صاحبن پنهنجي سُپُتر گوبندراءِ کي چئي لکي ٻڌايو تہ اورنگزيب بيحد ظلم ڪري رهيو آهي ۽ هاڻي سندس حڪومت گهٽو وقت جيئڻ نہ ڏيندي. هڪ ٻيءَ چئيءَ ۾ گرو صاحبن پنهنجي سُپُتر کي آزمائڻ لاءِ هيٺيون دوهو لکي موڪليو :

ਬਲੁ ਛੁਟਕਿਓ ਬੰਧਨ ਪਰੇ,
ਕਛੂ ਨ ਹੋਤ ਅਪਾਇ
ਕਹ ਨਾਨਕ ਅਬ ਓਟ ਹਰ,
ਗਜ ਜਿਉ ਹੋਹਿ ਸਹਾਇ.

(سلوڪ م.9)

جواب ۾ سري گوبندراءِ کين لکي موڪليو :

ਬਲ ਹੋਆ ਬੰਧਨ ਛੁਟੇ, ਸਭ ਕਿਛੁ ਹੋਤ ਅਪਾਇ
ਨਾਨਕ ਸਭ ਕਿਛੁ ਤੁਮਰੈ ਹਾਥ ਮੈ,
ਤੁਮ ਹੀ ਹੋਤ ਸਹਾਇ.

گرو صاحبن جڏهن اَهڙو سمجهہ پريو ۽ نمرتا وارو جواب پڙهيو، تڏهن هُنن سمجهي ورتو تہ سندن فرزند گوبندراءِ هاڻي گريائي سنيالڻ جي لائق آهي ۽ اُتان ئي پنج پئسا ۽ ناريل رکي، مريادا مطابق متو ٽيڪي، گريائي پنهنجي سُپُتر گوبندراءِ کي سونپي ڇڏي.

گرو صاحبن جي شهيديءَ کان اڳہ پائي مَتي داس کي کارائيءَ سان چيريو ويو. گرو صاحبن پنهنجي هڪ سِک کي سمجهائي ڇڏيو هو تہ جنهن وقت تلوار سان سندن

سِرُ ڏڙ کان ڏار ڪيو ويندو، اُن وقت اُهو سِرُ سندس هنج ۾ اَچي پوندو ۽ هوُ اُن کي ڪٽي وڃي سلامتيءَ سان اَنندپور پهچائيندو.

جنهن وقت جلاد تلوار هلائي گرو صاحبن جو سِرُ ڏڙ کان ڏار ڪيو هو، تنهن وقت آسمان جو رنگ خون جهڙو لعل ٿي ويو ۽ زبردست واچوڙو لڳڻ لڳو ۽ چوڏاري اوُندهِ اَنڌڪار ٿي ويو. رعيت سمجهڻ لڳي تہ ڪو گهور پاپ جو ڪم ٿيو آهي. اوندهِ جو فائدو وٺي لکي شاه نالي سندن هڪ شِش گرو صاحبن جو ڏڙُ ڪٽي وڃي پنهنجي جهوپريءَ ۾ رکيو ۽ جهوپڙيءَ کي سامان سميت باهِ لڳائي ڇڏي. اُن استان ٿي هاڻي رڪاب گنج صاحب گردوارو آهي. گرو صاحب جو سِرُ هڪ شِش جي گود ۾ وڃي پيو، جنهن کي هوُ هڪ چادر ۾ ويڙهي اَنندپور ڪٽي ويو ۽ سري گوبندراءِ کي ڏنائين. گرو صاحبن جي پوٽر سِر جو ڏاڍي اَدب ۽ مريادا سان اَگني سنسڪار ڪيو ويو. دهليءَ جي چاندني چوڪ ۾ گرو صاحبن جي شهيديءَ واري استان ٿي هاڻي تمام شاندار شيش گنج گرودوارو نهيل آهي.

گرو تيغ بهادر صاحب ڏرم خاطر بيمِثال قرباني ڏيئي هندو ڏرم جي رکيا ڪئي. اِن ڪري سري گرو تيغ بهادر صاحبن کي ''ڏرم جي چادر'' يا ''هِند کي چادر'' سڏيندا آهن. اِن شهيديءَ جي باري ۾ سري گرو گوبند صاحب جن جي پوٽر مُک مان هيءَ اُچاريل هاڻي پرسِڌ آهي :

تيغ بهادر کي چلت ، پيو جگت کو شوک
هيءُ هيءُ هيءُ سب جگ پيو،
جيءُ جيءُ جيءُ سُر لوک.

◆◆

۱۰ سري گرو گوبند سنگھ صاحب

(ڏهين پاتشاهي (1666ع ــ 1708ع)

سري گرو گوبند سنگھ صاحب جو جنم 25 ڊسيمبر 1666ع ۾ ستگرو سري تيغ بهادر صاحب ۽ ماتا گوجريءَ جي گهر پٽنا صاحب (بهار) ۾ ٿيو هو. سري گرو تيغ بهادر صاحب جي شهيديءَ وقت، سري گوبندر راءِ (گوبند سنگھ) صاحب آيا ۹ ورهين جا ٻالڪ هئا. تڏهن 11 نوبمبر 1675ع تي گرو گديءَ تي براجمان ٿيا. اڪال پُرک جي اڪنڊ جوت ۽ گرو نانڪ ديو صاحب جي سروپ سبب، گرو صاحب ٻال اوستا ۾ ئي بيحد ٻڌيمان ۽ بُردبار تي پيا هئا. گرو صاحبن جي پڙهائيءَ واسطي مُنشي چند صاحب کي خاص طور رکيو ويو هو جيڪو گرو صاحبن کي گرو ٻاڻيءَ جو اڀياس پڻ ڪرائيندو هو.

گرو گوبند سنگھ صاحبن جو وهانءُ 20 جون 1677ع تي لاهور جي پائي هرجس ڪتريءَ جي سُپُتري جيتو ديويءَ سان ٿيو هو، جنهن ۾ن صاحبزادن - بابا اجيت سنگھ (سنہ 1687ع) ۽ بابا جهونجهار سنگھ (سنہ 1690ع) کي جنم ڏنو. ماتا جيتو جو ديهانت سنہ 1693ع ۾ ٿيو. ماتا گوجري ۽ سنگت جي ڏاڍي زور پرڻ تي گرو صاحبن جو ٻيون وهانءُ شريرام شرن ڪتريءَ جي سُپُتري ماتا سُندريءَ سان سنہ 1694ع ۾ ٿيو. ماتا سندريءَ ۾ن صاحبزادن - بابا زوراور سنگھ (سنہ 1696ع) ۽ بابا فتح سنگھ (سنہ 1699ع کي جنم ڏنو.

گرو صاحبن ڌرم پرچار جي ڪم کي تيز ڪيو ۽ ساڻئي وقت هندن کي جنگي سکيا ڏيڻ ۽ آتم وشواس وڌائڻ جو ڪاريہ بہ زور شور سان شروع ڪيو. گرو صاحبن جي ساک ۽ نيڪ ناموسي وڌندي ڏسي، ڪِن هندو راجائن حسد وچان مغل سينا سان گڏجي اَنندپور صاحب جي قلعي تي چڙهائي ڪئي ۽ پهرو ايترو تہ پڪو

رکيو جو ٻاهران راشن پاڻي اَندر پهچي نه سگهي. گرو صاحب پنهنجي پريوار ۽ سِکن سميت قلعي اَندر بکئي پيٽ رهي مقابلو کندا رهيا پر پيش کونہ پيا. راجائن ۽ مغلن جي تمام وڏي فوج قلعي تي فتح حاصل کري نہ سگهي ۽ اورنگزيب پنهنجن قاضين هٿان پاڪ قرآن شريف جو قسم کائي، لکي موکليو تہ توهان قلعو خالي کريو، ۽ اَسان توهان مٿان وار نہ کنداسين. گرو صاحبن کي اعتبار کونہ ٿي آيو، پر ماتا گوجري ۽ ڪجهہ ٻين سِکن کي پروسو ٿيڻ لڳو جو بادشاه پاڻ قران جو قسم کائي خط لکيو هو. جڏهن گرو صاحب پريوار ۽ فوج سميت قلعو ڇڏي ٻاهر نڪتا، تڏهن مغل سينا قرآن تي ڏنل قسم ٽوڙي، هنن مٿان حملو کيو. کيترا سِک شهيد ٿي ويا. گرو پريوار وڇڙجي ويو.

گرو گوبند سنگهہ صاحب، صاحبزادي اَجيت سنگهہ ۽ جهونجهار سنگهہ ۽ چاليهن سِکن سان گڏ چمکور پهتا جتي مغل سينا اَڳيئي گهيرو کري بيٺي هئي. ٻئي صاحبزادا ۽ کيترا سِک گهيري مان ٻاهر نڪري نہ سگهيا ۽ شهيد ٿيا. گرو صاحب پنجن سکن سميت ماڇيواڙا پهچڻ ۾ ڪامياب ٿيا.

هوڏانهن ماتا گوجري ۽ ٻن صاحبزادن - بابا فتح سنگهہ ۽ بابا زوراور سنگهہ سان گڏ، سرهند پهچي ويا پر سرهند صوبي جي وزير خان کين گرفتار کيو ۽ اسلام قبول کرڻ لاءِ ٻنهي صاحبزادن کي مجبور کرڻ لڳو. ٻنهي بهادر ٻالکن اِنکار کيو، تنهن تي کين پٽيئن ۾ لِنبائي مارايو ويو. ماتا گوجريءَ کي پوٽن کان الڳ کوٺريءَ ۾ رکيو ويو هو. هن کي جڏهن پوٽن جي شهادت جي خبر ملي تہ هن جا پراڻ نڪري سچکنڊ پهتا. گرو صاحبن جي حڪم انوسار، پائي مني سنگهہ ماتا صاحب ڪئور ۽ ماتا سُندريءَ کي دهليءَ وٺي ويو.

اورنگزيب کي جڏهن گرو پريوار جي انتقال جي خبر ملي، تہ کيس پڇتاءُ ٿيو ۽ هن گرو صاحبن سان صلح ڪرڻ لاءِ قاضين هٿان کين هڪ خط موڪليو. گرو صاحبن خط جو جواب فارسيءَ ۾ لکي موڪليو، جيڪو ''ظفر ناما'' (فتح جو خط) نالي سان مشهور آهي. گرو صاحبن اورنگزيب کي لکيو تہ ''مرد اُهو سڏبو آهي، جيڪو پنهنجي قول، قرار ۽ زبان جو پڪو هجي؛ جيڪي دل ۾ هجيس، سو ئي منهن سان چوي -

''همون مرد بياد شَود سخنور،
نا شکمي دِگر در دَهانِ دِگر.''

گرو صاحبن وڌيڪ لکيو تہ جيڪي ڳالهيون تنهنجي قاضين لکيون آهن، سي تہ نيڪ آهن پر جي تون سچو آهين تہ تون پاڻ آڇي مونسان ملاقات ڪر.

قاضي مرا گُت بيرون نيَم
اگر راستي خود بِياري کدم.

چيو وڃي ٿو تہ گرو صاحبن اَهڙا هڪ هزار چار سوَ خوبصورت شعر لکي هڪ سُندر گرنٿ تيار ڪيو ۽ سِکن کان پڇيائين تہ هن ڪتاب کي اورنگزيب ٽائين پهچائڻ جو جوکم پريو ڪم ڪير ڪرڻ لاءِ تيار آهي؟ پائي ديالا سنگهہ اُنهيءَ پستڪ کي پاڪ قرآن وانگر ڪٽي اورنگزيب جي دربار ۾ پهتو. پائي ديالا سنگهہ چيو تہ مڪي شريف مان هيءُ پاڪ قرآن ڪٽي آيو آهيان. بادشاه ڏاڍي احترام سان پستڪ وٺي اَکين تي رکيو ۽ جڏهن کولي پڙهيائين تہ سندس منهن پيلو پڙجي ويو ۽ بيحد شرمسار ٿيو. پهريون دفعو کنهن همٿ واري بهادر شخص کيس واعدي شڪنيءَ سبب نِنديو هو. ڀيو تہ اورنگزيب کي پتو لڳي ڇڪو هو تہ گرو صاحب هڪ اَڪال پُرک کي مڃيندا

آهن، ٻين ديوي ديوتائن ۽ مورتي پوڄا ۽ وشواس نه رکندا آهن؛ هندو-مسلمان ۽ ٻين جاتين ۾ پيدپاو نه رکي سيني جي سهاينا کندا آهن. اورنگزيب پاڻ به هڪ خُدا کي مڃيندڙ هو ۽ بُٽپرستيءَ جي خلاف هو. اورنگزيب پائي ديالا کي عزت سان واپس موڪليو.

اورنگريب انهيءَ پڇتاءَ ۽ غم جو ڏڏکو سهي نه سگهيو ۽ جلد ئي وفات کيائين. جيڪو ڪم تلوار نه ڪري سگهي، اُهو ڪم گرو صاحبن پنهنجي قلم جي زور سان ڪري ڏيکاريو.

گرو گوبند سنگهه صاحبن، گرو گرنٿ صاحب جي ٻيڙ تيار ڪرائي، جنهن ۾ سري گرو اَرجن ديو صاحب واري تيار ڪرايل ٻيڙ ۾ نائين پاتشاهي سري گرو تيغ بهادر صاحب جي رچيل ٻاڻي درج ڪرائي.

گرو صاحب پاڻ جاڻي جاڻڻهار هئا. کين پتو هو ته هاڻي وڃڻ وڌيڪ سمو ڪونه هو. جوتي جوت سمائڻ کان صرف چار ڏينهن اڳ سري گرو گرنٿ صاحب اَڳيان پنج پيسا ۽ هڪ ناريل رکي، پنج دفعا پريڪرما ڏيئي، متو ٽيڪيائون ۽ گرونانڪ ديو جي گدي سري گروگرنٿ صاحب کي سونپي ڏني. ٻه پٺاڻ مسلمان جاسوسي ڪرڻ لاءِ گرو صاحبن وٽ اَچي رهيا هئا. هنن موقعو ڏسي گرو گوبند سنگهه صاحب جي پيٽ ۾ خنجر سان وار ڪيو. گرو صاحب 7 آڪٽوبر سن 1708ع تي جوتي جوت سمائجي ويا.

سورج کِرڻ مِلي،
جل کا جلُ هوئا رامْ
جوتي جوت رلي،
سمپورڻ ٿيِئا رام.

□□

شَجرو

١. پهرين پاتشاهي - سري گرو نانڪ ديو صاحب
جنم : سن 1469ع
جوتي جوت سمائڻ : سن 1539ع (عمر 70 سال)

٢. ٻين پاتشاهي - سري گرو اَنگد ديو صاحب
جنم : سن 1504ع
گريائي : 1539ع(عرصو-14 سال)
جوتي جوت سمائڻ : سن 1552ع(عمر48 سال)

٣. ٽين پاتشاهي - سري گرو اَمرداس صاحب
جنم : 5 مئي 1479ع
گريائي : 15 مارچ 1552ع (22 سال)
جوتي جوت سمائڻ : سن 1574ع (عمر 95 سال)

٤. چوٿين پاتشاهي - سري گرو رامداس صاحب
جنم : 24 سيپٽيمبر 1534ع .
گُريائي : 1574ع (عرصو 7 سال)
جوتي جوت سمائڻ : سن 1581ع (عمر 47 سال)

٥. پنجين پاتشاهي - سري گرو اَرجن ديو صاحب
جنم : 1563ع.
گُرگدي : 1581ع (عرصو 25 سال)
جوتي جوت سمائڻ : سن 1606ع (عمر 43 سال)

٦. ڇهين پاتشاهي - سري گرو هرگوبند صاحب
جنم : 1595ع .
گُريائي : 1606ع (عرصو 38 سال)
جوتي جوت سمائڻ : سن 1644ع (عمر 49 سال)

۷. ستين پاتشاهي - سري گرو هر راءِ صاحب
جنم : 16 جنوري، 1630ع
گُر گدي : 3 مارچ 1644ع (عرصو 18 سال)
جوتي جوت سمائڻ : 7 جولاءِ 1661ع (عمر 31 سال)

۸. اَٹين پاتشاهي - سري گرو هرڪرشن صاحب
جنم : 7 جولاءِ، 1656ع
گُر گدي : 30 جولاءِ1661ع (عرصو 3 سال)
جوتي جوت سمائڻ : 30 مارچ 1664ع (عمر 8 سال)

۹. نائين پاتشاهي - سري گرو تيغ بهادُر صاحب
جنم : 1 اَپريل، 1621ع
گُر گدي : 1664ع (عرصو 11 سال)
جوتي جوت سمائڻ : 11 نومبر1675ع(عمر54 سال)

۱۰ ڏهين پاتشاهي - سري گرو گوبند سنگهه صاحب
جنم : 25 ڊسيمبر، 1666ع
گُر گدي : 11 نومبر1675ع(عرصو 33 سال)
جوتي جوت سمائڻ : 1708ع (عمر 42 سال)

◆◆

آد سري گرو گرنٿ صاحب جي

آدِ سري گرو گرنٿ صاحب جي، سِکھ پنٿ جو روحاني گرنٿ آهي. سري گرو گرنٿ صاحب ۾ صرف ''پَرَم سچ''، ''اَکال پُرُکھ'' جي مهِما درج کيل آهي، جيڪا ''آدِ سچ، جُگادِ سچُ هئُ پي سچُ، نانک هوسي پي سچُ'' آهي. سري گرو گرنٿ صاحب ۾ سچي منش جاتيءَ کي ''ايک پٽا ايڪس کي هم بارِک'' سمجهي، سچي سنسار کي برابري ۽ منش جي پائيچاري جو تمام سُندر سنيهو ڏنل آهي.

سري گرو گرنٿ صاحب ۾ ڪُل 1430 صفحا آهن، جنهن ۾ ڇهن گرو صاحبن، پندرهن پڳٽن ۽ درويشن، ڇٽن گرو صاحبن جي تمام ويجهو گرمکن ۽ يارهن پٽن جي ٻاڻي درج کيل آهي. هن مهان گرنٿ کي تيار ڪرائڻ وارا سري گرو اَرجن ديو صاحب جن هئا ۽ آدِ گرنٿ جي لکڻ جو ڪم پائي گرداس کي سونپيو هو ۽ سري گرو اَرجن ديو صاحب خود گرنٿ صاحب ۾ لکيل ٻاڻيءَ جو جائزو وٺندا ۽ نظرثاني ڪندا هئا.

پهرين هن گرنٿ کي ''پوٿي'' ڪري چيو ويندو هو ۽ گرو نانک صاحب کي جڏهن ''ڏر کي ٻاڻي'' ايندي هئي، تڏهن پائي مرداني کي چوندا هئا : پائي مردانا رباب هٿ ۾ ڪڻ ۽ ربي ٻاڻي اُچارڻ شروع ڪندا هئا. اِها ٻاڻي پوٿيءَ ۾ درج ٿيندي ويئي ۽ گريائي سونپڻ وقت، پوٿي پڻ سونپي ويندي هئي، جيڪا آخر ۾ سري گرو اَرجن ديو صاحبن ڪني ڪري گرنٿ صاحب جي روپ ۾ تيار ڪرائي هئي.

سن 1604ع ۾ پهريون دفعو گرنٿ صاحب کي سري گرو اَرجن ديو صاحب طرفان نئين تيار ڪيل گُردئاري ''سري هري مندر'' اَمرتسر ۾ اِستاپت ڪيو ويو ۽ بابا ٻڌا صاحب

کي، جيڪو پاڻ برهم گياني هو، تنهن کي پهريون گرنٿي ڪري مقرر ڪيو ويو. گرنٿ صاحب جو جڏهن پهريون وچن ورتو ويو هو، تڏهن جيڪو شبد ظاهر ٿيو هو :

سنتان کا کارج آپ کلوئا
هر کمُ کراوَڻ آئا رام
ڏرتِ سُهاويِ تاَلُ سُهاوا
وچ انمرت جلُ چاءِئا رام. (ص.783)

ارٿ : پرماتما جواِهو برد آهي تہ هو سنتن جا کارج پاڻ سنواريندو آهي ۽ اُنهن جا سڀ ڪم پاڻ ئي ڪرائيندو آهي. جنهن جيوَ تي هن جي مهر ٿي ويڃي، تنهنڪي هردي ۾ رام روپي جل جو پرويش (داخل) ٿي ويندو آهي ۽ هن جو ڏرتيءَ روپي سرير پوتر ٿي پوندو آهي.

گرمت ۾ گرباڻيءَ جو تمام وڏو درجو مڃيو ويو آهي. پهرئين گرو صاحب سري گرو نانڪ ديو جي سمي کان وٺي 'شبد' کي گرو ڪري مڃيو ويندو آهي ۽ پوٽي صاحب کي پرماتما جو درجو حاصل هئو. سري گرو اَرجن ديو صاحبن فرمايو آهي :

پوٽي پرميسَر کا ٿانُ
ساڌ سنگم گاوهِ گٹ گوبند
پورن برهم گيانُ (ص. 1226)

سري گرو اَرجن ديو صاحب، سري گرنٿ صاحب جي سمپادن ڪرڻ وقت، خود ويڪرڻ وغيرہ جي جاچ ڪندي، سچي باڻيءَ ۾ هڪ جهڙائي رکڻ تي ڌيان ڏنو. سچي گرباڻيءَ کي ايڪتيهن راڳن ۾ ورهايو ويو. گائڻ واسطي هر هڪ شبد مٿان راڳ ۽ تال سُر واسطي گهر وغيرہ جو پورو خيال رکيو آهي. هرهڪ

شبد جي پنڻيان باقاعدي اَنگ لکيل آهن تہ جيئن وچ ۾ ٻيو کوبہ شبد جوڙي يا کڏي ٻاهر نہ ڪري سگهجي. سچي دنيا جي ودوانن گرو صاحبن جي سمپادن ڪرڻ جي هنر ۽ راڳ وديا جي ڄاڻ کي ساراهيو آهي ۽ اَهڙي قسم جي ڪوشش صرف کو نوراني نور ۽ اِلاهي ذات وارو ۽ پرماتما سان جُڙيل ستگرو ئي ڪري سگهي ٿو.

هڪ ٻي وڏي خوبي جيڪا گرنٿ صاحب ۾ ڏسڻ ۾ اَچي ٿي سا اِها آهي تہ سنسار جي مُکيہ ڏرمن ۽ مذهبن جا جيڪي ٻہ پوتر گرنٿ آهن، جهڙوڪ هندن جا وید، ٻُڌ ڏرم جو 'ڏم پد'، چار ڪتيب، توريت، جنبور، اَنجيل ۽ قرآن وغيرہ اِهي اُنهيءَ مذهب جي پايو وجهندڙ پيغمبرن جا لکيل ڪونہ آهن پر بعد ۾ هنن جي پوئلڳن جي هٿن سان لکيل آهن. سري گرو گرنٿ صاحب جي اِها خاصيت آهي تہ سچي گرو ٻاڻي گرو صاحبن، سنتن ڀڳتن جي هٿن سان لکيل ۽ شُڌ ڪيل آهي. اِن ڪري هن ٻاڻيءَ کي ''شبد گرو''، ''ايشور'' جو درجو ڏنو ويو آهي.

اِن ٻالهہ جي پڻ گرو صاحبن تصديق ڪئي آهي تہ سري گرو نانڪ ديو صاحبڪان ونڊي، سري گرو گوبند سنگهہ صاحب تائين، ڏهن ئي گرو صاحبن ۾ هڪ جوت هئي، جيڪا هر پاتشاهيءَ جي گرو گدي سونپڻ وقتِ جوت پڻ سونپي ويندي هئي. شبد :

لهڻي دي قيرائيءِ، نانڪ دوهي ڪنيئءِ
جوت اُها جڳت ساءِ سهِ ڪائنا قيرپلٽيئءِ.

(رامڪلي جي وار، ص.966)

اَرٿ : سري گرو نانڪ ديو صاحبن جي ساري وڏائي هاڻي قري پائي لهڻي کي ملي ويئي آهي ۽ اُها سري گرونانڪ ديو صاحبن واري جوت آهي ۽ ڪٽا ڪيرتن ڪرڻ واري اُها ئي جُڳت آهي ۽ سري گرو نانڪ ديو صاحبن جي سرير (ڪائنا)

کي ڦيري (پائي لهڻي) کي بدلائي ڏني آهي.

سري گرو گوبند صاحبن 1706ع ۾، سري دم دما صاحب وٽ، سري گرو گرنٿ صاحب جي ٻيڙ تيار ڪرائي. ٻيڙ جو ليکاري (لکندڙ) پائي مَني سنگهه هو. هِن ٻيڙ ۾ اَڳ ۾ لکيل ٻاڻيءَ ۾ صرف نائين پاتشاهيءَ جا شبد درج ڪيا ويا. سري گرو گوبند سنگهه جوتي جوت سمائڻ کان صرف ٻه ڏينهن اَڳ، 5 آڪٽوبر 1708ع تي مهاراشٽر جي ناندید شهر ۾، گرو صاحبن، سري گرو گرنٿ صاحب اَڳيان مٿو ٽيڪيو ۽ خالصن کي حڪم ڏنو ته اَڄ کان وٺي توهان جو گرو، صرف گرو گرنٿ صاحب ٿيندو. اَهڙيءَ طرح اڳ هلندڙ ديهه ڌاري روپ ۾ گرگديءَ جي پرمپرا کي سماپت ڪري ڇڏيو ۽ سري گرو نامڪ ديو طرفان بخشيل ''شبد گرو'' واري سڌانت کي عملي جامو پهرائي حڪم ڏنو:

آگيا ٻئي اکال کي
تبئِ چلايو پنٿ،
سب سکن کو حڪم هئِ
گرو مانيئو گرنٿ.

هيءُ مهان ڌارمڪ گرنٿ، خود گرو صاحبن ۽ پيڙتن، اَکال پرک سان لِين ٿي رچيو آهي. هن ۾ سڄيءَ منش جاتيءَ جي پلائيءَ واسطي اُپديش، چاهي هو کڻي به مذهب، ڌرم، ديش جو هجي، ڏنل آهي. اِن ڪري هيءُ سڄي سنسار واسطي هڪ وياپڪ (universal) ڌرم گرنٿ آهي جنهنڪي گرمت انوسار ''شبد گرو'' (نِرآڪار) ليکيو وڃي ٿو - گرو نانڪ ديو صاحب، گرٻاڻيءَ کي ويدن جي برابر ليکيو آهي:

سب ناد بيد گرٻاڻي
من راتا سارڱ پاڻي.

(رامڪلي م 1، ص.879)

سيني ويدن جو ناد گرباڻي آهي. جيڪو گرباڻيءَ کي وید ڪري مڃي تو اُهو ساري ناد (برهم) ۾ نسڇو رکي تو. سري گرونانڪ ديو گرباڻيءَ کي ''برهم ويچار'' ڀڻ ڪري ليکيو آهي :

جن نانڪ بولي برهم بيچارُ
جو سُٹي ڪماوي سُ اُتريء پارِ
جنمِ نہ مري نہ آوي نہ جاءِ
هر سيتي ِ اُهُ رهيءُ سماءِ.

(آسا م.5، ص.370)

گرو صاحب فرمائين ٿا تہ اسان هن برهم جي پراپتيءَ جي ويچار بابت بيان ڪيو آهي، جنهن کي جيڪو ڀڏندو ۽ عمل ڪندو اُهو (پَوَ ساگر) تري پار پوندو. هُن کي جنم ۽ مرڻ جي چڪر کان مڪتي ملندي ۽ هريءَ سان ملي هُو هريءَ ۾ لين ٿي ويندو.

گر کي باڻي جِسُ من وسيءُ
دوُک دردُ سيپ تاکا نسيءِ

(ص.1340)

اُنهيءَ پوري گروءَ جي باڻيِ جنهن منش جي من ۾ واسو ڪري ٿي، اُنهيءَ جا سيپُ دُکَ ۽ درد ناس ٿي وڃن ٿا.

پگت پندار گر باڻي لال (لعل)
گاوت سُٹت ڪماوت بِهال

(آسا م.5، ص.376)

گُرباڻي، پگتي ۽ پريم جو پندار آهي. جيڪو منش گرباڻيءَ کي راڳ (ڪيرتن) ۾ گائي تو- ڪنن سان ٻُڌي تو ۽ هردي سان ڪمائي ڪري تو (عمل ڪري تو) اُهو منش نِهال ٿي وڃي تو.

متي ڏنل سلوڪن مان پوريءَ طرح سان ظاهر ٿئي ٿو ته گر ٻاڻيءَ تي عمل ڪرڻ سان منُش جا سيڀُ دکَ ڪليش ناسُ تي وڃن ٿا. سچي گرو گرنٿ صاحب ﷺ اَهڙا وچن هر صفحي تي ڏنل آهن. صرف صدق ۽ وشواس سان گروءَ جي اُپديشن تي عمل ڪري هيءُ جنم سڦل ڪري سگهجي ٿو.

سري گُرو گرنٿ صاحب ﷺ پرماتما جا اَلڳ اَلڳ نالا ڪيترا دفعا لکيل آهن. سي ڪان گهٽا دفعا هريءَ جو نالو دُهرايو ويو آهي.

هري	8344 دفعا	الله	46 دفعا
رام	2533 دفعا	پِڱوان	30 دفعا
پريو	1371 دفعا	نرهري	29 دفعا
گوپال	491 دفعا	ڪرشن	22 دفعا
گوبند	475 دفعا	واهگرو	13 دفعا
پرماتما	324 دفعا	واهِگرو	3 دفعا
ڪرتا	228 دفعا	رگهوناٿ	7 دفعا
ناڪر	276 دفعا	مڪند	28 دفعا
داتا	151 دفعا	مادَءُ	27 دفعا
پرميشور	139 دفعا	سارنگ پان	21 دفعا
مراري	97 دفعا	وِٺل	20 دفعا
نارائڻ	89 دفعا	بنواري	15 دفعا
جگدِيش	60 دفعا	نرسنگهه	15 دفعا
آنتريامي	61 دفعا	دامودر	15 دفعا
ستنام	59 دفعا	مڌُسودن	9 دفعا
موهن	54 دفعا		

◆◆

شبد گروُ

اُهو شبد، جنهن کي اوم يا اونکار چئون ٿا، اَسان جي هِردي ۾ سوکيم طريقي سان سمايل آهي ۽ برهم جي هستيءَ ۽ سچائيءَ جو اَنُبيُو ڪرائي ٿو. برهم سڀ هنڌ حاضر ناظر آهي. سڄي سرشٽيءَ جي ذري ذري ۾ سمايل آهي. گُر شبد دڌاران منش پنهنجن سيني وِڪارن - ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهه ۽ اَهنڪار - کي وس ۾ ڪري سگهندو آهي ۽ گروءَ جي شبد سان جُڙڻ ڪري ڪيس سُڌي مت يا سوجهه حاصل ٿيندي آهي.

ڪام ڪروڌ اهَنڪار نِواري،
گُر ڪي شبد سُ سماجهه پري.

(سِدّ گوسٽ م.1 ص.939)

سري گرو نانڪ ديو صاحب فرمايو آهي ته منش جيئن جيئن ستگر جي اُپديش اَنوسار نام کي پنهنجي هِردي ۾ وِهاري ٿو، تيئن تيئن شبد دڌاران منش جو آشائون، تمنائون ۽ منشائون سڀ جلي ناس ٿي وڃن ٿيون ۽ اُهو گرمک پنهنجي هِردي ۾ شبد جي جوت کي سدائين (نِرنتر جلائي) روشن رکي ٿو.

منسا آسا سبدِ جلائي ، گُرمک جوت نِرنتر پائي
تِرئگُڻ ميٽي کائيئي سارُ، نانڪ تاري تارڻهارُ.

(سِدّ گوسٽ م.١، ص. 940)

اِنهيءَ ايشوري جوت، شبد پرڪاش جي صدقي منش مايا جي ٽِن گُڻن (ستو، رجو ۽ تمو گُڻن) جي اثر کان پاڻ کي بچائي رکي ٿو. اَهڙيءَ طرح مايا جي مار کان بچڻ واري بيحد ڏکئي(لوهه جي چڻن کي چبائڻ کان به ڏکئي) ڪم کي سُولتا سان پورو ڪري سگهي ٿو. گرو نانڪ ديو صاحب فرمائن ٿا ته منش کي هن پوَساگر مان تارڻ وارو پريو پاڻ آهي.

نِرنكار : نِرگُڻ ۽ سگُڻ شبد

نِرنكارُ آكارُ آپ نِرگُڻ سرگُڻ ايك
ايكهِ ايك بكانو نانك ايك انيك
(گوڑي باون اَكري م.5 ص.250)

نِرگُڻ نِرنكار هك آهي. ايشور پنهنجي نرگُڻ روپ كي آكار ڏارڻ كري سرگُڻ (سَگُڻ) روپ بڻيو آهي. (اِنهيءَ) هك مان اَنيك روپ ڏارڻ كرڻ واري هك (واحد) برهم جو سري گرو نانك ديو صاحب هن شبد ۾ وكاڻ (بيان) يا ورنن كيو آهي :

نِرنكار، ايشور، گرو ۽ شبد ۾ كو فرق ناهي. اِهي سڀ نِرگُڻ ۽ سَگُڻ آهن. گرو صاحبن جو وچن آهي : **آپ ستگرو آپ شبد جيئُ جُگِ جُگِ پگٹ پئاري.** (ص.286). اَهڙيءَ طرح جيئن ايشور نِرگُڻ ۽ سَگُڻ آهي، تيئن شبد جا به ٻه روپ آهن. پهريون اَكر - اَ (يا اَلف) جيكو لكي ۽ پڙهي سگهجي ٿو ۽ جنهن كي روپ يعني آكار آهي. (شريمدپگوت گيتا ۾ چوي ٿو : اَكشراڻام اَكاروسْمي. اِهو سَگُڻ روپ آهي. ٻيو روپ آهي نِرگُڻ اَ-شبد (اونكار) جيكو بِنا آكار وارو، ڌُن يا آواز آهي، جنهن كي چئي ۽ ٻُڌي سگهجي ٿو ۽ جيكو پوري كائنات ۾ گونجي رهيو آهي. اِنهيءَ نِراكار شبد يا ڌُن جو سِڌو لاڳاپو آسانجي سُرت سان ڳنڍيل آهي. انهيءَ كري شبد روپي ٻاڻي - گروءَ جو حكم يعني اُپديش، اِهي سڀ نِراكار (نِرنكار) آهن، جيكي گرو صاحبن، سنتن، ڀڳن ۽ گرمكن كي ”**ڈركي ٻاڻي**“ يا ”**اِلاهي ٻاڻيءَ**“ ڏيڻ حاصل ٿي هئي ۽ سري گروگرنٿ صاحب ۾ درج كئي ويئي. پهرين اِن كي 'پوٿي صاحب' كري سڏيو ويندو هو. سري گرو اَرجن ديو صاحب، سڀني گرو صاحبن ۽ ڀگتن جي ٻاڻيءَ كي گڏ كيو ۽ بعد ۾ سري گرو گوبند سنگهه صاحبن نائين پاتشاهيءَ جي ٻاڻيءَ كي به

گڏ ڪري، **سري گرو گرنٿ صاحب** جو سمپادن ڪري، سِکن کي حڪم ڏنوتہ ڪانئُس پوءِ ڪوبہ ديهہ ڌاري گرو نہ ٿيندو ۽ سڀيئي سِک **سري گرو گرنٿ صاحب** کي پنهنجو گرو ڪري مڃيندا. اَهڙيءَ طرح شبد گرو نرگُڻ ۽ سَگُڻ جو روپ اختيار ڪيو، جنهن کي **برهم جوت** جو درجو سروپ، سدا سلامت ''جُگُو جُگَ اَٽل'' يا نِرنڪار جو درجو ۽ مرتبو حاصل آهي.

شبد ۽ سُرت

گرو صاحبن جو وچن آهي: **سُرت شبد پوساگر ترييئُ**. سُرت ۽ شبد جي ميلاپ سان منش هِن پوساگر مان تري سگهي ٿو. سري گرو اَرجن ديو صاحب، سُرت ۽ شبد جي ميلاپ لاءِ منشن کي سولو اُپاءُ ڏسيو آهي:

انتر گُرو آراڌنا جهوا جَپ گُر ناءُ
نيتري ستگرو پيکڻا سِروٹي سُنڻا گُر ناءُ.
ستگُر سيتي رتِنا درگهہ پائيئيُ ناءِ
ڪهہ نانڪ ڪرپا ڪري جسنو ايهہ وتُ ديئِ
جگِ مهِ آتم کاڍيئهِ ورلي ڪيئي ڪيئِ.
(وار گوجري، م.5 ص.517)

جيڪو منش پنهنجي هِردي ۾ گروءَ جي آراڌنا ڪندو آهي، جپ(زبان) سان گروءَ جو نام جپيندو آهي، اَکين سان ستگرن جو درشن ڪندو رهندو آهي ۽ ڪنن سان گروءَ جو نام سُڻندو رهندو آهي، جيڪو ستگر جي شيوا ۾ رتل (رُڙل) هوندو آهي، اُهو پرلوڪ ۾ ايشور جي دربار/درگاهہ ۾ سُکہ جو استان حاصل ڪندو آهي. سري گرو نانڪ ديو صاحب فرمائن ٿا تہ جنهن منش مٽان واهگرو پنهنجي ڪرپا ڪندو آهي اُنهيءَ کي اِها وَتُ (وَستوُ) ملندي آهي. جگت ۾ اَهڙن اُتم گُڻن وارو ڪو ورلو شخص نڪرندو(ملندو) آهي.

گرمتِ اَنوسار سِک کي صرف نرنکار، اَکال پُرک واهگروُ، شبد گروءَ جي اُپاسنا کرڻي آهي. مورتي، بُت، ديهه ڌاري گروءَ وغيره جي پوجا نِشڦل آهي. پريو ميلاپ جي منزل نام جپڻ، شُبِ کرمن کرڻ ۽ دين-دُکين جي شيوا کرڻ سان حاصل ٿي سگهندي آهي. چاکاڻ تہ شبد هي نام آهي، شبد هي نرنکار آهي، شبد هي گرو آهي ۽ شبد هي پرماتما اَکال پرکہ آهي. گرونانک ديو صاحبن 'جپجي صاحب' جي پوڙي 24 ۾ فرمايو آهي:

وڈا صاحب اوچا ٹاءُ،
اوچي اوپر اوچا ناءُ
ايوڈ اوچا هوئيءِ کوءِ،
تِس اوچي کوءِ جاڻيءِ سوءِ.

اَرٿ: وڈي صاحب(پرميشور) جو ٹان۽ يعني وٿکُنٹ يا ساڌ سنگت، اوُچو آهي. هُن جو نالو اوُچي کان اوُچو آهي. اَهڙو اوُچو کو ٻيو هُجي تہ اَهڙي اوچي پرماتماکي جاڻي سگهي (مطلب هن کان وڈو يا اوچو ٻيو کو بہ کونهي).

جيکو منش شبدکي پنهنجي من ۾ وَسائي (ڌارڻ کري) ٿو، اُن جو من نِرمل ٿي وڃي ٿو. شبد سان پريت لڳائڻ واري منش کي ڌرمراج جي دربار ۾ عزت ملي ٿي. هُن جي من مان موهہ مايا ناس ٿي وڃي ٿي ۽ اُهو گرمک نام جي جپ کرڻ سان سَهج اَوستا کي حاصل کري ٿو. شبد ئي سچي سنسار ۾ روشني ڦهلائي رهيو آهي.

شبد ديپک ورتيءِ تِهہ لوءِ
جو چاکيءِ سو نِرمل هوءِ
نِرمل ناءِ هنُہ مئِہ ملُ ڈوءِ
ساچي پِڱت سدا سُکہ هوءِ.

(راڳ ڌناسري ص.664)

گرو صاحب فرمائن ٿا تہ شبد جو ديپک ٻِنهي لوکن (تِهُ لوءِ) ۾ پرکاش ڦهلائي رهيو آهي ۽ جيکو منش انهيءَ پرکاش ۾ لين ٿي وڃي ٿو، (ان جو سواد چکي ٿو، آنند ماڻي

ٿو) اُهو وِڪارن جي مئل کان مُڪت ٿي پوتر(نِرمل) ٿي پوي ٿو. نِرمل نام(شبد) من جي هٿُہ مَٹِہ کي ڏوئي، صاف پوتر ڪري ٿو ۽ منش سچي پِڇتيءَ ۾ لين ٿي، سدائين آتمِڪ سُکہ ماڻي ٿو.

گروءَ جي صورت، گروءَ جي هستي، گروءَ جي جوت، شبد ۾ سمايل آهن. گرو صاحبن جو فرمان آهي :

ستگُر نؤ سيپ ڪو ويکدا
جيتا جڳت سنسار
ڏني مُڪت نہ هووَئي،
جےچِر شبد نہ ڪري ويچار.

(ص.594)

شبد جي مهما

اُتپت پرلئ شبدي هوويءَ ،
شبدي هي قِر اوپت هوويءَ

(ماجهہ م 3، ص. 117)

شبد (برهم) سان سنسار جي اُتپتي ۽ پرلئ(وِناش) ٿيندي آهي ۽ شبد سان ئي وري سرشٹيءَ جي اُتپتي ٿيندي آهي.

شبد گرو سُرت ڏن چيلا

(رامڪلي م.1 ص.943)

سِڌ جوگين گرو نانڪ صاحبن کان پڇيو تہ تنهنجو گرو ڪير آهي؟ تون ڪنهنجو چيلو آهين؟ گرو صاحبن فرمايو تہ شبد گرُو (پار برهم) منهنجو گروآهي ۽ منهنجيءَ سُرت جو نِڪاءُ (ڏيانُ) شبد گروءَ جي ڏُنِ جو چيلو آهي.

گرو ڪا شبد امرت رس پيئُ،
تا تيرا هٹِہ نِرمل جيئُ .

(رامڪلي م.۵ ص. 891)

گروءَ جي شبد جھڑو اَمرت رس پيئُم يعني شبد جو جپ ڪر تہ جيئن تنھنجي آتما نِرمل ٿئي.

گرو کا شبد رتن ھنُ،
ھيِري جتِ جڑاءُ

(رامڪلي م 3، انند ص.920)

گرو صاحبن فرمايو آھي تہ گروءَ جو شبدُ رتن (جھڑو قيمتي) آھي، جنھن کي ھيري وانگر جڑائي (ھِردي ۾ سمائي) رکڻ کپي.

کِنا پويئي سچُ سوچا ھوءِ،
ساچ شبد بِن مُکت نہ کوءِ.

(رامڪلي م 1، ص.938)

ھن ٽُک ۾ ”سِدّ گوشٽي“ واريءَ سچي ٻاڻيءَ جو سار سمايل آھي. گرو نانڪ ديو صاحبن فرمايو آھي تہ اي سِدّ پُرشو! توھانجي ھيڏانھن ھوڏانھن ياترائن ڪرڻ سان ڇا حاصل ٿيندو. صرف سچي نام (ستنام) جپڻ سان ئي منُ سچو (پوتر) ٿيندو. سچي شبد (اُپديش) بنا ڪنھن کي بہ موکش حاصل نہ ٿيو آھي.

جيُم مندر کيُم ٽامءِ ٽنمڻُ،
تِيُم گُر کا شبدُ منھِ آستنمنُ

(گوڑي سکمني م 5، ص.282)

پنجين پاتشاھي، شري گرو اَرجن ديو صاحب فرمائن ٿا تہ جيئن مندر (يا گھر) جي ڇت کي ٽنڊين جي سھاري جي ضرورت ھوندي آھي، تيئن گروءَ جو شبد من کي سھارو ڏيندو آھي.

بِنُ شبدءِ انترِ آنيرا
نہ وستُ لھيُ نہ چوکي ڦيرا

(ماجھ م 3، ص.124)

گروءَ جي شبد (اُپديش) بنا هِردي ۾ اوندهِ هوندي آهي، اِن کري منش پنهنجي هِردي ۾ نہ آتم وَستو (گيان) کي لهي (ڳولهي) سگهي ٿو، نہ وري چوراسيءَ جي چکر (جنم-مرڻ) کان بچي سگهي ٿو.

آدِ انت ايکئِ اوتارا،
سو ئي گرو سماجهيئُ همارا

گرو صاحب فرمائن ٿا تہ جيکو آدِ ۽ آنت بنا هک ئي اَوتار (پرماتما) آهي، اُن کي ئي منهنجو گرو سمجهو.

گُرمُکہ باڻي برهم هيئِ، شبد مِلاوا هوءِ

(سري راڳ، م 3، ص.39)

هي گرمُڳ! ستگروءَ جي باڻي برهم سروپ آهي ۽ گروءَ جي شبد(اُپديش) سان ئي برهم سان ميلاپ ٿيڻ ممکن آهي.

جَن نانکُ بولئِ امرت باڻي،
گُرسِکان کئِ مَنِ پياريِ باڻي
اُپديش کري گُرُ ستگُر پورا،
گُرُ ستگُرُ پروپکارنا جيئُ.

(ماجهہ م 4، ص. 96)

گرو نانک ديو صاحب فرمائن ٿا تہ ستگُروُ، شبد روپي اَمرت باڻي سُڻائي ٿو، جيکا گُرمُکن جي من کي پياري (سُڻي) ٿي لڳي (آنندپهچائي ٿي). پوُرن ستگرو پنهنجن گُرمُکن شِشن کي شبد روپي اُپديش ڏئي ٿو، ڇاکاڻ تہ ستگرو پروپکاري آهي.

سَچا آپ سَدا هئِ ساچا،
باڻي شَبد سُڻائي

(رامکلي م3، ص.912)

پار برهم پاڻ سچو (سدائين قائم دائم رهڻ وارو) آهي ۽ ستگروءَ جي شرڻ ۾ آيل گُرمُکن کي باڻي سُڻائي ٿو.

پڳت ڪبير صاحب فرمايو آهي تہ ويدن-ڪتيبن وغيرہ
کي ڪوڙو نہ چئو. ڪوڙا اُهي آهن، جن انهن ڏارمڪ پستڪن
جو اَڀياس نہ ڪيو آهي.

بيد ڪتيب ڪهہُ مت جهوڻيءَ
جهوڻا جو نہ بيچاريءَ.

(پرياتي ڪبير، ص.1350)

گرباڻيءَ ۾ شبد گرو ڪيئن آهي؟

گرو صاحب جڏهن اُپديش ڪن ٿا (بول يا وچن ڳولين ٿا)
تڏهن روحاني گيان ۽ پنهنجو اَنيوءُ، رواجي منش جي ياشا ۾
ظاهر ڪن ٿا تنهن ۾ پرماتما جي پرڪاش جي جهلڪ هوندي
آهي. گرو صاحبن جي گرباڻي يا اُپديش ۾ 'برهمگرو' جي
روپ هجڻ ڪري اُن جو پرڪاش بہ گرو روپ آهي. اِن ڪري
گروءَ جي اُپديش کي برهم روپ شبد چيو وڃي ٿو ۽ شبد کي
'شبد گرو' ڪيو وڃي ٿو.

1) **واهہ واهہ باڻي برهم نرنڪار هئ**
تِس جيوڏ اور نہ ڪوئي.

(وار گوجري م.3،ص.515)

2) **گرمُکِ باڻي برهمُ هئ، شبد مِلاوا هوءِ.**

شبد جو انساني سروپ يا سريرـگرو سروپ :

گرمت جي اُصولن موجب، ديهہ ڌاري گرو، ايشور جو
اَوتار نہ ٿي سگهندو آهي. پر ايشور جي گيان جوت، گروءَ جي
هردي ۾ پرگهٽ ٿي سگهندي آهي. اِن ڪري ايشور جو گيان
(شبد) گروءَ جي اُپديش روپ ۾ 'شبدگرو' بڻجي سنسار آڳيان
پرگهٽ ٿئي ٿو جيئن گرو صاحبن، پڳتن وغيرہ جي باڻيءَ
دٻاران شبدگروءَ جو پرڪاش ڦهليو.

◆◆

گرہاڻي ـ گرو ـ گوبند

ہاڻي يا گرہاڻيءَ جو درجو ايڏو تہ مھان آھي، جو اُن جو ورنن ڪري نٿو سگھجي. ڳُرمت ۾ ڳُروءَ جي ہاڻي يا شبد ڳُرو يا گروءَ جي شبد جي پيٽ گروءَ سان ڪئي ويئي آھي ۽ ڳُروءَ کي گوبند (ايشور، پرماتما) يا اونڪار جو درجو حاصل آھي.

ہاڻي گرو، گرو ھئ ہاڻي
وچ ہاڻي انمرت ساري
گرو ہاڻي ڪھيءَ سيوک جَن مانيءَ
پرٹکم گرو نِستاريءَ.

(راگ نٹ، م.4 ص. 982) اشٹ 4.

(گروءَ جي)ہاڻي، سِکھ جو ڳُرو آھي ۽ ڳُرو، ہاڻيءَ ۾ موجود آھي. گروءَ جي ہاڻيءَ ۾ (اَڌياتمڪ جيون واسطي نام روپي) اَمرت آھي، جنھن کي سِکُ سدائين پنھنجي اَندر ۾ سنياڻي رکندو آھي (سدائين سِمرن ڪندو آھي). سِکھُ گرو ہاڻيءَ جو اُچارڻ ڪندو رھندو آھي ۽ اُھو سِکُ (شيوڪ) اُنھيءَ گرہاڻيءَ تي شردا ۽ وشواس رکندو آھي. گرو اُن سِکھ جو ، يقيني طور تي، ھِن يَوَ ساگر مان پار لنگھائيندو (نِستار ڪندو) آھي.

ستگُر باچھُ، باچھ ھئ ستگر
پاڌر مُکت جناوئگو.

(ڪانڑا، م.4، ص.1310) اشٹ 3.

ستگر جا وچن منش کي ھري نام جپڻ لاءِ اُپديش ڪن ٿا. اُھي وچن (وڪارن ڪان مُکتي ڈيارڻ) جو سڏو رستو ڄاڻائين ٿا. مٹي ڄاڻايل آھي تہ ہاڻي ڳُرو آھي ۽ گرو پاڻ ہاڻي سروپ آھي.

ٻاڻي اِس جڳ مهِ چانڻ
ڪرم وسيءُ مِنِ آءِ . (سري م.3، ص.67)

گُر ٻاڻي هن جڳ ۾ چاندوڪي (آتمڪ پرڪاش) ڦهلائي ٿي، ۽ اُتم ڪرم ڪرڻ واري منش جي مَنَ ۾ نِواس ڪري(وَسي) ٿي.

ستگُر هئ گيان، ستگُر هئ پوجا
ستگُرُ سيوي، اور نہ دوجا.
ستگُر تي نام رتن ڌن پائئا
ستگُر ڪي شيوا پائي هي.
(مارو سولهي م.4 ص.1071)

گيان جو داتا ستگُر ئي آهي. اُهو ئي ستگُرو پوجا جي لائق آهي. تنهن ڪري ستگُروءَ جي شيوا ڪجي، جيڪو مُڪتيءَ جو داتا آهي. ٻيو ڪوبہ هُن جهڙو داتا ڪونهي. ستگُروءَ وٽان نام روپي اَمولڪ ڌن حاصل ٿئي ٿو. تنهن ڪري اسان کي ستگُروءَ جي شيوا وڏي (پائي) آهي.

اَنمرت رَسُ ستگُرو چُٹائئا،
دَسَوي دُئار پرگٹُ هوءِ آئئا.
ڏهَ اَنحد سبَد وجهم ڌُن ٻاڻي
سَهجي سَهجِ سَمائي هي.
(مارو سولهي م.4 ص.1071)

ستگُرن اَمرت روپي رسُ پيئاريو آهي ۽ ڏهين دئار ۾ پرماتما پرگهٹ يعني معلوم ٿيو آهي. انهيءَ (دسوين) دئار ۾ اَنحد شبد جي ڌُن لڳاتار وڄندي رهي ٿي، جنهن ڪري منش (سياويڪ طور) سولائيءَ سان پرماتما سان سمائجي ويي ٿو يعني ملي ويي ٿو.

◆◆

پرماتما جا گُڻ ۽ هن جي مهِما

پرماتما جا گُڻ بي‌اَنت آهن، ڳڻڻ کان ٻاهر آهن.
گرو نانڪ ديو صاحب فرمايو آهي :

اَنت نہ صفتي، کھڑ نہ انت

(جپجي صاحب)

يعني پرپوءَ جي گُڻن جو مُلهه، قيمت ڪڍڻ کان ٻاهر آهي.

دئنا کرڻ ڈکم هرڻ،
اُچرڻ نام کيرتنهہ
دئنال پرُکہ پگوانهہ
نانک لِپتِ نہ مائنا.

(وار جئتسري سلوک ص.709)

جيڪو منش سَروَ وياپي پرماتما جي نام جو سِمرن ڪري ٿو (وڈيائي ڪري ٿو/ گُڻ ڳائي ٿو)، اُن مٿان پرپو پنهنجي مهر (ڪرپا، دیا) ڪري هُن جا دُک دور ڪري ٿو. گرو نانڪ ديو صاحب فرمائين ٿا تہ اُهو منش پرپوءَ جي ڪرپا سان مايا جي موهہ (مايا جار) ۾ نہ ڦاسندو آهي.

ددا داتا ایک ہئ
سپ کئُ ديوَنهار
دينديِ توٹِ نہ آوئي،
اگِنت پري پنبار.

(گوڑي ٻاون اکري، م5، ص.257)

'ددي' اَکر دئاران گرو صاحب فرمائن ٿا تہ داتا هڪ ئي پرماتما آهي، جو سڀني کي سڀ (نعمتون) ڈيئ وارو آهي. پرپوءَ

کي ڏيڻ ۾ ڪڏهن به کوتِ نٽي آچي، چاکاڻ ته هن جا پندار آڌُڪٽيا (اَڳنت) آهن. گرو صاحب جپ صاحب ۾ پڻ اَهڙو حوالو ڏنو آهي :

ديدا دي لئدي ٽڪ پاهِ،
جُگا جُگنتر کاهي کاهِ.

اِن کري ڏيڻ واري ڏاتار پرماتما جا هميشه گُڻ ڳائڻ گهرجن.

هي پرماتما، مان تنهنجي کهڙن کهڙن گڻن جو ورنن کريان.

کَون گڻ جو ٽُجهہ لئہ گاوءُ
کَوَن بول پاربرهم ريجهاوءُ.
(گوڑي م.5، ص.187)

هي پار برهم پرپوا! تنهنجا گُڻ بي‌اَنت آهن. مونکي سمجهہ ۾ نٽو اَچي ته، مان تنهنجا کهڙا گُڻ ڳائي، تنهنجي صفت ساراهہ کريان ۽ کهڙا بول بولي توکي ريجهايان.

سپ گڻ تيري ميءُ ناهي کوءِ.
(جپجي صاحب، پوڑي 21)

هي کرتار! سپ گڻ تو ۾ ئي آهن. مون ۾ کهڙو به (کوئي به) گُڻ ناهي.

من مان اَهنکار دور کري نِماڻو ٿجي. پاڻ کي ٽُڻ جاڻي پرپوءَ جي بندگي کجي.

وِڻ گڻ کيتي، پگت نہ هوءِ.
(جپجي صاحب، پوڑي 21)

تنهنجي گُڻ ڳائڻ کان سِواءِ پگتي نٽي ٿئي.

پاو : من ۾ پرماتما جي مهِما (گڻن) کي ڄاڻڻ ضروري آهي تہ جئن شردا ۽ وشواس پئدا ٿئي ۽ پريوءَ جي پڄتي ڪري سگهجي.

ماري راکي ايکو آپ،
مائکہ کي ڪاچ ناهي هاتِ

(گوڙي سکمني صاحب، م.5)

منش جي هٿِ (وَس ۾) ڪجهہ بہ نہ آهي. پرماتما پاڻ ئي جيئارڻ ۽ مارڻ وارو آهي يعني پرميشور جي حڪم تي ئي منش جي عمر جو دارو مدار آهي. گرو صاحبن جو وچن آهي :

جور نہ جيوڻ، مرڻ نہ جور

(جپ جي صاحب م.1، پوڙي 23)

مرڻ يا وڌيڪ جيئڻ، جيوَ جي وَسِ(هٿِ) نہ آهي يعني اِهو ڪم پرماتما پنهنجي هٿ ۾ رکيو آهي.

جنِ سيوئا، تِنِ پائئا مانُ

(جپ جي صاحب م.1، پوڙي 5)

جن منشن پرماتما جي شيوا (پڄتي، بندگي) ڪئي آهي، تن کي پريوءَ جي درگاهہ ۾ عزت مان حاصل ٿيو آهي.

سنجوگ وجوگ دُءِ ڪار چلاوهہ
ليکي آوهِ پاڳَ

(جپ جي صاحب م.1)

پرميشور ميلاپ ۽ وڇوڙي جون ٻہ واڻون هلائي ٿو. ليکي مطابق (ڪرمن ۾ لکيل)هر ڪنهن کي پنهنجو حصو ملي ٿو.

پاوُ : ڪُرمڪن کي پاڻ سان ملائي رکي ٿو ۽ منمُکن کي پاڻ کان وڇوڙي ٿو.

پرماتما جا گُڻ

سرو-وياپڪ پرماتما :

جو ناڪُر سد سدا حضوري
تا ڪئُ انڈا جانت دوري.

(گوڑي م.5 سڪمني 267)

بلاشڪ اُهو منش اَندو آهي،جيڪو سَروَوياپڪ (هر هنڌ حاضران حضور پرماتما کي دوُر ڏو سمجهي ۽ هن جي هستيءَ کي محسوس نڏو ڪري. اِها اَگيانتاجي نشاني آهي ته منش پاڻ ۾ سدائين وَسندڙ (اَنگہ سنگہ) سرگُڻ واهگروءَ جي چيتن شڪتيءَ (آتم جوت) کي سُجاڻي نڏو سگهي.

سو انتر سو باهر اننتُ
گهٽ گهٽ بئاپِ رهيا بِگونتُ.

(گوڑي م.5 سڪمني 293)

پرپو پرماتما ته ديهہ جي اَندر ۽ ديهہ کان باهر، ساري جڳت ۾ پرپوُر طور سان سمايل آهي (موجود آهي).

1. سيپ ڪرتا سيپ پُڄتا- (رهاءُ)
2. سُنتو ڪرتا، پيڪت ڪرتا
3. اِدرشڻو ڪرتا، دِرشڻو ڪرتا
4. اُپتِ ڪرتا، پرلئ ڪرتا
5. بئاپت ڪرتا، الپتو ڪرتا (۱)
6. بِڪتو ڪرتا، بوجهت ڪرتا
7. آوتُ ڪرتا، جاتُ پي ڪرتا
8. نِرگن ڪرتا، سرگُن ڪرتا
9. گُرُ پرساد نانڪ درسڻا

(راگ گونڊ، م.5، ص.862)

گرو صاحبن فرمايو آهي :

(1) اي پائي! پرماتما پاڻ هر شيءَ کي اُپائڻهارو (پيدا ڪرڻ وارو) ۽ هر شيءَ کي پوڳڻ وارو (ماڻڻ وارو) به پاڻ آهي.

(2) پرماتما (هر شيءَ ۾ وياپڪ رهي ٿو) پاڻ ئي سڀ ڪجهه ٻڌڻ وارو ۽ ڏسڻ وارو آهي.

(3) جيڪي ڪجهه اَدرشت (ڏسڻ ۾ نه اَچڻ وارو) آهي، اُهو به نِرگُڻ پرماتما (جو روپ) پاڻ آهي ۽ جيڪي ڪجهه درستيءَ سان (اکين سان) ڏسجي ٿو (درشت آهي) اُهو به سَرگُڻ پرماتما پاڻ آهي.

(4) ساري جڳت کي پئدا ڪرڻ وارو (اُپائڻهار) به پاڻ پرماتما آهي ۽ پرلئه ڪرڻ وارو به پاڻ آهي.

(5) سيني ۾ پاڻ وياپڪ رهي ٿو ۽ پاڻ پرماتما (وياپڪ رهندي به) نِرليپ رهي ٿو.

(6) هر هڪ منجهه پريو پاڻ ٻولڻ وارو آهي ۽ سمجهڻ وارو به پريو پاڻ آهي.

(7) پرماتما پاڻ هن جڳت ۾ اَچي ٿو ۽ پريوُ ڀِتان وڃي به پاڻ ٿو.

(8) پرماتما مايا جي ٽِن گُڻن کان پري به آهي، نِرگُڻ ۽ سرگُڻ ٽِن گُڻن ۾ سمايل به آهي.

(9) منش کي اِها سمجهڻ جي ذات گروءَ جي ڪرپا سان حاصل ٿيندي آهي تہ سيني ۾ پرماتما کي ڏسڻ جي سمجهه هُن کي اَچي.

پرماتما جي اڪٽ مهِما

پرماتما جي مهِما (وڏائي) اَڪَٽ آهي.

نا اوهُ مَري نہ هووئ سوگُ
ديدا رهيئ چوڪيئ يوگُ .

(آسا م.1 ص.9)

پرماتما نڪي مري ٿو ۽ نڪي هُن کي ڪوئي شوڪ ٿئي ٿو. هوُ (اَسان کي رزق) ڏيندو رهي ٿو ۽ هن جي رزق جو پنڌار ڪڏهن چُڪي نٽو (ختم نٽو ٿئي).

خصمُ وسارهِ تي ڪمذات
نانڪ ناَوئ باجهہ صنات.

(آسا م.1 ص.10)

جيڪي منش مالڪ کي وسارين ٿا، سي ڪمذات آهن. گرو نانڪ ديو صاحب فرمائن ٿا تہ اُهي نام کان سواءِ اَپوتر ۽ بلڪل نيچ (صنات) آهن.

نام جي مهِما

ساچي نام ڪي تِلُ وڊيائي
آکہ ٽکي قيمت نهي پائي

(آسا م.1 ص.9)

(ماڻهو) سچي نام جي فقط تِر جيتري وڏائي چئي ٽڪجي پيا، پر اُن جو اَنت (قيمت) حساب نہ ڳولهي سگهيا.

پرماتما جي مهِما(وڏائي)

جي سيِ مِلِکيئ آکڻ پاهِ
وڏا نہ هووئ گهاٽ نہ جاءِ

(آسا م.1 ص.9)

جيڪڏهن سڀ منش ملي ڪري پرماتما جي وڏائي ڇوڙ لڳن، تہ اُها وڏائي وڏي ئي پوندي، ۽ نڪو گهٽجي ويندي يعني پرماتما جي وڏائي (مهِما) اُچارڻ توڙي نہ اوچارڻ سان اوتري جي اوتري رهندي. (بي‌اَنت، بي‌حساب)

سئل پٹر مهِ جنت اُپائي
تاکا رزق آگي ڪر ڏريا.

(راگ گوجري م.5)

پهاڙن (سئل) ۽ ڪرين (پٹر) ۾ جيڪي جيو جنت ايشور پئدا ڪيا آهن، تن لاءِ رزق (اُنهن کي پئدا ڪرڻ کان) اَڳيئي تيار ڪري رکيو اَٿس (اِن ڪري پرماتما کي رازق ڪري سڏيو ويندو آهي).

جنن پتا لوکُ سٹتِ بنتا،
کوءِ نہ کِسکي ڏريا
سِرِ سِرِ رزق سَنباهي ناکُرُ،
کاهي مَنُ پيڙُ ڪريا.

(راگ گوجري م.5)

ماتا، پِتا، سنبندڌي، پُٹ، استري (بنِتا) انهن مان مونکي ڪنهنجو بہ آسرو ڪونهي يعني ڪنهن ٹي بہ آڌار (پروسو) رکي نٹو سگهجي. مالڪ پرماتما سڀ ڪنهن کي رزق پهچائي ٹو. پوءِ هي مَنَ! ٹُون ڏپُ (پيڙُ) چاجي لاءِ ٹو ڪرين؟

تون جُگِ جُگِ ايکو،
سَدا سَدا تون ايکو جي
تون نِهچل ڪرتا سو ئي

راگ آسا، م.4 (سوپرڪ)

تون (هي پرماتما) هر جُڳ ۾ ساڳيو آهين، سدائين هڪُ آهين، تون ئي اِستِر (نِشچل) يعني قائم، ڪرڻهار(ڪرتا)آهين.

ٹڈ آپي پاوي سوئي ورتي جي،
تون آپي ڪَرَهِ سڻ هوئي
ٹڈ آپي سرشٹ اُپائي جي،
ٹڈ آپي سِرِجِ سڀ گوئي
جن نانڪ گڻ گاوي ڪرتي جي
جو سڀ سيئ ڪا جاڻو ئي.
آسا م.4 (سو پُرک)

جيڪي توکي وڻي تو، اُهو ئي وَرتجي تو (عمل ۾ آڻي تو)، جيڪي تون پاڻ ڪرين تو اُهو ئي ٿئي تو. تو پاڻ سڄي سرشٽي اُپائي آهي ۽ تون پاڻ (وري) پنهنجي ناهيل سرشٽيءَ جي پرلئه ڪرين تو. گرو نانڪ ديو صاحب فرمائن ٿا تہ مان اُنهيءَ ڪرتار جا گُڻ ڳايان تو، جيڪو سڀ ڪنهن ڳالهه جو ڄاڻندڙ آهي.

گُرمُکِ لاڏا منمُکِ گوائئا
ٹڈ آپ وڇوڑيا آپ مِلائئا.
آسا م.4 (سو پُرک)

گُرمُکن (نام روپي رتن) لڏو آهي ۽ منمکن (اُن کي) وڃايو آهي يعني هي پرڀو! تون منمُکن کي پاڻ کان وڇوڑين تو (پري تو ڪرين) ۽ (گُرمُکن کي) پاڻ سان مِلائين تو.

ڪلجڳ جي حالت

ڪلي اندر نانڪا، جنڻان دا اوتارُ
پُتُ جنورا ڏيءِ جنوري
جورو جنڻا دا سِڪدارُ.
(سلوڪ م.١ ص.556)

گرو نانڪ ديو صاحب فرمائين ٿا تہ ڪلي (ڪلجُگ) اَندر (نام نہ جپڻ وارن) جنن پوتن جو جنم (اوتار) ٿئي ٿو. اُنهن جا پُٽ جنَ (پوتَ)، ڏيءُ جنوري (پوتڙي) ۽ اِستري (زال) جنن جي سِڪدار يعني مهندار /سردار وڏي جنڙي آهي، جنهن پنهنجي پريوار کي هري نام جپڻ جي رستي (راهہ) تي نہ لڳايو آهي.

◆◆

سرشٽيءَ جي رچنا

گرو نانڪ ديو صاحب فرمائن ٿا تہ سرشٽيءَ جي رچنا شبد ڏئاران ٿي هئي - جڏهن هيءَ سرشٽي ڪانہ هئي ۽ پرماتما پاربرهم شونيہ جي حالت ۾ هو، تڏهن :

اربد نربد ڈنڈوکارا، ڈرڻِ نہ گگنا حُکم اپارا
نا دِن رئن نہ چندُ نہ سورج، سُنن سماڈِ لگائدا
کاڻي نہ باڻي، پَنڈ نہ پاڻي، اُپتِ کپتِ نہ آوڻجاڻي
کنڈ پتال سپت نهي ساگر، ندي نہ نيرُ وهائِدا.
(راگ مارو م.1، ص.1035)

کيترا اَرب-کرب سال اَڳُ يعني اَٽنت (بي اَنت) سمي تائين گهور اوندهہ ڇانيل هئي، تڏهن نہ ڏرتي، نہ آڪاس هو، نہ ڏينهن ۽ نہ رات هئي، نہ چند ۽ نہ سِڄُ هو، اَڪال پُرک سُن اَوستا ۾ سماڌي لڳائي ويٺو هو. اُن سمي نہ کاڻي (جيوَ) ◆، نہ باڻي، نہ هوا ۽ نہ پاڻي هو. نہ ڏرتي هئي ۽ نہ اُن جا نوَکنڈ هئا ۽ نہ وري پاتال هو. نہ اُٽپتي هئي ۽ نہ جنمِ مرڻ جو چڪر هو. نہ ست ساگر (سمنڊ) هئا ۽ نہ ندیون هيون (جيڪي سمنڊ ۾ اَڇي پاڻي پرين).

ساڳئي شبد ۾ گرو صاحب وڌيڪ فرمايو آهي :

برهما، بسنُ، مهيس نہ کوئي،
اور نہ ديسئِ ايکو سوئي،
نارِ، پرُک نهي جاتِ نہ جنما
نا کو ڈُکُ سُکُ پائيدا.

◆ کاڻي - چار کاڻيون، جيون جي اُٽپتيءَ واسطي چار وسيلا : اَنڊج (پاڻيءَ مان)، اُدپيج (ڏرتيءَ مان)، جيرج (رڃ مان) ۽ سويدَج (پگهر مان)

تڏهن نہ برهما، نہ وشنو ۽ نہ وري مهيش (شِو) هو. هڪ پرماتما هو ۽ ٻيو ڪوبہ ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿي آيو. نہ عورت نہ مرد، نہ آدم ذات هئي ۽ نہ جنم وٺڻ وارو هو ۽ نہ ڪوئي دُک سيڪ پوڳڻ وارو هو.

آپي آپ اُپاءِ وگسيءُ، آپي قيمت پائيدا

گرو صاحبن فرمايو آهي تہ پرماتما پنهنجو پاڻ کي پاڻ مان پرگهٽ ڪري پاڻ خوش ڪيو ٿئي ۽ پنهنجي مهانتا (وڏائي ۽) جو مُلهہ (قيمت) پاڻ ئي حاصل ڪري رهيو هو.

پرماڻ : **آپي ڪنڊا تول ترازي،**
آپي تولڻ هارا.

(راڳ سوهي،م.١)

هاڻي من ۾ سوال اُٺي ٿو تہ پار برهم پرماتما هي ۽ سرشٽي ڇو ناهي؟ اُن جو جواب پڻ ساڳئي شبد ۾ گرو صاحبن ڏنو آهي.

جا تِسُ ڀاڻا تا جڳت اُپائا ۔
باجهہُ ڪلا آڏاڻ رهائا
برهما، بسنُ مهيش اُپائي،
مائا موهہ وڌائدا.

جڏهن هُن(پرماتما) کي وڻيو (سُنو لڳو) تڏهن هُن جڳت کي پئدا ڪيو ۽ بنا ڪنهن اوٽ يا ٽيڪي جي، پنهنجي شڪتيءَ (ڪلا) سان هُن آڪاش وغيرہ کي پنهنجي جاءِ تي (ٽانئيڪو ڪري) رکي ڇڏيو. هُن پاڻ، برهما، وشنو ۽ شِو کي پئدا ڪيو ۽ (جڳت ۾) مايا جو موهہ بہ وجهي ڇڏيو (پئدا ڪري ڇڏيو).

شبد جي آخرين ٽُڪ ۾ گرو صاحبن فرمايو آهي تہ :

تاکا انتُ نہ جاڻي ڪوئي،
پوري ڳڑ تي سوجهي هوئي.
نانڪ ساچ رَتي بسمادي۔
بسم ٻيئي ڳڻ گائِدا.

(بي‌اَنت پرماتما جي شڪتيءَ جو) اَنتُ ڪو بہ منش جاڻي نٿو سگھي. پر جڏھن سچي ستگروءَ جو اُپديش حاصل ٿيندو آھي، تڏھن اُنھيءَ بي-اَنت پرماتما جي شڪتيءَ جي ٻُوجھہ يا سمجھہ حاصل ٿي سگھندي آھي. گرو صاحب وڏيڪ فرمائن ٿا تہ جيڪي منش اُن سچي پرماتما جي رنگ ۾ رچي ويڃن ٿاتڏھن (سندس بي-اَنت شڪتي ڏسي) اَچرج يا وسميہ (وِسماد) ۾ پئجي ويڃن ٿا ۽ اُھي منش پريوءَ جي ڳُٹن جي ساراھہ ڪائيندا رھن ٿا.

ويدن ۾ پڻ سرشٽيءَ جي رچنا جو ذڪر آيل آھي. نِرنڪار پريوءَ جي ھڪ شبد ''اوم'' سان وايو منڈل ٺھيو. پھرين شونيہ واري اَوَستا ھئي. گرو صاحبن انھيءَ رچنا جو ذڪر ڪندي جپجي صاحب ۾ فرمان ڪيو آھي تہ اُھو ڪھڙو وقت ھو جڏھن برھم پاڻ ھن سرشٽيءَ جي رچنا ڪئي ھئي :

ڪوُڻ سُ ويلا وکت ڪوُڻ
ڪوُڻ تِٿ ڪوُڻ وار
ڪوُڻ سُ رُتي ماھُ ڪوُڻ،
جت ھوئا آڪارُ
ويل نہ پائئا پنڈ تي
جو ھووي ليک پراڻُ
وکت نہ پائئو قاديئا
جِ لِکَنِ ليکُ قراڻُ.
تِٿ وار نہ جوڳي جاڻيُ
رُت ماھُ نہ ڪوئي.
جا ڪرتا سِرني ڪئُ ساجي
آپي جاڻيُ سوئي.

(جپجي صاحب، ص.4)

اَرٿ : (سوال) اُها ويل ڪهڙي هئي، وقت ڪهڙو هو، ٽِٽ
ڪهڙي هئي، ڏينهن ڪهڙو هو، موسم ڪهڙي هئي ۽
مهينو ڪهڙو هو، جڏهن سرشتي پئدا ٿي؟

تنهن تي گرو صاحبن جيڪو جواب ڏنو - اُها ويل
پنڌتن ۾ نه ڄاڻي آهي. جي ڪين ڄاڻ هجي ها تہ اُن بابت ليک
پُراڻن ۾ لکيل هجي ها. قاضين کي ب اِهو وقتُ هٽِ ڪونہ آيو
(پتو ڪونہ پيو). جي ڄاڻ هجين ها تہ قرآن پاڪ ۾ لکي ڇڏين ها
۽ جوڳي، جيڪي سماڌي لڳائين ٿا، تن مان ڪنهن کي ب ٽِٽ،
رِتُ ۽ موسم جي خبر نہ آهي. جنهن ڪرتار سرشتي رچي آهي،
اُهو پاڻ ئي ڄاڻي ٿو تہ ڪڏهن رچنا رچي اَٽس.

اسلام ۾ پڻ سرشٽيءَ جي رچنا بابت مقدس قرآن پاڪ
جي سورہ النحل (سورهين آيت نمبر 40 ۾ ذڪر آيل آهي). عربيءَ
۾ لکيل آيت جو اُردو ۽ انگريزي ترجمو هِٽِ ڏجي ٿو :

ڪِسي چيز ڪو جب هم ڪرنا چاهين، همارا ڪهنا
يهي هئہ ڪِ اُسکو ڪهين 'ڪُنْ' يعني 'هوجا' تو وهہ
هو جائي. (ڪُن جو مطلب آهي 'هوجائو' يعني ٽيوچ)
خدا جي اَهڙي حڪم سان هيءَ مخلوقات ٺهي ويئي.

For any thing which we have willed,
we but say 'BE' and it is done.
[P.743 of the Holy QurAn Mushaf Al Madinah (IFTA)]

مقدس بائيبل جي Old Testament ۾ پڻ يهودي ڌرم جي
سنت موسز-موسا (Moses) جي پهرئين ڪتاب ۾ Geneses جي
پهرئين باب (Chapter) ۾ پڻ لکيل آهي تہ خدا چيو ''پرڪاش
ٿي وڃي'' ۽ پرڪاش ٿي ويو.

1. In the beginnning God created the Heaven and the Earth.
2. And the Earth was without form and Void.
3. And God said, let there be light and there was light.

بائيبل جي New Testament ۾ پڙ سنت John جي Gospel واري باب(Chapter) ۾ درج ٿيل آهي.

هتي صاف طور سان چيو ويو آهي ته پهرين شبد هئو ۽ اِهو شبد خدا وٽ هو يعني خدا ۽ شبد ٻئي گڏ هئا. اِهو سِڏانت ويدن ۾ پڻ ساڳيو آهي ۽ گرمت ۾ پڻ گرو صاحبن تائيد ڪئي آهي.

سرشٽيءَ جي رچنا بابت هيڏي وڏي وستار (بيان) ڪرڻ جي ضرورت ڪهڙي آهي؟ چاڪاڻ ته پار برهم پرماتما جي شڪتيءَ ۽ هستيءَ جي ڄاڻ هجڻ بيحد ضروري آهي، جيئن منش پرماتما جي شڪتيءَ جي اَچرج پري حقيقت جي ڄاڻ بعد من ۾ پڪو نِشچو رکي، پرماتما جي نام يا شبد گروءَ جو چنتن ڪري، پرماتما سان لين ٿي وڃڻ واريءَ مؤل مقصد يا منزل کي حاصل ڪري سگهي.

◆◆

تيرا ايڪ نام تاري سنسار

سري گرو گرنٿ صاحب ۾ لڳ پڳ هر صفحي تي نام جي مهما جو ذڪر ڪيل آهي. ڪٿي نام جپڻ جي نصيحت ڪيل آهي، ڪٿي نام جي مهِما ٻُڌائي ويئي آهي. ڪٿي نام سان پيار ۽ سِمرن جي ڳالهه ته ڪٿي نام جي ساڌنا ڪرڻ جو طريقو لکيل آهي. گرو صاحبن نام جپڻ کي سڀ کان اُتم ڪارج ڏسيو آهي.

اورِ ڪاج تيريٰ ڪِتيٰ نہ ڪام
مِلُ ساڌ سنگتِ ڀجُ ڪيول نام.

(ص.12)

هي منش! ٻيا سڀ ڪرم ڏرم تنهنجي ڪنهن به ڪم جا نہ آهن. ساڌ سنگت ۾ رهي جيڪو تون نام جپين ٿو، اُهو ئي سيني کان وڏيڪ سريشٽ ڪَمُ آهي.

گُرمت اَنوسار نام جپڻ کي وڏي مهانتا ڏنل آهي، ڇاڪاڻ ته نام کي 'شبدگُرو' به چيو ويو آهي ۽ گُروءَ جي ڪرپا سان شبد(نام) جپڻ سان ڏنهي لوڪن جي سوجهي يعني موُل تت جو گيان حاصل ٿئي ٿو.

نام رَتي تِرپوڻ سوجهي هوءِ

(ص.941)

گُرو صاحب جو وچن آهي :

نام سنپتِ گُر نانک کَٹُ ديئي
اُهہ مَريٰ نہ آويٰ جائي .

(ص.497)

پرماتما، سري گرو نانک ديو کي اَهڙي نام روپي سمپتي (خزانو، ملڪيت) ڏني آهي، جيڪا نہ ڪڏهن کُٽندي آهي ۽ نہ

ناس ٿيندي آهي.

گرو صاحبن ساڳئي نموني فرمايو آهي :

نام نِدان ستگُرو درڙائِئا
بِنسي نہ آوئ جائي. (ص.497)

پنجين پاتشاهي سري گرو اَرجن ديو صاحب فرمائن ٿا تہ پريئُو، جنهن منش جي هِردي ۾ (سيني سُکن ڈيڻ وارو) هري نام جو خزانو بخشيو آهي، اُهو آتمک مؤت نٿو مري ۽ جمڻ مرڻ جي چڪر کان چُٽي ٿو پوي.

پرماتما جي سَروَ وياپک شڪتي، جا سڄي سرشٽيءَ جي ذري ذري ۾ سمايل آهي، تنهنجي جاڻ يا سُجاڻپ کرائڻ واري ''شبد'' کي ''نام'' ٻہ چيو ويو آهي. انهيءَ نام يا شبد گروءَ منجهان سڀ کجهہ اُتپن ٿيو آهي (سرشٽيءَ جي اُتپتي اِن مان ٿي آهي).

نامئ هي تي سڀ کِچُ هونا
بِن ستگُر نام نہ جاپئ. (ص.٧٥٣)

جيتا کيتا تيتا ناءُ
وِڻُ ناوئ ناهي کو ٺاءُ. (ص. 4)

گرو صاحبن فرمايو آهي تہ منش جي آتما، پرماتما جو اَنش (حصو) آهي ۽ پرماتما سان ميلاپ کرڻ منش جي آخرين منزل (مول مقصد) آهي. اِن منزل تي پهچڻ جو سفر پهرين نام جپڻ سان شروع ٿئي ٿو. پرماتما جي صفت سالاهہ (ڳڻ ڳائڻ) کيرتن ۽ وينتي کرڻ، اَرداس، شُڪرانا وغيره کرڻ، اِهي اِنهيءَ آتمک سفر جون شروعاتي منزلون آهن. نامُ جپ آهي، نام سِمرن آهي، نام ڌرتيءَ ۾ ٻڇُ پوکڻ وانگر آهي. نام کي پريم

سان هِردي ۽ وَسائي، پرماتما سان لين ڏي ويڙو آهي ته جيئن هِرديہ (اَنتھکرڻ) ۽ پرماتما جو درشن پراپت ڪئي.

انتر پريم پراپتِ درسن (ص.1032)

پريم پدارتُ نام هيُ پائي
مائِئا موهَ بِناسُ (ص. 640)

نام سِمرن جي تمام وڏي مهما آهي. نام جي سِمرن سان مَنَ جا وڪار ناس ٿين ٿا ۽ مَنُ نِرمل ۽ شُدّ ٿئي ٿو. آتما جي مَئِل مِٽجي ٿي ۽ سؤکيم گيان حاصل ٿئي ٿو. اِنهيءَ آتمڪ گيان سان، پلي-بُري، پاپ-پُڃ، ڏرم-اَڏرم، سچ-ڪوڙ جي ڄاڻ (بوجھ) حاصل ٿئي ٿي. اِهو نام سِمرڻ جو اَثر آهي، جو منش پرماتما جي ويجھو ايندو ٿو وڃي. گرو صاحبن جو وچن آهي ته ڪلجُگ ۾ صرف نام جو ئي آسرو آهي.

هرِ ڪا نام انمرت ڪَلِ ماهِ

(راگ رامڪلي، م.5، ص.888)

گرو صاحبن وڌيڪ فرمايو آهي ته ڪلجُگ ۾ نام روپي اَمرت جي پراپتيءَ سان نہ صرف وڪار ناس ٿين ٿا، بلڪ منش کي سمپورڻ آتمڪ سنتوش حاصل ٿئي ٿو، جنهن ڪري منش جڏهن پريوءَ جي حڪم کي سَتِ ڪري مڃي ٿو، تڏهن هن جون ترشنائون ناس ٿي وڃن ٿيون ۽ ڪيس ڪنهن بہ قسم جي پدارتن جي ٻُکہ نٿي محسوس ٿئي.

گرمُکہ انمرت نام هيُ
جِتُ ڪاڏيُ سپ پکہ جاءِ

(ص.1250)

هڪ ٻيءَ جڳهِ تي گرو صاحبن جو وچن آهي :

انمرتُ هرِ کا نام هئ
جِتُ پيتيئُ تِکَ جاءِ . (ص.1283)

هريءَ جو نام جپڻ اَمرت سمان آهي، جنهن جي پيئڻ سان آتمڪ پياس (تِکَ) ختم ٿئي ٿي. نام سِمرن سان منش جي آتمڪ شڪتي وڌي ٿي. گرو صاحبن وري فرمايو آهي تہ :

جِسُ نام رِدي سو پُرُکُ بِدَاتا
(ص.1156)

جنهن منش جي هِردي ۾ نامَ جو واسو ٿيندو آهي، اُهو سَروَ وياپڪ سِرجڻهار پرِپوءَ جو روپ ٿي پوندو آهي.

نام رَتي جَنَ پئي پگونتا (ص.390)

جيڪي منش پرِپوءَ جو نام سمرن ڪري، پرماتما جي رنگ ۾ رڱجي وڃن ٿا، اُهي وڏي پاڳ وارا (پگونت) ٿي پون ٿا.

منش جو من مايا جي ٽنهي گڻن جي اَثر سبب ميرو آهي، اَگياني آهي ۽ اَوگُڻ پريل هجڻ ڪري پرِپوءَ کان پري آهي. شبدُ، من توڙي تَن کي پوتر ڪرڻ وارو ٽيرٿ آهي، اَمرت آهي ۽ پاپن کي پڻ ناس ڪرڻ وارو آهي. هريءَ جو نامُ، مايا جي بِک (وِکُ/وِهُ/زهر) کي مارڻ واري دوا آهي :

مائنا پئنگم سَرپُ هئ
جَگُ گهيرنا بِکُ ماءِ
بِکُ کا مارڻ هَر نام هئ
گُر گرڙ سبدُ مُکَ پاءِ (ص.1415)

مايا زهريلي نانگ وانگر آهي، مايا پنهنجي وِک سان جڳت کي ويڑهي وينِي آهي. اِنهيءَ نانگ روپي وکَ کي مارڻ يا دور ڪرڻ جو منتر صرف گرُڙ روپي هري نام آهي. سو تون گرو شبد دئاران مُک ۾ پاءِ (مُک سان جپ).

ستگُر نام درڑائي اتِ مِينا
مَنُلا گرُ مَلِگاري.
نامِيءُ سُرتِ وجي هئُ دَهم دِسِ
هرِ مُسکي مُسکَ گندَاري.
(ص.981)

هي ستگروا! پرماتما جو نامُ منهنجي هِردي ۾ دِرِڍ (پڪو) ڪري رکيو اَٽوَ، جيڪو ڏاڍو مِنو آهي ۽ (من ۾ شانتيءَ جي خوشبوءِ ڦهلائڻ واسطي) چندن (مَلاگر) کان وڌيڪ سريشٺ (ملگاري) آهي. نام جي برڪت سان منهنجي سُرت ۾ ايڏي طاقت آئي آهي جو جڳت جي ڏهن ئي ڏِسائن ۾ (چوطرف) پرماتما جي هستيءَ جي خوشبو ڦهلائي رهي آهي.

ايک سُئانُ، دُءِ سُئاني نالِ
پلکي پوکَهِ سدا پئُالَ
کوڙ چُرا، مُنا مردارُ
ڏاٽک روپ رها کرتارَ.
(سري راڳ م.۱ ص.۲۴)

هي پرپوا! اَسان سان هڪُ لوپ روپي ڪُتو (سُئانُ) ۽ آشا ۽ تِرشنا روپي ٻہ ڪُتيون (دُءِ سُئاني) ساڻُ من ۾ لڳيون پيئون آهن، جيڪي سدائين صبوح سويرو اُٿي، ناسونت

پدارتن لاءِ پونکن ٿيون يعني اسانجو منُ هميشه وڪار سان پريل وشيَن/پدارتن کي حاصل ڪرڻ جي اِڇا رکي ٿو. اَسان ڪُوڙ روپي چُري پنهنجي هٿ ۾ ڪنئي آهي ۽ ٺڳيءَ سان حاصل ڪيل پدارٿ (جيڪي حرام آهن) اُنهن کي استعمال ڪريون پيا. هي ڪرتار! اَهڙيءَ طرح اسين شڪاريءَ جو رپُ ڌاري زندگي گهاريون ٿا.

ميءِ چتِ ڪي پَنْدِ ، نہ ڪرٽي ڪي ڪارَ
هنُ بگڙيَ روپ رَها بِکرالَ
تيرا ايکُ نام تاريَ سنسارُ
ميءُ ايها آس ايهو آڌارُ.

هي پرماتما ! مان، پتي (پرماتما) جي عزت ڪرڻ جي واٽ (طريقو) نہ سکي آهيان. نہ وري مون کي شُڀ ڪرمن وارا ڪارج ڪيا آهن. اِن ڪري مان پنهنجي سچي روپ کان بگڙجي پيانک (وِڪرال) روپ واري ٿي پيئي آهيان. هي ڪرتار! هاڻي هڪ تنهنجو ئي نامُ مونکي هِن پـوَ ساگر مان تاري سگهي ٿو. اِن ڪري مونکي تنهنجي نام جي آس آهي ۽ نام جو ئي آڌار آهي.

◆◆

تشبيهون ۽ پهاڪا

تشبيهه

گروگرنٿ صاحب ۾ درج ڪيل سڄي ڀاڱي ڪاويه يا ڪوِتا ۾ ڏنل آهي ۽ آتما-پرماتما ۽ جڳت جي رهسيه ڪي عام رواجي ڀاشا يا ٻوليءَ ۾ اِنهن ڳوڙهن ويچارن ڪي سولائيءَ سان سمجهائڻ واسطي مشابهتن جو سهارو ورتل آهي ته جيئن شِشن (سِکن) کي سمجهڻ ۽ عمل ڪرڻ ۾ دِقت محسوس نه ٿئي. هونءَ به ڪوِتا ۾ مشابهتن ۽ تشبيهن کي اَوليَت مليل آهي ۽ گرو صاحبن پنهنجي وشال، دِويَ ۽ روحاني درشٽيءَ جو استعمال ڪري هر هڪ سلوڪ، پد، پوڙي بلڪ سڄيءَ ڀاڱيءَ اَندر مشابهتون ڏنيون آهن، جيڪي حيرت اَنگيز پڙ آهن. مثال طور، ''سُڄي گهر کانءَ'' جي مشابهت منش جي اُنهيءَ من سان ڪئي آهي ته جيئن سُڄي گهر ۾ کانءَ ڪونه ايندو آهي، تيئن نام بنا من (سُڄي من) اَندر آتمڪ گيان جو واسو ڪونه ٿيندو آهي. ڇڄي ڀاڱيءَ بنا هڪ پل به جيئري رهي نه سگهندي آهي، تيئن آتما پنهنجي پريتم پرماتما جي ميلاپ بنا تڙڦندي مري ويندي آهي.

گرو صاحبن جي آتمڪ گيان جي وِشالتا ظاهر ڪرڻ لاءِ هِتي ڪجهه اَهڙيون مشابهتون چونڊي ڏنل آهن، جن مان اِهو ڏسڻ ۾ اَچي ٿو ته گرو صاحبن سماج جي ڪيترن اَهڙن وشين کي چونڊي گروگرنٿ صاحب ۾ درج ڪيا آهن.

مثال طور :

1. منمُکم سدا بگم مئلا، هئُم مئُم مَلِ لائي
اسنان ڪري پر مئل نه جائي. (ص. 128)

هڏُ مڏُ سبب ميري يا گندي منمُڪ جي پيٽ، ميري يا گندي پڪيءَ (ٻگهر) سان ڪئي ويئي آهي.

2. **ستگر ساچا هئ بوهتا سبدي پر جلُ ترنا.**
(ص. 70)

سچي ستگر جي پيٽ ٻيڙيءَ سان ڪيل آهي ۽ منش شبد(نام) دئاران پوساگر تري پار پوي ٿو.

3. **مائي ايک سگل سنسارا،**
بهمُ بِدِ پاندي گهڙي ڪُمهارا. (1128)

مِٽي تہ ساڳي هوندي آهي، پر ڪُنيہر اُن مان الڳ الڳ قسمن جا باسڻ-برتڻ وغيرہ ٺاهيندو آهي. هتي گرو صاحبن سنسار جي سيني پدارتن (جڙ توڙي چيتن) کي هڪڙي ئي مِٽيءَ جي مشابهت ڏني آهي ۽ پرماتما کي هڪ ڪُنيہر جي، جيڪو ساڳي مٽيءَ منجهان اَنيڪ قسمن جون وستو (پانڊا) ٺاهي جوڙي ٿو.

مُشابهتون

گرو گرنٿ صاحب ۾ گرو صاحبن، گُرمت جي ويچارن کي پيش ڪندي ڪيتريون ئي مشابهتون ڏنيون آهن، جيئن عام ماڻهن کي گُرمت جي گُوڙهن اُپديشن کي سمجهڻ ۾ سولائي ٿئي. گر ٻاڻيءَ جو جڏهن غور سان اَڀياس ڪبو تہ گروگرنٿ صاحب جي پوتر ٻاڻيءَ ۾ مشابهتن جو اَڻٽ خزانو صاحل ٿيندو. ڪجهہ مثال هتي پيش آهن.

1. **آءُ گئا پاڇتاوٺا،**
جِتُم سُڃي گهر کانءُ.

اَرٿ : هتي منمُڪ منش جي مشابهت اُن کانءَ سان ڪئي ويئي آهي، جيڪو سُڃي گهر ۾ ايندو آهي تہ ڪجهہ

هڙحاصل نہ ٿيندو آٿس، ٽيئن منش جو سرير (من)، شبد (هري نام) بنا سُڃو گهر آهي جنهن مان اُن منش کي پرپوءَ جي پراپتي (ميلاپ) ڪڏهن بہ نہ ٿيندي، چاهي ڪيترا ڀيرا آڇي-وڃي (جنم وٺي).

2. اُتنگي پئُهري گهري گنڀيري
سسڙِ سُهيئا ڪِو ڪري، نِوڙ نہ جاءِ ٽٽي
گاڇ جِم لگا گِڙوڙي، سَکيئي ڏئُلهري
سو پي ڏهدي ڏِنڙُ مئِم مُنڊ نہ گربُ ٽٽي.
(سلوڪ واران تي وڌيڪ م.1)

لفظن جي معنيٰ :

اُتنگي -لنبي (اوچي) عضون واري. ڳاٽُ اوچو ڪري هلڻ واري (مغرور)، پئُڇهري- ٽٽن واري، سسُڙ-سسُ. سُهيئا- نمسڪار، گاڇُ- چوُنو، گِڙوڙي-پهاڙن جيڏا اوچا، ڏئُلهري- محلات، مُنڊ-عورت، اِستري، گربُ- اهنڪار، گهمنڊُ

ارٽُ : (هڪ سهيلي ٻيءَ سهيليءَ کي چوي ٿي) اي لنبي (اونچي) عضون واري (ڳاٽُ اوچو ڪري هلڻ واري (جواني جي نشي ۾ مست ڇوڪري)، توکي ڪجهہ ڳورو ڳُوڙهو ٽيڻُ گهرجي (گهمنڊ ۾ تون سسُ جو ادبُ نٽي ڪرين.)

(ٻي سهيلي جواب ٿي ڏئي) مان سسُ کي نمسڪار ڪيئَن ڪريان. اوچن (وڏن) ٽٽن ڪري مان مٽو نوڙائي نٽي سگهان.

(پهرين سهيلي چويس ٿي) اي سهيلي مون چوني جا وڏا پهاڙ ڪرندا (ڍهندا) ڏٺا آهِن، اِن ڪري اي اِستري! تون جواني (ٽٽن) جو گهمنڊُ نہ ڪر :

انتر الکُ نہ جائي لکئِا،
وچ پڑدا ھنُ منُ پائيِ.

هتي هنُ منُ جي مشابهت پڙدي سان ڪيل آهي.

هنُ منُ وڏا روگ هئِ،
سِر ماري جمڪال
هنُ منُ روگ مانک ڪو دِينا.

هتي ٻنهي پدن ۾ ”هنُ منُ“ جي پيٽ روڳ يا بيماريءَ سان ڪئي وئي آهي.

هنُ منُ ڪرم ڪِچ بِدِ نهين جاڻي
جِنُ ڪنچِر ناءِ، خاڪ سِر چاڻي

هتي ”هنُ منُ“ جي پيٽ هاڻيءَ (ڪُنجر) سان ڪئي وئي آهي، جيڪو سنان ڪري (سُٹا ڪرم ڪري) پنهنجي مٿان پاڻ مٽيِ اُڇلائيندو آهي.

هنُ منُ چوپڑ ڪيلٹا جهوني اهنڪارا
سيپ جگُ هاريءِ سو جٹيِ،
گُر سبد ويچارا.

هتي هنُ منُ جي مشابهت چوَپڑ (جوُئا) جي راند سان ڪئي آهي.

هردي واسطي ڪمل جي مشابهت :

ڪمل بگاس سدا سڪُ پا ئِئا.

سرير واسطي غفا سان مشابهت :

اِس غفا مهِ اڪٹ پندارا،
تِسُ وچ بسيءِ الک اپارا. (ص 124)

ستگور واسطي پارس سان مشابهت :

پارسِ پرسيئيءِ پارسُ هوءِ
جوتي جوتِ سماءِ. (ص 27)

سُکم ساگر ستگور واسطي:

ستگور سکم ساگر جگ انتر
هور ٿيءِ سُکمُ ناهيِ. (ص 603)

فريدا شکرَ کنبُ نِوات،
گُڙ ماکئون، مانجها دُڌ
سيي وستو مِنِئان،
ربُ نہ پاجن ٹُڈ (ص .1102)

بابا فريد فرمائي ٿو تہ سيئي منيون شيون رب (پرماتما) جي پيار جي پيٽ ۾ قُربيون آهِن.
ناد (آواز) جي پيٽ درشنِ (نظاري) سان کيل جو نمونو ڏسو :

نانک بجُليئان چمکن،
گهُرن گهٹا آتِ کاليئان
(ص. 1102)

بيوس جو شعر ڏسو :

رئِد رڙکا گوڙ گڙکا، خوب کڙکا ٿو کري،
پڙ تنبورا ساز سُرندا ، سارنگن جي سار ۾.

درِ درُ درِ درُ درِ درُ جاءِ
سو درُ کيها جتُ درِ درُ پاءِ. (ص 151)

پھاکو: باجھُ گُروُ ڈُبا سنسارُ (ص.451)
جَرِ آئيِ جوبِن هاررِئا (ص.357)

ري مَنَ ائسي هَرِ سِئُ پريتِ ڪرِ، جئسي چاترڪ ميهَ
سَرَ پِرِ ٽلَ هريِئاولي اِڪِ بوند نہ پوئيِ ڪيهہ
ري مَنَ ائسي هَرِ سِئُ پريتِ ڪرِ، جئسي جلَ ڈڈ هوءِ

آونٽُ آپي ڪوئِ ڈڈ
ڪئُ ڪپِڙِ نہ ديئِ (ص 60)

پريو پرماتما سان پريتِ ڪرڻ جيِ ريتِ جي مشابهت چاترڪ (چاتڪ) پکيءَ سان ڪيل آهي، جيڪو هيٺِ تلاءَ ۾ پريل پاڻيءَ کي ڇڏي برساتِ جيِ صاف بوند لاءِ تڙڦندو آهي. ٻيءَ سِٽ ۾ گر صاحبن ڪير ۾ پاڻيءَ جي قرباني جو مثال ڏنو آهي. پاڻي پاڻ کي سُڪائي ڪير کي بچائي قربان ٿي ويندو آهي :

حقُ پرائِئا نانڪا اُس سوئر اُس گاءِ
گُر پيرِ هاما تا پري جا مُردارُ نہ کاءِ.
(ص.41)

پرائي حق مارڻ واري جي مُشابهت ڪندي گُرو صاحبن تمام سخت اَکرن ۾ نندا ڪئي آهي :

مَنُ هالي ڪِرساڻي ڪَرِڻي
سَرَم پاڻي تَنِ ڪيتُ
نام بيجُ سنتوکُ سُهاگا،
رکُ غريبي ويسُ
ياءُ ڪرم ڪرِ جنمسي سي
گهر پاگَتُ ديکُ (ص. 595)

گرو صاحب اِنسان کي سداچار ۽ روحانيت جي اُپديش ڏيڻ جي مقصد سان کيتيءَ جھڙيِ روز مرھ وارو مثال سامھون رکيو آھي.

ميري سيجڙيئي آدنبر بڻِئا
مَنَ آننَدَ ينِئا پريبُ آوتَ سڻِئا (ص 459)

پرِيو پرماتما جي پيٽ پريتم سان کندي گُرو صاحبن گھر ۾ سندس اَچڻ جو ٻڌيِ آنند جو اِظھار کيو آھي.

سيج اکيلي نيند نھُ ننڊھُ
پِرُ پرديسِ سِڌائِئو

(ص 624)

ھن پد ۾ پرماتما جي وڇوڑي جي پيٽ کندي پريتم جي پرديس سِڌارڻ جو پيانڪ چٽِر چٽِيو آھي.

چوڑا پِنِ پلنگَ سِئُ مُنڊيِ،
سڻُ باھي سڻُ باھا
ايتي ويسُ کريندِيئي منڊيِ،
ساھُ راتون آوراھا

ھتي پريتم (پيٽ پرماتما سان) جي وڇوڑي جي ھِڪ ڏھکائيندڙ تصوير پيش کيل آھي.

بگا بگي کپڑي تيرٽ منجھ وسنِ
گھُٽگھُٽِ جيئا کاوڻي بگي نہ کھيئن

(ص 729)

سفيد ھنسن جھڑا سفيد کپڑا پائي تيرٽ اِستانن تي رھڻ بعد ٻُرا ڪم کري منش پاڻ کي شُڌ سڏائي نہ سگھندو.

کوجت کوجت کوچ بيچارِئو،
رام نام تتُ سارا (ص.611)

ٿرڻ تارڻ پريءُ تيرو نامُ (ص.393)

مئِ انڈلي ڪي ٽيڪ
تيرا نام خُندڪارا. (ص.727)

مئِ غريبُ مئِ مِسڪين
تيرا نام هئِ اڌارا. (ص.727)

ڪٽي پاپ اسنک، ناوءِ اِڪِ ڪٽي (ص.283)
روگ دارؤ دوويُ باجهيءِ، تا ويدُ سُجاڻُ (ص.148)

اُهو ئي سياڻو وڏو (حڪيم) آهي جيڪو بيماريءَ ۽ اُن علاج ۽ دوا جي ڄاڻ رکي ٿو.

ويـر وِروڊ مِٺي تن مَن تي
هَرِ ڪيرتن گُرمُک جو سُنتي (ص .259)

جيڪو گُرمُکَ هريءَ جو ڪيرتنُ ٻُڌي ٿو (۽ عملُ ڪري ٿو) اُنهيءَ جي تنَ ۽ مَنَ مان ويـر وروڊ ناسُ ٿي وڃن ٿا.

ڪِئُم درگهِ پتِ پائييءِ
جا هرِ نم وسيءُ من ماهِ (ص.121)

جي من ۾ هريءَ جو واسو نہ آهي تہ هريءَ جي دربار (درگاهہ) ۾ ڪيئن عزت حاصل ٿيندي!

پڑِ پڑ پنڊِتِ بادُ وکاڻيءِ
پِيِترِ هردي وست نہ جاڻيءِ (ص . 152)

وڏا وڏا پنڊِت (ودوان) وید پڑهي بحث ۽ واد ووادَ ۾ وقتُ برباد ٿا ڪن پر پنهنجي هردي ۾ جنهن وستوُ (اڪال پرک جي جوتِ) جو واسو آهي، تنهن کي ئي ڪونہ ٿا سُجاڻن.

ناگو آئِنَا ناگو جاسي،
وِڻُ ناوي‌ء دُکَ پائِدا.

(مارو م.3، ص 1064)

هي‌ءَ منُش هن سنسار ۾ ننگو (اُگهاڙو) آيو آهي ۽ آخر ۾ اُگهاڙو ويندو، بنا نام جپڻ جي ڪري پرماتما جي درگاهه ۾ انيڪ دُکَ ڏسندو.

بلهاري قدرت وَسِئا،
تيرا انتُ نہ جائي لکِئا

(آسادي وار م.1، ص 469)

اَسان توهان تان قربان (بلِهار) وڃون ٿا، توهان پنهنجي اَهڙي قدرت (شڪتي) ۾ وسي رهيا آهيو جنهنجو (مهِما جو) اَنتُ ڄاڻي نٿو سگهجي.

پتِت پاون ماڏوءُ بِرِدُ تيرا

(مارو م. 3 ص. 684)

هي ماڏوءَ، تون تہ پاڻ پتِتِ منُشن جو اُڌارُ ڪرڻ وارو آهين ۽ اِهو تہ تنهنجو آدِ کان وَڻي بِردُ ۽ سُڀاءُ رهيو آهي.

جو سرڻِ آويءَ، تِسُ ڪنٺ لاوَيءَ
اِهُ بِردُ سوامي سندا.

جيڪو منش تنهنجي شرڻ ۾ اَچي ٿو، تنهن کي تون گلي سان لڳائين ٿو. هي سوامي! اِهو تہ توهانجو سهج سُڀاءُ آهي.

منِ اپني تي بُرا مٹانا،
پيکَيءَ سگل سِرشٹِ ساجنا.

جيڪو منش پنهنجي من مان بُرائي مٽائي ٿو ڇڏي، اُهو سڄي سرشٽيءَ کي پنهنجي سڄڻ (پرماتما) وانگر ٿو ڏِسي.

پر کا بُرا نہ راکھِ چیت
ٹُم کو دُک نھي پائي ميت.

هي پيارا پائي! پنهنجي من ۾ ڪنهن لاءِ بُرو ويچار نہ رکُ، تہ پوءِ توکي بہ کو دُک نہ پهچائيندو.

مانس تي ديوتي ڀئي،
سچي پڱتِ جسُ ديہہ. (ص. 830)

اُهي منش ديوتائون بڻجي پيا جن کي ستگرو(برهم) سچي پڱتِ جي ذاتِ ڏني آهي.

بند خلاصي پاڻيُ هوءِ
هور آک سکيُ نہ کوءِ (ص.5)

هي پرپوا! مايا جي اَنيڪ ٻندڻن ۽ جوڙين کان ڇوٽڪارو صرف تنهنجي حڪم سان ٿي سگهي ٿو. ٻيو ڪير بہ اِن بابت ڳالهہ نٿو ڪري سگهي.

آپي سور ڪِرڻ بستار،
سوئي گپت سوئي آکار. (ص.387)

پرماتما پاڻ گرو روپي سورج آهي ۽ پاڻ ئي اُپديش روپي ڪِرڻن جو وستار (ڦهلاءُ) ڪري ٿو. هوُ پاڻ ئي نِرگُڻ (گُپت) ۽ پاڻ ئي سَگُڻ آکار وارو آهي.

مر مر جيوي تا ڪاچ پاوي. (ص. 123)

منش جڏهن مري مري جيئرو ٿئي ٿو يعني موهہ مايا جي وڪارن کان من کي ماري ٿو، تڏهن پرپوءَ جي پڱتيءَ کي من ۾ جڳائي، پرپوءَ سان من لڳائي ٿو. منهنجو پرپو هِردي ۾ وينو سپ ڪُجهہ ڏِسي رهيو آهي (هن کان ڪجهہ بہ ڳُجهو ڪونهي)،

ايک جوت جوتِ هئ سريرا. (ص.125)

سيني جي سرير ۾ هڪ جوت آهي ۽ اُها ايشور جي جوت سيني هنڌ وياپڪ آهي.

کوٽي کري تڌ آپ اُپائي. (ص.124)

هي پرپو، تو پنهنجي حڪم سان، سُڻن ۽ ٻُرن، ٻنهي قسمن جي منشن کي اُپايو (پئدا ڪيو) آهي.

انتر تيرٿ گيان هئِ
ستگُر ديئا ٻُجهاءِ. (ص. 587)

سيني منشن جي اَندر ۾ گيان روپي تيرٿ آهي. اِها ڳالهہ اسان کي ستگروءَ سمجهائي آهي. ٻيا دُنيوي تيرٿ پيٽڻ جي ضرورت ناهي. اي انسان، تون اِهو تيرٿ پيٽ تہ تنهنجو ڪلياڻ ٿيندو.

پُلٽ اندر سيکو اِيُل گرؤ ڪرتار. (ص. 61)

سڀ منش غلطيون ڪندا رهن ٿا، صرف ستگرو اڪال پُرک غلطين کان آجا آهن.

تيرا ڪيئا مينا لاگي،
هرِ نام پدارٿ نانڪ مانگي. (ص.394)

هي پرپو! تنهنجو هر حڪم (ڪم) مونکي مِٺو ٿو لڳي (تنهنجي رضا تي راضي ٿو رهان). سري نانڪ ديو صاحب پرپوءَ کي وينتي ڪندي صرف هريِ نام روپي پدارٿ گهري ٿو (مڱي ٿو).

ديوا بلئ انڌيرا جائ (ص. 791)

گيان جو ڏيئو جڏهن روشن ٿئي ٿو (ٻري ٿو) تڏهن اگيان جو اَنڌيرو ناس ٿئي ٿو.

ناوئ اندر هئم وسان ، نائم وسئِ منِ آئم.
(ص.55)

گرو صاحبن فرمايو آهي تہ جڏهن گروءَ کان حاصل کيل نام کي من ۾ وَسائبو آهي، تڏهن نام جپيندڙ جي من ۾ واهِگروءَ جو واسو ٿيندو آهي.

جپهم تہ ايکو نام،
اور نِراڦل کاما. (ص.728)

گرو صاحبن جي سِکن لاءِ آگيا آهي تہ صرف هِڪ اَکال پرک حريءَ جو نام جپيو، چو تہ ٻيا نام (پوڄائون وغيرہ) جپڻ سان کو بہ ڦل يعني فائدو نہ ملندو.

نام سنگِ جسکا منِ مانئا،
نانک تِنهِ نِرنجن جانئا. (ص.281)

جن جو من نام سان ڳنڍجي ويو آهي، سري گرونانک ديو صاحب فرمائن ٿا تہ اُنهن منشن پرماتما (نِرنجن) کي جاتو (سُجاتو) آهي.

کام کروڙ کائنا کو گالئ
جنُم کنچن سوهاگا ڈالئ. (ص.832)

کام کروڙ روپي وِکار، منش جي سرير کي اڻين ڳاري ڇڏيندا آهن، جيئن سون کي سُهاڳو ڳاري ڇڏيندو آهي.

ستگر کي مهِما ستگر جاڻئ (ص.1075)

ستگر (پرپو) پنهنجي مهما پاڻ ٿو جاڻي. هوءَ تہ بي-اَنت آهي (هن جي مهما کوئي نٿو جاڻي)

پتا کا جنم کِ جانئ پوت (ص.284)

پنهنجي پتا جي جنم جي پلا ڦٽ کي ڪهڙي خبر ٿي سگهي ٿي (پرماتما جي جنم-شڪتيءَ يا حڪم جي منش کي ڪهڙي خبر؟

تها بئڪنٺ جهَم ڪيرتن تيرا.

(ص-749)

اُهو ئي استان وئڪنٺ آهي جتي هريءَ جو ڪيرتن ٿئي ٿو (هري ڪيرتن جي ايڏي وڏي مهما چئي ويئي آهي)

سيوا ڪرت هوءِ نِهڪامي
تِس ڪنُ هوت پراپت سوامي.

(ص-286)

جيڪو منش ڦل جي اِڇا نہ رکي (نِشڪام ٿي)، هريءَ جي ۽ هُن جي بندن جي شيوا ڪري ٿو، اُن کي پريوءَ جي پراپتي ٿئي ٿي.

مانڪ ڪي ٽيڪ برٽي سيپ جانُ،
ديون ڪنُ ايڪيُ ڀگوانُ. (ص- 281)

اي بندا! منش تي پروسو ڪرڻُ وئرٽ ڪري ڇاڪ (سمجهه) ڇو تہ ڏيڻ-پالڻ وارو هڪ ئي پرميشور آهي.

گرمت نام ميرا پران سکائي
هرِ ڪيرت همري رهراس. (ص-10)

هي پريو! منهنجي اَرداس (وينتي-رهراس) اِها آهي تہ مان هريءَ جو ڪيرتن ڪندو رهان ۽ گُرمت (شبد گرو) سدائين منهنجي پرانن جو (سواسن جو) دوست-مِتر (سَکا) ٿي رهي (يعني هر سواس ۾ مان تنهنجو نام جپيندو رهان).

◆◆

پرماتما، آتما، من ۽ سرير

سڄي سرشٽيءَ جي رچنا، پار برهم پرماتما پاڻ ڪئي آهي ۽ هوُ هر شيءَ جي ذري ذري ۾ (هر هنڌ) حاضر ناظر آهي.
پرماتما منش جي سرير جو نِرماڻ بہ پاڻ ڪيو آهي.

رکتُ بِندُ مِل پِنڈُ سرينَا (ص.1026)

گرو صاحبن جو وچن آهي:

پانچ تتُ کو تَنُ رچئو،
جانهُ چَتُر سُجان (سلوڪ م.9، ص.1426)
پنج تت مِل اِهُ تَنُ .کيئا (ص.1039)

اِهي پنج تتَ آهن : ۱) ڌرتي، ۲) پاڻي، (۳) باهِ، ۴)هوا ۽ ۵) آڪاش. ساڳئي وقت پرماتما جي حڪم اَنوسار منش جو سرير، آتما ۽ من جي سنگم سان ٺهيو آهي. منش جي سرير ۾ جيسين آتما موجود آهي، تيسين هو جيئرو آهي. جڏهن آتما ديهہ کي ڇڏي وڃي ٿي، تڏهن چوندا آهن تہ 'اُهو منش مُردو آهي'.

پرماتما جي حڪم سان آتما جو سرير ۾ داخل ٿيڻ، جنم جو ڪارڻ آهي ۽ ٻِنهي (پرماتما، آتما ۽ سرير) جي وچ ۾ گهرو سنبندھ اِهو آهي جيڪو سمنڊ لهرن ۽ بُدبُدي وچ ۾ آهي. سمنڊ ۾ لهرون اُٺن ٿيون، لهرن جي شڪل سمنڊ جي پاڻيءَ کان الڳ آهي،پر لهرون سمنڊ کان جُدا ڪونہ آهن، تيئن آتما (لهرون) پرماتما (سمنڊ) ٻئي هڪ آهن پر سروپ (شڪليون) الڳ الڳ آهن. سمنڊ جي پاڻيءَ جي بوند (قطرو يا ڦُڙو) پڻ سمنڊ يا لهرن جو حصو(اَنش) آهي.

اَهڙيءَ طرح پرماتما، آتما ۽ سرير (ديهه) سڀ هڪ آهن ۽ اُنهن ۾ جي ڪوبه فرق آهي تہ صرف سرير بابت يعني سروَپ الڳ الڳ ڏسڻ ۾ اَچي ٿو. گرو صاحبن جو وچن آهي :

اي سريرا ميرنا،
هر ٽُم مهِ جوتِ رکي
تا تون جگ مهِ آئنا.

(رامکلي م.3 اَنند ص.921)

اي منهنجا سرير! جڏهن هريءَ تو منجهه (سرير ۾) جوتِ (آتما) رکي، تڏهن تون جگ ۾ آئين. (هري)پرماتما جڏهن پنهنجي جوت ماتا جي گربي ۾ پلجندڙ ديهه ۾ رکي ٿو، تڏهن ٻالڪُ پوريءَ طرح منش جي روپ ۾ جنم وٺي ٿو.

ڪائيا اندر برهما، بشنُ مهيشا
سيپ اوپت جتُ سنسارا.
ساچيءَ آپٹا کيل رچائيا،
آوا گونُ پاسارا
پوري ستگُر آپ دِکائيا،
سچ نام نستارا.

(سوهي م.3، ص.754)

هي پائي! هِن سرير ۾ اُهو پرماتما وسي ٿو، جنهن برهما، وشنو، مهيش(شِو) کي پئدا ڪيو آهي ۽ پڻ سچيءَ سرشٽيءَ جي اُتپتي ڪئي آهي. اُن سچي پرماتما پنهنجو هڪ کيل تماشو رچيو آهي ۽ جمڻ-مرڻ جي ڪيڏ (راند) پڻ شروع ڪئي آهي. جنهن منش کي پوري ستگروءَ اِها اَصليت ڏيکاري چڏي آهي، اُهو پرپوءَ جي سچي نام ۾ لين ٿي پوَساگر مان تري ويندو (هن جو نستارو ٿي ويندو).

كائنا اندر سپ كچُ وسيءِ،
كنڌ منڊل پاتالا
كائنا اندر جڳ جيون داتا،
وسيءِ سينا كري پرتپالا
كائنا كامِڻ سدا سُهيلي،
گرمكَ نام سمهالا.

(سوهي م. ٣، ص. 754)

هي منش، هن سرير اَندر ڪنڌ، منڊل ۽ پاتال (سارو جڳتُ) وسن ٿا. هِن سرير اَندر اُهو جڳت ڪي جيون ڏيڻ وارو داتار پڻ وسي ٿو جيڪو (جڳت ۾) سيني جي سار سنڀار لهي ٿو. جيڪو گرمڪ پرماتما جي نام کي پنهنجي هردي ۾ (سنيالي) وسائي رکي ٿو، اين جي ڪائنات روپي ڪامِڻ (استري) سدائين سُکي رهندي آهي.

گڑ كائنا اندر بهمُ هٺ باجارا
تِس وچ نام هئ اتِ اپارا.
گر كي شبد سدا در سوهي
هئُ مئِ مار پچاتا هئِ.

(مارو م.3، ص. 1053)

ڪايا روپي قلعي ۾ گهٽا هٽ ۽ بازارون (يعني اِندريون) آهن، اُنهن ۾ اَپار پرماتما جو نام آهي. گروءَ جي اُپديش سان جن هئُم مئُم کي ماريو آهي، ۽ پرميشور کي سُجاتو آهي، سي ئي درگاهه ۾ سونهن ٿا يعني عزت حاصل ڪن ٿا.

كائنا كٺڙ هئُ مئِ مل لائي
جي سئُ ڏوهِ تا مئِلُ نہ جائي
سبد ڏوپيءِ تا هاڪي هووي
قِر مئِلُ مول نہ هوئي هي.

(ماروم .3 ص. 154)

هي پائي! تو پنهنجي سرير کي هڻُ مڻُ جي مئل لڳائي آپوتر ڪيو آهي. جي سوَ پيرا ائين ئي ڏوئبو يعني ڪيترا به جتن ڪبا ته به اُن جي هڻُ مڻُ روپي مئل نہ لهندي. جڏهن گروءَ جي اُپديش سان (شبد گروءَ دڌاران) اُن کي ڏوئبو تڏهن شُڌ ٿيندو ۽ وري ڪڏهن به اَشُڌ (آپوتر) نہ ٿيندو.

اِس کائنا اندر وست استنکا،
گرمکھ ساچ مِليءُ تم ويکا
نڻُ درواجي، دسوي مُکتا
اناحد سبد وجاوٺا.

(ماجھ م.3 ص.110)

هن سرير اَندر (اَسنک) بي‌اَنت تمام گهٽيون وستو آهن، جڏهن گروءَ جي سکيا دڌاران سچو نام ملي ٿو، تڏهن اُهي وستو ڏسڻ ۾ آڇن ٿيون. سرير جا جيڪي نوَ دروازا آهن (به اکيون، نڪ جون به ناسکائون، به ڪن، به گُپت اِندريون ۽ هڪ مُکُ) اُنهن کي وهيہ واسنائن کان دور رکڻ سان ئي ڏهون (دَسم) دڌار ڪُلي ٿو يعني گيان پائي مُڪت ٿئي ٿو. اُٿي اناحد شبد نِرنتر (هردم) وڄي رهيو آهي، جو نام (شبد گرو) دڌاران چِت جي ايڪاگرتا حاصل ڪرڻ سبب ٻڌڻ ۾ آڇي ٿو.

ڪنچن ديهي شبد پتارو
اندِن ہوگہ ہوگي هرِ سيُڻ پيارو
ماحلا اندر غير ماحل پائي
پاٽا ٻُجھہ سماها هي.

(مارو م.3 ص.1057)

گرمکن جي ديهي، جا ڪنچن(سون) وانگر شُڌ آهي، اُن جو پَتار (مالڪ) پاڻ برهم آهي يعني هن جي (ديهہ اندر) پرماتما جو واسو آهي. اُهي رات ڏينهن آنند ماڻين ٿا چاڪاڻ

تہ اُنھن جو پيار هريءَ سان آهي. اُهي هن سرير روپي محل ۾ ٻيو محل (نج محل يا نج سروپ) پائين تا ئو پرماتما جي پاڻي کي (سمجهي) ٻجهي اُن مطابق عمل ڪري پاڻ ۾ سمائجي (لين) ٿي وڃن ٿا.

ڪُنيي نرڪُ

ٻار جڏهن ماءُ جي گرپ ۾ پلجندو آهي، تڏهن جيڪا حالت ٻار جي هوندي آهي اُن بابت ٻڌ ٻيٽيءَ سري راگ (ص.93) ۾ جيڪو بيان ڪيو آهي اُن تي ويچار ڪرڻ ضروري آهي. ٻارُ اوُندو سِرُ هيٺ ڏڙ متي، لٽڪيل هوندو آهي. پيٽ ۾ گرميءَ سبب پريشان هوندو آهي، اُن وقت ٻار جي رکيا پاڻ پرماتما ڪندو آهي. گرو صاحبن جو وچن آهي :

ڏٽيءِ تو سمرتُ، جتي ڪوهُ ناهِ
اُتي تيري رَکَ اگني اُدر ماهِ

(ص. 961)

ارٿ- گرپ ۾ جتي ڪوئي به مدد ڪرڻ وارو نہ هوندو آهي، اُتي ايشور (اُدر) اگنيءَ کان بچاوُ (سنيال) ڪرڻ ۾ سمرٿ آهي. اِنهيءَ حالت کي ڪن مهاتمائن ''ڪنيي نرڪ'' جي نالي سان سڏيو آهي. ٻالڪ جي شُرت آتما سان جُڙيل هوندي آهي ۽ شرير جي اهنڪار يا ديهہ جي ايمان کان آجو هوندو آهي؛ پر جنم وَٺڻ بعد اڪال پرکَ کي وساري ڇڏيندو آهي. ٻڌ ٻيٽيءَ جو وچن آهي:-

ري نرَ گرپ ڪُنبل جب آچت، اُرڌ ڌيان لِو لاگا
مرتڪ پنڊِ پد مد نا، اِهِنِس ايڪ اگيان سِ ناگا
تي دن سنمل ڪسٽ مها دُکم، اب چِتُ اڌڪ پسارئا
گرپ چوڑ مِرتِ منڊلَ آئئا، تئُ نر هرِ منهُ بسارِئا

اَرٽ -هي نرَ (پراڻي) جڏهن ٿون ماتا جي گرپ کنڊ ۾ اُبتو لٽڪيل هئين تڏهن تنهنجو ڏيانُ متي پرماتما ۾ هو. اُن وقت توکي پنهنجي سرير (جيکو متيءَ جي پنڊ وانگر هو) جي هستي جو اهنکار (مد) کونہ هو. ڏينهن راتِ تو (ايشور جي شرن ۾ وينتي پئي کئي تہ هن نرک کنڊ مان آجو کر) اَگيان کان آجو هئين. ٿون اُنهن کشٽن ۽ دکن وارن ڏينهن کي ياد کر. هاڻي تو پنهنجي من کي وَڌيڪ ڦاسائي رکيو آهي ۽ (مرت منڊل) سنسار ۾ اَڇڻ کان پوءِ هي نرا! تو هريءَ کان منهن ڦيري ڇڏيو آهي يعني هريءَ کي وساري ڇڏيو آهي.

منش جي جنم کان پوءِ، هُن جي سرير ۾ چنچل مَنَ جو اَڻر شروع ٿي وڃي ٿو ۽ هٿُہ متُہ جي ڄار ۾ ڦاسي پرماتما کي وساري ڇڏي ٿو. در اصل ٽيڙ تہ ائين کپي تہ من ٿي آتما جو قبضو (control) هجي ۽ من جو قبضو هجي اِندرين تي. پر هن سرير ۾ آتما ۽ منُ گڏ رهن ٿا. منُ اِندرين جي وَسِ ٿي، آتما جي قبضي کان ٻاهر نڪري ٿو وڃي. گرو صاحبن منش جي زندگيءَ کي ڏهن حصن ۾ ورهايو آهي ۽ فرمائين ٿا :

پهليءُ پئارُ لڳا ٽڻ دُڌ، دوجيءُ ماءِ باپ کي سڌِ
تيجيءُ ٻيا ٻاپي بيب، چئٽيءُ پئارِ ايپڻني کيڏ
پنجويءُ کاڻ پٽڻ کي ذاتُ، ڇويءُ کام نہ پاڇيءُ
ستويءُ سنج کيئا گهر واسُ، اٺويءُ کروڌ هئا تن ناسُ
ناويءُ ڏٽلي اُپي ساهہ، دسويءُ دڏا هئا سڀاهہ .

(ص.137)

پهرين اَوستا ۾ منش ماتا جي ڏڻن جي کير سان پيار رکي ٿو. ٻين اَوستا ۾ ماءُ پيءُ کي سُڃاڻي سگهي ٿو. اَڃا ٿورو وڏو ٿي، ٽين اَوستا ۾ ڀاءُ، ڀاڀي ۽ ٻيڙ سان موهہ وڌي ٿو.

چوٽين حالت ۾ راند روند ۾ پريت وڌي ٿي. پنجين اَوستا ۾ ڪائڻ-پيئڻ جو شونق ٿئي ٿو. ڇهين اَوستا ۾ ڪام واسنا اُٿي ٿي ۽ بنا ذات پات يا اوچ-نيچ جو ويچار ڪري، واسنا جي پوُرائي ڪري ٿو. ستين اَوستا ۾ گهر وسائڻ لاءِ ڏن ڪنو ڪري ٿو. اَٺين اَوستا ۾ ڪامنائون (اِڇائون) پوريون نہ ٿيڻ سبب، ڪروڌ اُٽپن ٿئي ٿو ۽ سرير بيمارين سبب ناس ٿيڻ لڳي ٿو. نائين اَوستا ۾ وار اَڇا ٿيڻ لڳن ٿا، ساهه ڪٽڻ ۾ تڪليف ٿئي ٿي. ڏهين اَوستا ۾ هوُ مري ٿو ۽ جلي خاڪ ٿئي ٿو.

آخرين ٽُڪ ۾ گُرو صاحبن فرمايو آهي : **نانڪ منمُک انڈ پئارُ، باجھم گُرو ڈُبا سنسارُ.** يعني من جي پٽيان هلڻ وارن منمُکن جو جڳت سان اَندو پيار(موهه) هوندو آهي ۽ گروءَ جي ڪرپا بنا، جڳت سان اَندي موهه ۾، ٻڌي رهيا آهن يعني هوُ پنهنجي دُرگتي ڪري رهيا آهن.

جيڪي منش اَڳين جنمن ۾ ڪيل سُڻن ڪرمن سبب، شبد گروءَ دٽاران، پنهنجي اَندر ۾ لڪل من کي قبضي ۾ رکي، سُرت کي آتما سان جوڙي رکن ٿا، اُنهن جي شُڌ آتما پرماتما ۾ سولائيءَ سان لين ٿي ويجي ٿي. اَهڙيءَ طرح منش جي سرير جو مَنَ، سُرت (گيان، ٻُڌي)، آتما ۽ پرماتما سان گهرو سنبنڌ آهي.

آتما-پرماتما هڪ روپ آهن.

پنچ تت مِل ڪائنا ڪيني،
تِسُ منھِ رام رتنُ لئِ چيني
آتمُ رام رام هئِ آتمُ
هَرِ پائيئيءِ شبد ويچارا هي.

(ماروم. ا ص 1030)

هي منش! تون پنهنجي هن سريِر ۾؛ جيڪو پرماتما پنجن تتن کي گڏي ٻڌايو آهي، اُن ۾ پرماتما جو رکيل رام رتن ڀُولي وڃُ (لهُ). گُروءَ جي ڪرپا سان، شبد ڌاران جيئن جيئن آتم-ويچار ڪندو رهندين، تيئن تيئن اِها سمجهه اچي ويندءِ ته آتما ۽ پرماتما ٻئي هِڪُ روپُ آهن.

ياوَ - پنهنجي هردي ۾ شبد ڌاران اِهو ڄاڻي
سگهندين ته آتما ۽ پرماتما هڪُ سروُپ آهِن.

سريِر

ڪائِنا ڪوٽُ رچائنا هرِ سچِيءِ آپي
اِڪ دوجيء ياءِ ڪٹائِڻ هٹُ مٹُ وچ وٺاپي
اِهُ مانسُ جنمُ دُلنيُ سا منمکِ سنتاپي
جسُ آپُ بجهائي سو بجهسي جسُ ستگور ٽاپي
سَپ جگُ ڪيلُ رچائِئُن سپ ورتيء آپي.
(سوهي ڪي پوڙي وار م. 4 ص 789)

هيءُ (مانکو) منش سريِر (جڏُ ته) هڪُ قلعو آهي جيڪو پاربرهم پرِيوءَ پاڻ ٻڌايو آهي. ڪيترا منُش هٹُ مئِہ ۾ مايا جي موهه ۾ ڦاسي هيءُ جنم اَجايو وڃائي ڇڏين ٿا. هيءَ منش جوڻ ڏاڍي مشڪل سان ملي ٿي پر منمک (وڪارن ۾ ڦاسي) دُکي ٿي رهيا آهن. اِها ٻوجهه (ته هيءُ جنم دُرلپ آهي) ستگر جي ڪرپا سان حاصل ٿئي ٿي. هيءَ ساري سرشٽي، پاربرهمَ پنهنجي کيل (راند) واسطي رچي آهي ۽ هر هنڌ پاڻ حاضر ناظر آهي.

هڪ سو اَٺ مٹڪن واريءَ مالها ۾ هڪ مٹڪو يا داڻو خاص هوندو آهي، جنهن کي 'ميرو مٹڪو'، شرومڻي يا سرتاج چئبو آهي. ستگر نانڪ صاحب انسان جي شريِر کي 'ميرو سريِر' ڪري سڏيو آهي :

نانک میرُ سریر کا،
اِکُ رتُ اِکُ رتُ واهُ

(آسادي وار سلوک م.1، ص.12)

حضرت عيسيٰ چيو آهي تہ ايشور منش کي پنهنجي عکس (پاڇي) وانگر ٺاهيو آهي God created man in His Own image.

منش کي اشرف المخلوقات ۽ ان کري سڏيو ويو آهي ڇاڪاڻ تہ سيني ساهہ وارن ۾ اِنسان ئي سيني کان شريشٹ ۽ اَول نمبر تي آهي. پرماتما منشن تي خاص مهر کري ڇُڏي ڏني آهي. وويک ڏنو ۽ اَهڙو نايابہ موقعو ڏنو آهي تہ صرف انساني چولي (جوُڻ) ۾ منش جي وچڑيل جيو آتما پرماتما سان ميل يا سنگم کري سگهي ٿي. گرو صاحبن جو وچن آهي:

ٻئي پراپت مانڪہ ديهُريئا،
گوبند ملڻ کي اِهہ تيري بريئا

پرميشور پنهنجي وڈي کرپا کري هيءُ سري(مانُک چولو) ڏنو آهي، جيکو هک سُندر قلعو آهي، جنهن اَندر بازار ۽ آهي، گيان اندرين روپي دُڪان ۽ آهن. جيکو منش پرماتما جو گرمُک (سنمُک) ٿي سچو واپار (نام جپڻ) کري ٿو ۽ اُهو منش سرير پنهنجي اَندر لڪائي رکيل پرپوءَ جي جوتِ کي ڳولهي لهي ٿو (ديدار کري ٿو) ۽ گيان جي پرڪاش سان سڄي جهان اَندر گپت پر سَروَ-وياپک برهم کي سُجاڻي ٿو. پنهنجي سرير کان ٻاهر هريءَ کي ڳولهڻ جي جيکي کوشش کن ٿا، اُهي منش پرم ۾ پُتليل آهن ۽ ٻيُن جڳهين تي هرڻ وانگر پنهنجي سرير ۾ لڪل کستوريءَ کي چڈي، بن-جهنگل ۾، وڻن ۽ ٻوٹن(مِڪيا فلسفن) کي نوسي نوسي کستوريءَ جي کوج کندا رهندا آهن.

كائنا كوتُ اپار هئِ اندر هنّنالي
گرمُکَ سوُدا جو ڪري، هر وستِ سمالي
نام نِدانُ هر وٽجيئِ هيري پَروالي.
وِنُ ڪائنا جم هورُ ٿيءَ
دَنُ ڪوجدي سي موڙ بيتالي
سي اُجهڙ پرم پوائيئهِ جئُ جهاڙ مرگ پالي.
(وار گوڙي م.۴، پوڙي ۳۰۹)

اِهُ سرير سيُ ڏرم هئَ،
جس ساچي ڪي وچ جوت
گ٠هجُ رتن وِچ لِڪ رهي،
ڪوئي گرمُکَ سيوڪ ڪيِ ڪوتِ.
(پوڙي وار گوڙي 40، ص.309)

هيءَ (منش جو) سرير، ڏرم اِستان يا مندر (نام جپڻ جو نِڪاڻو) آهي، جنهن ۾ سچي پرپوءَ جي جوت لِڪل آهي. هن سرير ۾ ايشور جي ڳُڻن وارا ڳُجها رتن (لعل) رکيا ويا آهن. کو گرمک گروءَ جي ڪرپا سان (پنهنجي اَندر ۾ اونهي ٽُبي لڳائي) رتن ڳولهي ڪڍي سگهي ٿو.

اِندريون

پرماتما منش ڪي ڏهه اِندريون ڏيئي هُن تي خاص ڪرپا ڪئي آهي. اِهي ڏهه اِندريون آهن - پنج ڪرم-اِندريون ۽ پنج گيان اِندريون. ڪرم اِندريون آهن : (۱) واتُ - جنهن سان ڳالهائي سگهجي ٿو، (۲) هٿ - هاڃ ڪرڻ واسطي، (۳) پير- هلڻ چلڻ واسطي، (۴) گُدا - کاڏي کي هضم ڪرڻ بعد گندگيءَ کي ٻاهر نيڪال ڪرڻ واسطي ۽ (۵) لِنگ - اولاد پئدا ڪرڻ واسطي.

گيان اِندريون آهن :

(1) اَکيون - ڏسڻ واسطي،

(2) جيپ - سواد ۽ رس ماڻڻ لاءِ، ڪن -

(3) آواز، شبد ٻڌڻ واسطي،

(4) نڪُ - خوشبو سنگهڻ لاءِ ۽

(5) چمڙي - ڇهڻ لاءِ.

در اصل منش کي پرماتما هيءُ سرير ۽ اِندريون هڪ خاص مقصد لاءِ ڏنيون آهن تہ جيئن هو شُڀ ڪرم ڪري پرماتما ۾ لين ٿي سگهي. اِن ڪري پريوءَ وِويک ۽ ٻُڌي (سمجهہ) بہ ساڻ بخشي آهي تہ جيئن منش چڱي ۽ بُري، شُڀ ۽ اَشُڀ جي وچ۾ فرق سمجهي سگهي ۽ صرف شُڀ ڪرم ڪندو رهي ۽ پريوءَ سان ميلاپ جو مقصد پورو ڪري سگهي. گرو صاحبن فرمايو آهي :

اي سريرا ميرئا، اِس جگ مَهِ آءِ ڪيءُ،
ڪِئا ٹُڈ ڪرم ڪمائئا.
ڪِ ڪرم ڪمائئا تد سريرا،
جا تؤ جگ مَهِ آئئا.
جنِ هرِ تيرا رَچن رچائئا،
سو هرِ من نہ وسائئا.
گُر پرسادي هرِ مٰن وسائئا
پوُرب لکئا پائئا.
ڪهيءُ نانک اِيهہ سريرُ پرواڻ هوئا
جنِ ستگُر سِتُ چيتُ لائئا.

(رامڪلي اننڊ م.3 ص.922)

گرو صاحب سرير (منش) کان پڇن ٿا تہ اي سَريرا! تون هِن سنسار ۾ آيو آهين تہ تو ڪهڙو (شي) ڪرم ڪيو آهي؟

جنهن هريءَ توکي اُپايو آهي، تنهن کي تو پنهنجي من ۾ نہ وسايو آهي. جن جي من ۾ گروءَ جي ڪرپا سان هريءَ جي شبد جو واسو ٿيو آهي، اُهو ڌنن جي پوين جنمن ۾ ڪيل ڪرمن جو ڦل آهي. گرو نانڪ ديو فرمائن ٿا تہ اُهو سريہ سڦلو آهي، جنهن ستگروءَ سان پنهنجو چِتُ جوڙيو آهي. ڪرم اِندرين کي شُپ ڪرم ڪرڻ لاءِ گرو صاحبن پنهنجيءَ ٻاڻيءَ ۾ خاص هدايتون ڏنيون آهن، جيئن تہ :

هٽ : گھالِ کاءِ کِچُ ھتھُ ديئِ
نانک راھُ پچاڻھِ سيئِ.

(راڳ سارنگ، م.1 ص. 1245)

سري گرو نانڪ ديو صاحب فرمائين ٿا تہ جيڪو منش محنت مزوريءَ جي ڪمائي ڪري گذران ڪري ٿو، ۽ ضرورتمندن کي پنهنجن هٿن سان ڪجھ دان بہ ڏئي ٿو، اُهو پريوءَ جي پراپتيءَ جي راهہ سُجاڻي (ڄاڻي) ٿو.

جپ ۽ هٽ : رسنا گٹ گاوئ بي انت
من مھِ چِتوئ پورن پِگونتُ
ھست چرن سنت ٹھل ڪمائيئِ
نانک اِھُ سنجمُ پرپ ڪرپا پائيئِ .

(ڪتي گوڙي م.5، ص.299)

جپ ڏئاران بي‌اَنت پرماتما جا ڳُڻ ڳائيندا ڪريو.
من ۾ پورن پرميشور (پِگونت) جو چنتن ڪريو.
هٽن سان سنتن جي ٹھل (شيوا) ڪريو. سري گرو نانڪ ديو فرمائين ٿا تہ منش کي اِهو سنجم پريوءَ جي ڪرپا سان حاصل ٿئي ٿو.

چرن(پير): چرن چلئہ مارگہ گوبند
مِنْهِ پاپ جپيئي هرِ بنْد
(گوڑي سکمني، م.5 ص.281)

پيرن سان تون پريوءَ جي راهہ تي (چڱي پاسي، ساڌ سنگت ۾) هلُ. چاکاڻ تہ جيترو بہ وقت هريءَ جي وَندنا (پوڄا) ڪندين، اُن سان تنهنجا پاپ ڪٽجي ويندا.

سرير ۽ عضوا

(1) نئڻ نہ ديکهہ ساڌ سِ نئڻ بِحالئا.(ڪنهي م.5)

جيڪي اَکيون ساڌن سنتن جو درشن نہ ٿيون ڪن، سي اَکيون بي‌حال يا دُکي آهن.

(2) ڪرن نہ سُنهي نادُ،ڪرن مُند گهالئا
(ڪنهي م.5)

جيڪي ڪن پرماتما جو شبد (گُڻ گان) نٿا ٻُڌن، سي بند ڪري ڇڏڻ گهرجن.

(3) رسنا جپيءُ نہ نام، تِل تِل ڪر ڪنْيئِ
هرهان جب بسريءِ گوبند راءِ،
دِنو دِن گهٽيئِ. (ڪنهي م.5)

جيڪا رسنا (چپ، زبان) پريوءَ جو نام نٿي جپي، تنهن کي تِر تِر ڪري ڪپي ڇڏڻ ڪپي. هرهان، جڏهن گوبندراءِ وِسري وڃي ٿو، تڏهن عمر ڏينهون ڏينهن پيئي گهٽجي، يعني اَجائي وڃي ٿي.

پوڻ گرو پاڻي پتا، ماتا ڌرتِ مهت.

جڳت جو گرو پوَن (هوا) آهي (جو تہ ان کان سواءِ جيئرو رهي نٿو سگهجي. پاڻي بہ پتا وانگر آهِي، جو تہ اُن مان ئي سيني جي اُٽپتي ٿئي ٿي. ڌرتي ماتا مهان (مَهت) آهي، جو تہ ماءُ وانگر سيني کي پنهنجي گود ۾ پالي ٿي.

سرير - ديهي - ڪائنا

سري گرو گرنٿ صاحب ۾ سرير بابت چاڻ :

اِس ڪائنا اندر وست اُستنکا
گرمُکھ ساچ مِلِيءُ تا ويکا،
نوَ درواجي دَسَوي مُکتا.

اَنحد شبد وچاوڻِئا. (م.3 ص.110)

سري گرو اَمرداس صاحب جن سمجھايو آھي تہ ھِن سرير ۾ بيشمار (اَسنکا) وَصتوُ سمايل آھن. اَگر ستگروءَ جي سِکيا(اُپديش) دئارام سچو نام (شبد گرو) روڪي رکجي تہ منش نوَ دروازا لنگھي ڪُپت رکيل ڏھين دروازي (دَسم دئار) تائين پھچي ٿو جتي اَنحد شبد سدائين وڄي رھيو آھي. اِن دئار کلڻ سان (گيان پراپت ڪري/ پرپوءَ سان ميلاپ ڪري) منش مُڪت ٿي وڃي ٿو، يعني منش جي سرير ۾ ئي مُڪتيءَ جو مارگ(دروازو) آھي.

ڪائنا ڪنچن شبد ويچارا،
تِتِيءُ ھر وسيءُ جس دا انت نہ پاراوارا.

(مارو م.3، ص.1064)

ان دِن ھر شيوھمُ ساچي ھاٽي،
ھر جيئُ شبد ملائدا.

اُھا ڪايا (سرير) جيڪا شبد گرو (برھم) جو ويچار (ڌيان) ڪري ٿي، سا سونَ وانگر پوتر شُڌ آھي. انھيءَ سرير اَندر اُھو ھري وَسي ٿو، جنھنجو اَنت يا پارُ نہ آھي (ھوُ بي‌اَنت آھي). سچي ھاٽي (گرو ھاٽي-شبد گرو) جي رات ڏينھن شيوا ڪريو (ڌيان-ويچار) ڪريو تہ ھري (شبد برھم) سان ميلاپ ڪرائيندو.

منُ

من جوڳي، من يوڳي يوڳيئا
من موڙڪ گاوار،
من داتا من منگتا
من سرِ گڙُ ڪرتار.

(پرياڻي، م.1، 1330)

جوڳ ڪرڻ واري من کي جوڳي، پدارٿن پوڳڻ واري من کي يوڳي، مورکتا وارا ڪم ڪرڻ واري کي ڳنوار (موڙڪ) ۽ مڱڻ ۽ گهرڻ واري من کي منگتو ۽ دان ڏيڻ واري من کي ڏاتار يا داتا چئبو آهي. اِن ڪري من کي شُڌ رکڻ جي ضرورت آهي. شُپ ڪرمن ڪرڻ سان جيوَ آتما جو سروپ بہ ڪرتار وانگر ٿئي ٿو.

پڳت رَوِداس جن فرمائين ٿا تہ :

من کا سيڃاءُ سپ ڪوئي ڪري
ڪرتا هوءِ سڀ انيئر ڪري.

(پئرو ہاڻي روِداس، ص.1167)

جڏهن من جو سُيڃاڻ شُڌ ٿي ويندو آهي تہ چنچلتا ختم ٿي ويندي آهي ۽ جيوَ آتما پنهنجي پتي-پرماتما ۾ آڇي لِين ٿي ويندي آهي. جيوَ آتما کي ہوجهہ پئجي ويندي آهي تہ :

من تون جوت سروپ هئر
آپٹا موُل پچاڻ.

(آسا م.3، ص. 441)

اِهو ميلاپ، نام جي سمرڻ دٹاران ٿي سڳهندو آهي.

جڏهن من نام سمرڻ جي رنگ ۾ پوريءَ طرح رڱجي ويندو آهي، تڏهن پنهنجي جيوَ آتما جو روپ اختيار ڪندو آهي ۽ اَنترمُکي بڻجي ياترا شروع ڪندو آهي. منُ جيوَ آتما سميت، آتما سروپ ڏاري، پرماتما ۾ لين ٿي ويندو آهي.

اِن ڪري پهرين من کي اِستِر رکڻ ضروري آهي. جيڪو ڪارج نام سِمرڻ ڏٺارا ٿي سگهي ٿو، اُهو ئي منُ اَسان کي سُکي يا دُکي رکي ٿو، اِن ڪري من تي ضابطو رکڻُ پهريون ۽ اَهم قدم آهي.

مما من سِئُم ڪاجُ هئ
من ساڌي سِڌ هوءِ
من هي من سِئُم ڪهئ ڪبيرا
من سا مِلِئا نم ڪوءِ.

(گوڙي ٻاون اَکرئي ڪبير ص.342)

هِن شبد ۾ پِڱت ڪبير صاحب من بابت اَديٺت راز- ڀُجهه سليا آهن. 'م' اَکر ڏٺاران ڪبير صاحب فرمائين ٿا ته سيني منشن جو من سان واسطو (ڪم) آهي، چاڪاڻ ته من کي قابو (ضابطي) ۾ رکي سِڌِ (مُڪتي) پراپت ڪيندي آهي. ڪبير صاحب وڌيڪ فرمائين ٿا ته شُڌ منُ ئي (مايا ۾ ڦاٽل) من کي سمجهائي (چئي يا ٻڌائي) سگهي ٿو. من جهڙو (صلاحڪار، طاقت وارو) ٻيو ڪوئي ڪونہ ٿو مِلي سگهي.

اِهہُ منُ سڪتي، اِهہُ من سيئُم
اِهہُ منُ پناج تتُ ڪو جيئُم
اِهہُ منُ لي جئُم اُن من هيءُ
تئُم تين لوڪ ڪا باتيءُ ڪهيءُ .

(گوڙي ٻاون اَکرئي ڪبير ص.342)

ڪبير صاحب فرمائين ٿا تہ اِهو ئي من مايا سان گڏجي، مايا جي سروپ وانگر ٿي پوي ٿو. اِهو منُ ڪلياڻ سروپ پرماتما سان ملي پرميشور روپ ٿي پوي ٿو. اِهو من جڏهن پنجن تتن سان گڏجي ٿو تہ جيوَ جو روپ (وانگُر) ٿي پوي ٿو.

انهيءَ من کي جڏهن وَس ۾ ڪري پرپوءَ سان (اُنهيءَ) تُريا اَوَستا (اوچ اَوَستا) تي پهچي ٿو، تڏهن اُهو اَنتريامي‌ءَ وانگر ٿنهي لوڪن جون ڀَالهيون ٿو ڪري (آخرين آٽمڪ اَوستا کي پهچي ٿو وڃي).

مما مؤل گهِنا منُ مانيءَ
مرمي هوءِ سُ من ڪنُ جانيءَ
مت ڪوئي من مِلتا بِلماويءَ
مگن ٻِئِنا تي سو سچُ پاويءَ.

(گوڙي ٻاون اَکرئي ڪبير ص.342)

ڪبير صاحب هن شبد ۾ ”م“ لفظ دڳاران فرمائين ٿا تہ جنهن منش جو منُ گرءَ جي ڪرپا سان مؤل منتر سان جُڙي ٿو وڃي (مؤل منتر کي مڃڻ لڳي ٿو)، اُن جو منُ (مرمي) پرماتما جي مَرمَ (راز) کي ڄاڻي ٿو تہ جڏهن هڪ دفعو پرماتما جي چرنن ۾ منُ جُڙي ويو تہ پوءِ من جو ڀٽڪڻ ختم ٿي ويندو آهي. جڏهن من پروَچن ۾ جُڙڻ لڳي، تڏهن متان ڪوئي اِن (اَوَستا يا ڪم) ۾ دير (ڍِل) ڪري، چاڪاڻ تہ پرپوءَ جي چرنن ۾ جُڙڻ جي برڪت سان منُ پرپوءَ (سچ) سان لين ٿي ويندو آهي ۽ مَها آنند ۾ مگن ٿي ويندو آهي.

□□

هئُ منُ

هئُ منُ ديرگهم روگ هئِ
دارو پي اِسُ ماهِ (466)

گرو صاحبن فرمايو آهي ته منش جي سرير اِندر پنج چور (وڪار) ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهه ۽ اَهنڪار گهڙُ ڪري وينا آهن. من اَندر اِهي چور يا وڪار نام ڌن يا آتمِڪ رس کي ناس ڪندا رهن ٿا. جيڪي منش من جي وڪارن وس هوندا آهن، اُنهن جي زندگيءَ ۾ نام جپڻ يا پرپوُ پرماتما سان ميلاپ ڪرڻ جي چاهنا ختم ٿي ويندي آهي ۽ منش وشيہ وڪارن جي منيءَ ماکيءَ جهڙي رس جو مزو ماڻيندو رهندو آهي ۽ نام روپي اَمرت رس ماڻڻ کان وانجهيل رهندو آهي. جنهن منش اِنهن وڪارن کي ماري مات ڪيو آهي، تنهن لاءِ گرو صاحبن جپ صاحب ۾ فرمايو آهي :

من جيتي جگُ جيت

يعني من جي وڪارن متان جيت حاصل ڪري اُن منش سچي جگت کي جيتو آهي.

اِس ديهي اندر پنچ چور وَسهِ
ڪام ڪروڌ لوڀ موهه اهنڪارا
امرت لوٺهِ منمک نهي بوُجهه
ڪوءِ نه سٽيءِ پوُڪارا. (ص.600)

پرماتما منش کي اَهنڪار آدي روگ بيماريون ساڻ لڳائي ڇڏيون آهن. هاٿيءَ جهڙي هيڏي وڏي جانور کي ڪام روپي روگ ڏاران وس ڪري سگهجي ٿو.

هئُ منُ روگ مانک ڪئُ دينا
ڪام روگ منگلُ جسِ لينا.

(پئرو م.5، 1140)

هئُ مئُ ناوئ نال وروڌ هئِ
ڏُئي نہ وسهِ اِڪُ ناءِ.

(وڏهنس م.3 ص.560)

اَهنڪار، اَيمان ۽ نام شبد جي پاڻ ۾ دشمني آهي ۽ ٻئي هڪ جڳهہ واسو نہ ڪري سگهندا آهن. جنهن من ۾ اَهنڪار آهي، اُتي شبد جو نڪاڻو/واسو نہ ٿي سگهندو.

هئُ مئُ سيءُ سريرُ هئ
هئُ مئُ اُپتِ هوءِ. (وڏهنس م.3 ص. 560)

هي جيڪي بہ سرير آهن، اُنهن سيني ۾ هئُ مئُ آهي، ۽ اَهنڪار ڪري ئي سيني جي اُتپتي ٿي آهي.

نانڪ ستگر مليئ
هئُ مئُ گئي تا سچ وسئا مَنِ آءِ

(وڏهنس م.3 ص. 560)

گرو نانڪ ديو صاحب فرمائن ٿا تہ جنهنجي ستگرن سان سنگت ٿي ويئي (من ۾ شبد گروءَ جو واسو ٿي ويو) اُن جو اَهنڪار ناس ٿي ويو ۽ اُن جي من ۾ سچُ نام-ستگروءَ جو واسو ٿي ويو.

هئ وچ مائنا هئ وچ چائِنا،
هئ مَئ ڪَرِ ڪَرِ جنَت اُپائِنا
هئ مَئ بوجهيءِ تا درُ سوجهي،
گيان وِهوٽا ڪَتِ ڪَتِ لوجهيءِ.

(وار آسا ص.466)

هئ مَئ وڏا روگ هئِ سِرِ مارِ جمڪالِ

(ملار م.3 ص.1258)

هئُ مئُ چوپڑ ڪيلٽا، جهوني اهنڪار
سيءُ جگُ هاريا سو جٽيءُ گر شبد ويچار.

ڪوڙا ۽ اَپماني منش اَيمان وس ٿي، (هن دنيا جي ميلي ۾) ڪَرمن روپي چوپڙ راند ڪندا آهن. سچو جڳُ هارائي (جنم اَڪارت ڪري) اُن ڪان پوءِ گرو شبد جو ويچار ايندو اَٿن (گرو شبد جي جپ ڪرڻ جي ياد ايندي اَٿن).

انتر الکُ نہ جائي لکئا،
وِچ پردا هڻُ مڻُ پائي. (گوڙي، م.5 ، ص. 205)

اسانجي اَندر ۾ اَلک (پرماتما) وينو آهي پر اُن جي لکَ نٿي پوي (ڏسي نٿو سگهجي) ڇاڪاڻ تہ اَسانجي ۽ هن جي وچ ۾ هڻُہ مڻُہ (اَيمان) جو پردو آهي.

جا هَر پريہ ڪرپا ڏري،
تا هڻُ مڻُ وِچھُ ماري. (گوڙي م.1)

جيڪو منش پريوءَ جي پِڳتيءَ ۾ لين ٿي وڃي ٿو اُن مٿان هري پريو پنهنجي مهِر (ڪرپا) ڪري ٿو ۽ اُن جي من مان هڻُہ مڻُہ ناس ٿي وڃي ٿي.

هڻُ مڻُ مار باجر ڪپاٽ ڪلائئا
نام امولک گُر پرسادي پائئا.

(ماجھ م.3 ص.124)

جيڪي منش اَهنڪار کي ماري سخت لوهہ جهڙي اَگيان روپي پردي کي کولين ٿا، اُنهن کي گروءَ شبد جي ڪمائيءَ ڪرڻ سان امولک نام حاصل ٿئي ٿو.

هڻُ مڻُ جائي تان ڪنت سمائي
تنُ ڪامِڻِ پياري نو نِدِ پائي.

(سوهي م.1 اشٹ 1 ص.750)

هڻُہ مڻُہ (اَيمان، اَهنڪار) جڏهن ختم ٿئي ٿو، تڏهن (استري روپي) منش جو پنهنجي پتيءَ (پرماتما) سان ميلاپ

ٿئي ٿو. جڳياسوُ روپي استري پنهنجي نَوَ نِڌين روپي پياري پتيءَ سان گڏجي ٿي.

اَنحد ٻاڻي پائيئي،
تهم هڻُ مڻُ هوءِ بناسُ (سري م.1)

گروءَ جي ڪرپا سان اَنحد ٻاڻي حاصل ڪرڻ سان، منش جي هڻُ مڻُ ناس ٿي وڃي ٿي (نام شبد جپڻ سان اَنحد ٻاڻي حاصل ٿئي ٿي).

هڻُ مڻُ ڪرت نهي سچُ پائيئيُ
هڻُ مڻُ جاءِ پرم پد پائيئيُ.
(گوڑي م.1، ص.226)

مان-مان ڪرڻ يعني اَيمان ڪرڻ سان سچُ (پرماتما) پراپت ڪونہ ٿئي ٿو. اَهنڪار وڃائڻ سان ئي پرم پد يعني موڪش جي پراپتي ٿئي ٿي.

پتنيءَ جي جاءِ پتيءَ جي هردي ۾ ٽيندي آهي. ٻہ الڳ جسم هوندي بہ ٻئي جڻ هڪ آتما هوندا آهن. گرو صاحبن فرمايو آهي تہ :

ڏن پِرَ ڪا اِڪ هي سنگِ واسا
وچ هڻُ مڻُ پيت ڪراري. ملار م.4، ص. 1263)
گرو پوريُ هڻُ مڻُ پيتِ توريِ
جن نانڪ ملي بنواري. (مشابهت)

منش (استري) ۽ پريءُ (پتي) جو هڪ ئي هنڌ گڏ واسو هوندو آهي (گڏ رهندا آهن). پر (منش-استريءَ) جي هڻُ مڻُ جي سخت (مضبوط) پِتِ (رُڪاوٽ) پرماتما سان ميلاپ جي آڏو ايندي آهي. گرو نانڪ ديو فرمائن ٿا تہ جڏهن پورن گروءَ منش(استري) جي هڻُ مڻُ جي ديوار (پِتِ) ٽوڙي چڏي ٿو تڏهن منش (استري) جو پريءُ پرماتما (پتيءَ) سان ميلاپ ٿئي ٿو.

جو جو ٻيسئم سو سو روڳي
روڳ رهيت ميرا ستگر جوڳي.

(پئرو م.5 ص.1141)

هن سنسار ۾ جيڪي به منش ڏسڻ ۾ آچن تا اُهي سڀ روڳي آهن. (صرف) منهنجو ستگرو جوڳي ئي روڳن- بيمارين- دُکن-وڪارن کان آجو آهي.

◆◆

پوڻ گرو - پاڻي پتا

جپ صاحب جي آخر ۾ جيڪو سلوڪ درج ٿيل آهي، اُن جي تمام وڏي مهما آهي ڇاڪاڻ ته گرو صاحبن تشبيهون ڏيئي گرمت جي هڪ وڏي مکيه تت کي سمجهايو آهي ۽ ڏيکاريو آهي ته جڳت جو آڌار کنهن تي آهي ۽ کيئن هن سنساري کيل مان بچي مُڪتيءَ کي حاصل ڪجي.

1. پوَڻ گرو، پاڻي پتا، ماتا ڌرتِ مَهَتُ.

جڳت جو گرو پوَن آهي (ڇو ته اُن کان سواءِ جيئرو رهي نٿو سگهجي.) پاڻي پتا آهي (ڇو ته هن مان ئي سڀ جي اُتپتي ٿئي ٿي). ڌرتي وڏي ماتا آهي (ڇو ته ڌرتي ماتا وانگر سڀني ٻارڙن کي پنهنجي گود ۾ رکي ٿي.

2. دِوسُ راتِ دُءِ دائي دائيا کيلي سگل جڳتُ.

ڏينهن ۽ رات جيوَن لاءِ دائي ۽ دايو آهن (ڇو ته دائي ٻالڪ کي رات جو سمهاريندي آهي ۽ دايو ڏينهن جو هن کي کيڏائيندو آهي). اِن ريت سڄي جڳت جو کيل پيو هلي.

3. چنگـائيئان بُرائيئان، واچئ ڌرم حدور.

منشن جا شُڀ ۽ اَشُڀ ڪرم ڌرمراءِ جي حضور ۾ واچيا (درج ٿيندا) وڃن پيا.

4. ڪرمي آپو آپٽي،
ڪي نيڑئ ڪي دوُر

پنهنجن پنهنجن ڪرمن آنوسار ڪي (گرمڪ) ايشور جي ويجهو ٿين ٿا ۽ ڪي (منمُڪ) ايشور کان دوُر رهجيو وڃن.

5. جني نام ڏنائِئا ،
گئي مسڪت گهال.

جن (گروءَ جو اُپديش گرهڻ ڪري) پرماتما جو سچو نام ڏيايو آهي، اُنهن سڀ تڪليفون (مصيبتون) لنگهايون آهن (ڪاميابيءَ سان سيني تڪليفن مان لنگهي پار پيا آهن).

6. نانڪ تي مُکہ اُجلي،
ڪيتي چٽّي نال.

سري گرو نانڪ ديو صاحب فرمائن ٿا تہ آهڙن (گُرمُکن) جا مُکہ اوجل (صاف پوتر) آهن ۽ اينهن جي سنگ ڪيترا ئي منش (ڪيتي) مُڪت ٿيو وڃن ٿا.

◆◆

پڱتي مارڳ

ايتُ راهِ پَت پوڙيئا،
چڙيئيَ هوءِ اِڪيس

(جپجي صاحب، پوڙي 32)

اَرٿ : پڱتي مارگ تي هلڻ لاءِ پَتِ جون پوڙيون (ڏاڪا) چڙهڻ تہ پوءِ پرماتما سان هڪُ ٿي سگهندين.

نوٽ : پتِ يا پڱتيءَ جون پوڙيون (ڏاڪا) نو(۹) آهن، جن کي نَوَڏا پڱتي بہ سڏيو ويو آهي.

پڱتيءَ جا نوَ ڏاڪا :

1) شِروَنُ — پرميشور جو نالو پريم سان سِروڻ ڪرڻ يعني ٻُڌڻُ.
2) کيرتن — پرميشور جو نالو پريم سان ڳائڻ.
3) سِمرڻُ — پرميشور جو نالو پريم سان من ۾ ياد ڪرڻُ.
4) پاد سيوَن — پريوءَ جي چرنن جي پريم سان شيوا ڪرڻُ.
5) اَرچن — پريوءَ جي پرم سان پوجا(اَرچنا) ڪرڻ.
6) وَندنا — پرماتما کي پريم سان نِمڻ يا نمسکار ڪرڻُ.
7) داسِيہَ پاوَ - پرميشور جو داس ٿي رهڻ.
8) سَکيہ پاوَ— پرميشور جو مِتر (سَکا) ٿي رهڻُ.
9) آتم نِويدن — پرميشور اَڳيان پاڻ کي اَرپڻ ڪرڻُ.

وڻ ڳڻ ڪيتي ڀڳت نہ هوءِ.

(جپجي صاحب، پوڙي 21)

آرٿ : پرماتما جي ٻاجهہ (ڪرپا) کان سِواءِ ڀڳتي نٿي ٿئي.

ٻيو آرٿ : پريوءَ جي ڳٽن (مهِما) ٻاڻڻ کان سواءِ ڀڳتي نٿي ٿئي.

ڳر ڪي متِ تون ليهِ اياني
ڀڳتِ بِنا جهہ ڊوٻي سياني.

(گوڙي سکمني، م. 5)

اي مورک انسان! تون ڳروءَ جي مَتِ (سِکيا) ونڃ. چوٽہ گهٽيئي سِياڻا (پاڻ کي عاقل سمجهڻ وارا) هِن مايا روپي ساگر ۾ ٻُڏي ويا آهن.

ڀڳتِ ٻاءِ تريئي سنسارُ
بِنُ ڀڳتي ٽنُ هوسي چارُ.

(گوڙي سکمني، م. 5)

منش پريما ڀڳتيءَ سان ئي، هيءُ سنسار روپي ساگر تري پار ڪري سگهي ٿو. ڀڳتيءَ بنا هن جو جنم رَکَ ٿي ويندو يعني رک سمان بيڪار ٿي ويندو.

مانس تي ديوتي ڀئي،
سچي ڀڳتِ جسُ ديئِ.

(وار بلاوَل م.3 ص.850)

گروءَ جي اُپديش آنوسار عمل ڪرڻ (نام سمرڻ) سان، منشُ ديوَتا وانگر ٻڌجي پوندو آهي. پر اُهو منش ديوتا ڏڌهن ٿيندو آهي، جڏهن پرماتما کيس سچي ڀڳتي (سدا قائم رهڻ واري ڀڳتيءَ جي ڏات) ڏيندو آهي.

پرئو ڪالُ سيئِ جڳہ اوپر،
ماهِ بَکي پرم گئاني.
ڪهُ ڪبير جن پئي خالصي،
پريم پڳتِ جهہ جاني.

(سورٹ ڪبير ، ص.655)

سڄي جڳت متان ڪال جو ڊپُ ڇانيل آهي. پرم ۾ قاتل گياني پي انهيءَ ليکي ۾ (ڊپ ۾) ليکيل آهن يعني اُهي گياني به موت جي ڊپ ۾ مبتلا آهن. ڪبير صاحب فرمائي ٿو تہ جن منشن پريما پڳتيءَ کي ڄاتو آهي (سمجهيو آهي)، اُهي موت جي ڊپ کان آزاد (آجا-ڇُٽل) آهن.

پئہ پاءِ پڳتِ ڪرهِ دِن راتي
جيئُ ويکيئِ سدا حدورِ. (سري م.3 ص.34)

جيکي منش ڏينهن-رات (سدائين) پرماتما جي پَوَ(حڪم) ۾ رهن ٿا ۽ پريم سان هن جي پڳتي ڪن ٿا، اُهي هُن کي پرتکش (حاضران حضور) روپ ۾ ڏسن ٿا.

انترِ مئل نہ آتري،
ڊِرگہُ جيون ڊِرگہُ ويس
هورُ ڪِتيئِ پڳتِ نہ هووئي،
بِن ستگر کي اُپديس.

(سري م.1، ص.22)

اَگر منش جي اَندر (هِردي) جي مئل يعني پاپ-ٻُڌي/ پاپ ڪرم ۽ هوءِ مئہ نڪي مِٽي، تہ سندس فقيري ويس ۽ فقيري جيون (ڪرتِ ڪار)زندگيءَ تي ڊِڪار آهي. اي منش! ياد رک تہ اَهڙي سڄي ستگر جي اُپديش تي عمل ڪرڻ کان سواءِ ٻئي ڪنهن به طريقي سان تو کان پڳتي تي نہ سگهندي.

بِن گُر گَٹ نہ جاپني،
بِن گَٹ پِڄتِ نہ هوءِ.

(سري م.1، ص.470)

بنا گُروءَ جي شرن وٺ جي، پرماتما جي پِڄتيءَ جي سريشٽ گُٽن کي ڄاڻي نٿو سگھجي ۽ بنا گُٽن جي پِڄتي ٿي نہ سگھندي.

ہاءِ پِڄت کر نيچ سدائي
تِنّ نانک موکنتر پائي.

(وار آسا م.1، ص.470)

گرو نانک ديو صاحب فرمائن ٿا تہ جڏهن منش پريم پِڄتي کري پاڻ کي نيچ سڏائي ٿو، يعني اَهنکار جو تياڳ کري نِماڻو ٿئي ٿو، تڏهن هو موهہ مايا کان مُڪت ٿئي ٿو.

هرِ پِڄت هر کا پيئارا هئ
جو گُرمُکہ کرئ بيچارُ
پاکنڈ پِڄتِ نہ هووئي
دُبدا بولُ خُٹارُ.

(سري م.3، ص. 27)

پرماتما جي پِڄتي ڇا آهي؟ پرماتما جي پِڄتي، پريو پرماتما سان پيار کرڻ آهي ۽ پرماتما جي شرن ۾ اڇي پريوءَ جي ڏنل سکيا تي ويچار کري تہ منش جي هردي ۾ پِڄتي اُتپن ٿيندي آهي. پاکنڈ جي کرمن کرڻ سان پِڄتي ٿي نہ سگھندي آهي. پاکنڈيءَ جا بول يا وچن سندس خواريءَ جو بائث (سبب) بڻجندا آهن.

پڱتِ ڪرهِ مورڪ آپُ جڙاوهِ،
نڇ نڇِ ٽپهِ بهتُ دڪ پاوهِ
ناڇيئيءَ ٽپيئيءَ پڱتِ نہ هوءِ،
شبد مريءَ پڱتُ جنُ ڪوءِ

(گوڙي م3، ص 159)

مورڪ لوڪ پڱت ڪري (راسليلا ڪري) پاڻ کي پڱتُ سڏائيندا آهن (اُهي مورڪ راسليلا ڪرڻ وقت) نچندا ٽپندا آهن (پر اَندر ۾ هڪ مڙس هجڻ سبب) هنن کي آتمڪ سُکُ ڪونہ ملندو آهي ۽ ڪيترائي دڪ سهندا آهن. نچڻ ٽپڻ سان پڱتي نہ ٿيِ سگهندي آهي. پرماتما جي پڱتي انهن کي حاصل ٿيندي آهي جيڪي گروءَ جي شبد دڌاران هڪ مڙس کي ماري) پاڻ پنهنجي وڪارن کي ناس ڪن ٿا.

جسُ اَنترِ پريت لگيءَ سي مُڪتا
اِندريِ وسِ سچ سنجَمِ جُڳتا
گُر ڪا شبدِ سدا هرِ ڌڻائي
ايها پڱتِ هرِ پاوڻِئاَ.

(ماجھ م 3 ، ص.103) اشٹ 20

جنهن جيو جي هردي ۾ گوبند سان پريتِ اُٽپن ٿي آهي، اُهو موهہ مايا ۽ جنم مرڻ جي چڪر کان مُڪت آهي. هو اِندرين کي پنهنجي وسِ ڪري سچي رهڻي ڪهڻيءَ ۽ جُڳتيءَ وارو ٿئي ٿو، يعني سنجم ڪري اِندرين کي جيتي ٿو. هو گُروءَ جي اُپديش دڌاران سدائين هريءَ جو ڌيانُ ڪري ٿو. اَهڙي پڱتي منهنجي گوبند کي وڻي ٿي.

◆◆

نانڪ دُکيا سيءِ سنسار

آدِ ڪال ڪان منش اَنيڪ دُکن ڪي ڀوڳي رهيو آهي. منش جي زندگيءَ ۾ دُکَ ۽ سُکَ ، هڪ سِڪي جي ٻن پاسن وانگر آهن. هر ڪو منش دُکن ڪان بچڻ جي ڪوشش پيو ڪندو آهي ۽ سُکن ماڻڻ ۾ سندس من ڪي آنند حاصل ٿيندو آهي. سري گرو گرنٿ صاحب ۾ ٽِن قِسمن جي دُکن، روڳن يا بيمارين جو ذڪر ڪيل آهي.

تِينِي تاپ نِوارڻهارا ،
دُک هَنتا سُکم راس
تا ڪنُ بِگهن نم ڪوئو لاگي،
جاڪي پرپ آگي ارداس.

(راڳ ٽوڈي م 5، ص.714)

اَرٿ : پرماتما، منش جي ٽِنهي قسمن جي تاپ (دُکن) ڪي نِوارڻ وارو (دور ڪرڻ وارو) آهي ۽ دُک-هنتا (دُکن ڪي ختم ڪرڻ وارو) سُکن جي راس (پنڌار،پونجي، خزانو) ڏيڻ وارو آهي. جيڪو منش پرماتما آڳيان اَرداس (وينتي، پرارٿنا) ڪري ٿو، تنهنجي آڳيان ڪوبہ وگهن يا دُک ويجهو نٿو آچي.

تيني تاپ : (1) آدِ : آڌياتمڪ آتما ڪري ۽ من جا ڪليش.
(2) وِئادِ : آدِيبھوتِڪ - هن جنم ۾ پنهنجن ڪرمن سبب ۽ ٻين ڪان مليل سرير جا ڪشٽ.
(3) اُپادِ : آدِ دئيوِڪ - ديوتائن وٽان مليل دُک، ٻوڏ، طوفان، زلزلو وغيره

وِڪارن ۾ ڦاسجي، منش سنساري پدارٿن ڪي حاصل ڪرڻ واسطي رات-ڏينهن رُڌل ٿو رهي ۽ پريوءَ ڪي وِساري ٿو ڇڏي.

گرو صاحبن پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ فرمايو آهي تہ -

آسا وچ اتِ دُک گھٹا، منمُکہ چِتُ لائئا
گرمُکہ پئي نِراس، پرم سُکہ پائئا.

(وار سارنگ م4، ص.1249)

پنهنجيُن ترشنائن کي حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي منمُکَ پنهنجو چتُ وڪارن سان جوڙيندا آهن، اُنهن کي 'اَتِ دُک' يعني تمام گھٹو ڪشٹ ملندو آهي (ترشنا پوري نہ ٿيڻ سبب). پر جيڪي گُرمُکَ آهن، سي پنهنجي من کي (هري نام ۾ لڳائي) ترشنائن کان پري رکندا آهن (پريوءَ جي اُپديش موجب وهنوار کندا آهن). اُهي سنساري پدارٿن ۾ نِراس (بنا آس رکڻ جي) بڻجي، وڏو سُکُ ماڻيندا آهن.

روگہ دوکہ گُر شبد نِواري،
نام اوکد من پيتر ساري
گُرَ پيڃت مَن پئئا اننڈُ،
سرب نِدان نام پيگونتُ.

(راڳ پئروَ م5، ص.1147)

پنجين پاتشاهي سري گرو اَرجنديو صاحب فرمائين ٿا تہ جيڪو منشُ گُروءَ جي شبد (اُپديش) کي من ۾ وَسائي ٿو، تنهنجي هِردي ۾ نام روپي اوکد (اوشڌ-دوا) سان سيُ دُکَ ۽ روگَ ناس ٿي وڃن ٿا. گروءَ جي شرن پکڑڻ سان هِرديہ ۾ آنندُ اُتپن ٿئي ٿو ۽ پيگونت جي سَرب-نِدان (سيني سُکن جو ڪارڻ) نام جپڻ سان سيني سُکن جا خزانا پراپت ٿين ٿا.

گُر ڪيءَ پاٹي جو چليءَ، دُکُ نہ پاوي کوءِ

(سري راڳ م.3)

گرو صاحبن فرمايو آهي تہ جو منشُ ستگُروءَ جي پاٹي (حڪم) مطابق هلي ٿو، تنهنکي کوبہ دُکُ نٹو ستائي،

(چاکاڻ تہ اُهو منشُ واهگروءَ جي رضا تي راضي رهي، سنگروءَ جي هر حڪم تي سنتوش ڪري ٿو).

مِنا ڪرِ ڪيُ ڪائنا،
بَهِ سادهُ وڏِنا روگ

(وار سوهي م.3 ص.785)

گرو صاحبن فرمايو آهي تہ جنهن منش دنيا جي پدارٿن کي مِنو سمجهي خوب ماڻي چشکو ورتو آهي، اُهو پنهنجا روگ (دُک/ بيماريون) وَڌائي ٿو. (مؤل پاو : جو منش پرپوءَ جي نام کي وِساري، سنساري وڪارن ۾ آنند سمجهي ٿو، اُهو پنهنجن دُکن کي وَڌائي ٿو.)

جنُم رس پوگ ڪيئي، تيتا دُکم لاگيُ.

(رامڪلي اَشت، م.1 ص.906)

گرو نانڪ ديو صاحب فرمائين ٿا تہ اي منش! تون جيترن وڪارن وغيرہ جا رسَ جيئن جيئن پوگيندين، تيئن تيئن توکي وڌيڪ روگ ۽ دُک (سرير ۽ آتما جا) لڳندا ويندا.

بابا هورُ ڪاٽا خُشي خُٹار
چِتُ ڪاڏيُ ٹَنُ پيڑيئيُ،
من مهِ چَلهِ وڪار.

(سري راڳ م.1 ص.16)

گرو نانڪ ديو صاحب فرمائين ٿا تہ هي پائي! جن پدارٿن ڪاڻ يا ماڻڻ سان تنهنجي تَنَ (سرير) ۾ پيڙا ۽ تڪليف ٿيندي هجي ۽ من ۾ وڪار (يا برا خيال) پئدا ٿيندا هجن، اُنهن پدارٿن سبب سائينءَ جي دربار ۾ خوار ٿيڻو پوندءِ.

ستگرو نانڪ ديو صاحب وڌيڪ فرمايو آهي تہ تَن جي بيمارين ۽ آتمڪ دُکن جو مؤل ڪارڻ اِهو آهي تہ منش شبد گروءَ (پرميشور جي نام) کي وساري ڇڏيو آهي.

ڪٽڪ ڪرم ڪماوڻي، دوش نہ ڪاهو جوگ
پرميسر تي پُلِئان، وِئاپن سيي روگ.

راڳ ماجھ ٻارھ ماہ ص.135)

ڪارتڪ مهيني جي سڀائي موسم ۾ پنهنجن ڪيل ڪرمن سبب (پنهنجي پريو پتيءَ کان وڇوڙو ٿيو آٿيئي)؛ اِن لاءِ ڪنهن کي ڏوهہ نہ ڏي، ڇاڪاڻ تہ پرميشور جي نام (شبد) کي وساري ڇڏڻ ڪري اِهي سيبئي دُک آچي ڪڙڪيا آٿئي.

جنُ سُکہ ڪنُ چاهي سدا، سرن نام ڪي ليهُ

(سلوڪ م.9 ص.1427)

گرو صاحب فرمائين ٿا تہ اي بندا! جيڪڏهن توکي آتمڪ سُک جي چاهنا آهي تہ تون پريو پرماتما جي نام جي شرڻ وٺ.

ستگرو پيٽي سو سُکہُ پائي،
هرِ ڪا نام مَنِ وسائي.

(وار آسا م.1 ص.468)

گرو نانڪ ديو صاحب فرمائين ٿا تہ جيڪو منش پرماتما جي حڪم کي مِٺو ڪري مڃي ٿو ، اُن کي سدائين آتمڪ آنند ملندو آهي. اُهو سدائين قائم ۽ دائم رهڻ واري پريو پرماتما جي ڌيان ۾ لين رهندو آهي.

نانڪ سُکہ آنند پئي، پريہ ڪي مَنِ رجاءِ

(سلوڪ م 5، ص. 1425)

گرو نانڪ ديو صاحب فرمايو آهي تہ پريوءَ جي رضا(مرضي، ڀاڻي يا حڪم) کي مڃڻ سان ئي سُک ۽ آنند حاصل ٿيندو آهي. پريوءَ جي رضا تي راضي رهڻ يا سنتوک ڪرڻ جو گُڻ پڻ نام جو سِمرڻ ڪرڻ سان پراپت ٿئي ٿو. تعجب جي هڪ ڳالهہ اِها آهي تہ هِن سنسار ۾ ڪوبہ منشُ سُکي ڪونهي. ايتري قدر جو جيڪڏهن

کوئي پنهنجي دوست يا سنگتي ساڻيءَ سان پنهنجن دُکن جو اظهار ڪرڻ شروع مس ڪندو آهي تہ اڳلو سندس ڳالهہ نہ ٻڌي پنهنجن دُکن جو داستان کولي وهندو آهي.

جِس مائکم پهِ ڪرءِ بينتي،
سو اپني دُکم پرئا
پار برهم جن ردئ آراڌِئا،
تِن پُنّ ساگر ٽرِئا.

(گوجري م.5 ص.497)

مون جنهن سان بہ پنهنجي دُکن جو ذڪر ڪيو، تہ اُن کي پنهنجن ئي دُکن سان پريل پاتم. پر جنهن شخص پنهنجي هِردي ۾ پار برهم پرماتما کي آراڌيو آهي، اُهو (سڀني دُکن کان نِجات حاصل ڪري) پوَساگر تَري پار ٽيو آهي.

اِها ساڳي حالت شيخ فريد صاحب بيان ڪندي چيو آهي:

فريدا مئن جانِئا دُک مُجهہ کوُ
دُک سبائئي جَگِ
اوچي چڑهِ کي ويکئا
تان گهرِ گهرِ ايها اگِ.

(سلوڪ شيخ فريد، ص.1382)

شيخ فريد صاحب فرمائن ٿا تہ 'مون سمجهيو هو تہ دُک صرف مون کي ئي لڳل آهن، پر جڏهن پاڻ تان نظر هٽائي، ڪُڏ تي چڑهي (سوارت-ٻُڌِ کان اوچو تي) لوڪن کي ڏٺم، تہ معلوم ٿيو دُک روپي اِها باهِ هر گهر ۾ ٻري رهي آهي.

گُرمت انوسار، دُکن جو مُکيہ ڪارڻ :
ڈِنا سيپ سنسار، سُکُ نہ نام بِنُ
تَنُ دَنُ هوسي چار، جاڻي ڪوئي جَنُ.

(وار گوڑي م.5 ص.322)

جڏهن سارو جڳ جاچي ڏٺم ته پتو پيو اَٽم ته پرپو پرماتما جي نام سِمرڻ بِنا سچو سُک پراپت نٿو ٿئي. چو ته هيءُ سرير چار (رکَ) ٿي ويندو ۽ ڌن دولت به ناس ٿي ويندي، اِها گَالهه کو ورلو جَنُ (منش) ئي جاڻي- سمجهي دِل سان هنڌائي ٿو.

دُکمُ سُکمُ پرپ ديوَٹهار
اوَرَ تياگِ تؤ تِسهِ چِتارُ.

(گوڑي سُکمني م5،ص.283)

منش کي دُک سُک ته پرپو پاڻ ڈيڻ وارو آهي. اِن کري تون ٻيا سڀ آسرا ڇڈي، پرماتما کي چِتَ ۾ وَساءِ. ساڻئي وقت گرو صاحبن اِهو به فرمايو آهي ته :

آپي بِيج آپي هي کاهِ

يعني منش جيڪي کرم کري ٿو (بج پوکي ٿو) اُنهن جو ڦل ئي هوءُ کائي ٿو (کيس پوڳٹو پوي ٿو). هـوُ هِن جنم ۾ قدرت(ايشور) جي قانون جو اُلنگهن کرڻ سبب (کام، کروڌ، لوڀ، موهه اَهنکار جهڑن وکارن جي کري) اُنهن جي نتيجن کان پاڻ کي آجو نٿو رکي سگهي.

گُسنگت بَهمِ سدا دُکمُ پاوهِ
دُکو دُکمُ کمائنا.

(راگ مارُو م.3 ص 1068)

کوڙي سنگت ۾ اُٹڻ-وهڻ وارا جيوَ، هميشه دُک جا پاڳي ٿين ٿا ۽ هوُ اَهڙا کرم کن ٿا جن مان کين اَنيڪ دُک ملن ٿا.

◆◆

دُک دارو سُکُ روگ پئائا

دُک هڪ اَهڙو مرض آهي، جنهن کان ڪوبہ پراڻي (منش، پسون پکي، ڪيڙا وغيرہ سي) ڇُٽل (آجو) ڪونهي. من ۾ اَلائي ڪيڏيون ترشنائون پئدا ٿيندیون رهن ٿيون. هڪ پوري ٿيڻ بعد ٻي تِرشنا پئدا ٿيندي آهي. ائين اَنيڪ ترشنائن جي پُورتي نہ ٿيڻ ڪري، من ڏاڍو وياڪُل ۽ دُکي ٿيندو آهي. پر چاڪاڻ تہ دُک ۾ ئي منش پرماتما کي ياد ڪري ٿو، اِن ڪري دُکن کي سنت جن دارو (دوا) چون ٿا - جڏهن تہ سُکن ۾ منش پريوءَ کي پُلجي وڃي ٿو، اِن ڪري أهي روگ/بيماريءَ وانگر آهن.

آسا وچ اتِ دُکَ گھٹا
منمُکھ چِتَ لائئا
گُرمُکھ پئي نِراس،
پرم سُکَ پائئا.

(وار سارنگ، ص 1249)

اَرٿ - من جي ترشنائن کي حاصل ڪرڻ واسطي منمُک پنهنجو چِتُ وِڪارن سان پُري ڪري، اَتِ (بيحد) دُکي ٿيندو آهي. جيڪو گُرمُک ترشنائن کي پنهنجي من کان پري رکندو آهي، (۽ واهگروءَ جي اُپديش مطابق هن جي پاڻي ٿي راضي رهندو آهي تنهن کي پرم سُکہ ملندو آهي. خواهش يا تمنا رکڻ سان اَتي (بيحد وڌا) دُک پئدا ٿين ٿا؛ منمُک خواهشون ڪندو رهي ٿو، پر گُرمُک کابہ آس نہ رکي، پرم سُکہ پراپت ڪري ٿو.

تيني تاپ نِوارڻهارا،
دُک هنتا سُکہ راس.

تا ڪُنُ بِڳهن نہ ڪوئو لاڳي،
جاڪي پريپ آڳي اڙداس.

اَرٿ ــ پرماتما منش جي ڏنهي قسمن جي دُکن - آڌِ، وڻاڌِ ۽ اُپاڌِ - کي نِوارڻ (دور ڪرڻ) وارو آهي ۽ سُکن جي راس (نِڌان/ خزانو) ڏيڻ وارو آهي. تنهن کان سواءِ جيڪو منش پريوءَ اَڳيان هميشه اَرداس (پرارٿنا) ڪندو رهندو آهي، تنهن کي ڪوبہ وِگهن درپيش نہ ايندو آهي. ڪيتري نہ افسوس جي ڳالھ آهي تہ انسان سنساري سُکن کي حاصل ڪرڻ لاءِ، ڏيڻ واري ڏاتار کي وِساري، ڏينهن-رات وشئہ وِڪارن ۾ ڦاسي، پنهنجو اَمُلھ جنم وڃائي رهيو آهي، پر دُکن کان ڇُٽڻ واسطي ڪو حيلو نٿو هلائي.

گرو صاحبن فرمايو آهي :

جَتَن بهُت سُکہ کي ڪيئي،
دُکہ کو ڪيئو نہ ڪوءِ.

(سلوڪ م.9 ص.1429)

نائين پاتشاهي، سري گرو تيغ بهادر صاحب فرمايو آهي: هي منش! سُکَ حاصل ڪرڻ لاءِ تو ڪيترا جتن ڪيا آهن، پر دُکن کان نِجات پائڻ لاءِ تو ڪجهہ بہ نہ ڪيو آهي. (نام جي اوٽ وٺُ، تہ تنهنجو اُڌار ٿيندو ۽ سيني دُکن کان ڇُٽي ويندين)

◆◆

سُکُ

سُکي بسيءَ مِسکينِئا آپُ نِوار تلي
ببي ببي اهنکاريئا، نانک گربِ گليءَ.

(گوڑي م.5 ص.278)

سري گرو ارجنديو صاحب سکمني صاحب ۾ فرمايو آهي تہ هي مسکينيا پهلوان ! تون سدائين سکي رهندين ڇاکاڻ تو پنهنجي پهلوانيءَ جو اهنکار ڇڏي (نواري- ختم ڪري) هڪ ڪمزور سکہ جي هيڻان ڪِري پوڻُ قبول ڪري هُن کي ڪشتيءَ (مَلهہ) ۾ جيت (سوپ) ڏياري آهي .گرو صاحبن وَڌيڪ فرمايو آهي تہ جيڪي وڏا وڏا اَهنکاري آهن اُنهن کي گرب (گهمنڊ) ۾ ڳرڻو تو پوي يعني جنم مرڻ جي چڪر ۾ سدائين رهن ٿا.

منش کي کيترين ڀالهين جي ڪري اَهنکار ٿيندو آهي. ڪن کي جواني- جوبن، طاقت، ڌن - دوَلت، زمين جائداد، وديا، راڄ وغيرہ جو اَهنکار ٿيندو آهي ۽ هُنن جي هردي مان پريوءِ جي شڪتي ۽ هستي وسري ويندي آهي. هو اَهنکار ۽ اَيمان ۾ ڦاسي وڪارن جي بندنن ۾ جڪڙجي ويندا آهن.

گرو صاحبن فرمايو آهي تہ :

گر پرساد جاکا مٹيءِ اِيمانُ،
سو جنُ نانک دَرگهہ پروانُ .

منش کي سکہ حاصل ڪرڻ لاءِ من ۾ نهنائي رکي پريوء- لاءِ پيار ۽ ستگور جي اُپديش جو آسرو وَٺي نام

کي هردي ۾ ڏياڻو آهي. گرو صاحبن جو وچنُ آهي:

ڪرِ ڪرِپا جِس ڪيء هردييءِ ۾
غريبي بساوي
نانڪ ايها مُکتُ آگيءِ سڪُ پاويءِ.

(سُکمني صاحب م.5 ص.278)

جيئُ سڪم ڪيُ چاهيءُ سدا،
سرن نام ڪي ليهُ
ڪهُ نانڪ سُڻ ري متنا،
دُرلپ مانڪم ديهُ.

(سلوڪ م.9, 1427)

جي(پورڻ آتمڪ) سُکُ حاصل ڪرڻ چاهين ٿو تہ نام جي شرن وڃُ.

گرو صاحب فرمائين ٿا تہ هي من! اها ڀالهہ ٻُڌي ڇڏ تہ منش جي ديهہ (منش جوڻ/جنم) ملڻُ درلپ آهي. ڀڳت ڪبير صاحب پڻ فرمايو آهي :

ڪبير مانسُ جنم دلنپ هيُ،
هوءِ نہ باروبار
جِيُ بن قل پاڪي پيُءِ
گِرهِ، بهُرِ نہ لاڳهِ دار.

(سلوڪ ڪبير صاحب 1366)

ڪبير صاحب فرمائن ٿا تہ منش-ديهہ ۾ جنم ملڻ تمام مشڪل آهي ۽ ور-ور ڪري ملڻ وارو نہ آهي، جيئن جهنگ (بَن) ۾ وڻ ۾ لڳل ڪو پڪلُ قل جڏهن ٽاريءَ (دار) تان ڇڇي ڏرتيءَ تي ڪِري تو پوي تہ ٻيهر اُن ٽاريءَ ۾ لڳي نٽو سگهي.

جي لوڙهِ سدا سڪ پائي
ساڏو سنگتِ گرهِ بتائي.

(وار وڈهنس م.4، 588.6)

هي پائي! جي تون سدائين سُکي رهڻ ٿو چاهين، تہ سدائين سنتن جي سنگت ۾ رهہ. اِها ڳالهہ آسانکي ستگروءَ ٻُڌائي آهي.

سُکا سِر سدا سُکہُ هوءِ
جا وِچهہُ آپ گواءِ

جڏهن منش پنهنجي هِردي مان آپو کڍي ختم کري چڏي ٿو، تڏهن هُن کي سدائين لاءِ سروَاُتم (مهاسُک) جي پراپتي ٿئي ٿي.

پاٽا منهِ سدا سُکہ هوءِ.

جن واهگروءَ جي پاٽي کي سدا منو کري مڃيو آهي اُنهن کي سدائين سُکہ پراپت ٿئي ٿو. (چاکاڻ تہ هنن جي من ۾ سنتوش جو گڻ اُتپن ٿئي ٿو.)

ستگر پيڻي سو سُکہ پائي،
هري کا نام من وسائي.

جنهن منش ستگروءَ جي (شري چرنن ۾ ويهي) هريءَ جي نام کي هردي ۾ وهاريو آهي (ڌارڻ کيو آهي) اُهو سدائين آتمک سُکہ کي حاصل کري ٿو.

جو کچھُ کريء سوئي سُکہ مان.

(گوڑي م.5 سُکمني صاحب ص.283)

(اَي منش! اِهو پڪو نشچو ڪري ڇڏ) تہ پريو پرماتما جيڪي ڪجھ ڪري ٿو تنھن کي سُک جو وسيلو ڪري ميڃ. (پريوءَ جي حڪم يا ياڻي کي ست ڪري ليکہ)

تس کا حُکمُ بُوجھہ سُکہ ھوءِ
تس کا نام رکمُ کنٹِ پِروءِ.

(گوڑي م.5 سُکمني صاحب ص.281.)

اُنھيءَ پريوءَ جي حڪم کي جاڻڻ (سچاڻ) سان ئي سُکُ حاصل ٿئي ٿو، اِنڪري پريوءَ جو نام (شبد) پنھنجي گلي (ھردي) ۾ ھار وانگر پوئي پائي ڇڏ. يعني ھردي ۾ وسائي ڇڏ.

◆◆

ايڪو پرڪ سبائي نار

صرف اَڪال پُـرُکہ ئي اَڪيلو/واحد پرش آهي، باقي سيڀئي منش استريون (عورتون) آهن.

گُرمت انوسار هن سنسار ۾ پرماتما کي پتيءَ جو روپ ڪري ڏسيو آهي ۽ باقي سڀ منش (استريون توڙي پُرش) ناريءَ يعني عورت جو روپ آهن. جيئن ناريءَ ۽ پُرش جو سنبندڌ پريم ۽ ميلاپ حاصل ڪرڻ واسطي تڙڦندو آهي تيئن ايشور ۽ منش جي ميلاپ لاءِ جستجو ڪرڻي پوندي آهي.

سَجنا کا پِرُ ايک هيءِ،
پِرُ بن خالي ناهِ
نانک سي سوهاگڻي،
جِ ستگور ماهِ سمائهِ

(مارو وار م.3)

سيني جيو روپي اِستريون جو هڪُ ئي پتي پرماتما آهي ۽ پتي پرميشور بنا کو بہ خالي کونهي. سري گرو نانڪ ديو جن فرمائين ٿا تہ سهاڳڻيون اُهي آهن جيڪي (پتي روپي) ستگروءَ ۾ سمايون پيون آهن.

چڻي اِستري کيرُ؟ گرمُکہ ۽ سُڻي ناريءَ جي تشبيهہ ڏنل آهي :

ساچ سيلَ سچُ سنجمي، سا پوري پروارِ
نانک آهِنسِ سدا پلي، پرَ کنُ هيتِ پئار

(مارو وار م.1)

جنهن (ديهه روپي) استريءَ ۾ سچُ ۽ شيلُ يعني پوترتا ۽ سچو سنجم آهي، اُها (ديه گُڻن جي ڪري) سچي ڪتنب سميت سُکي آهي. گرو صاحب فرمائين تا ته اُهائي گُرمُک اِستري چڱي (سُکي) آهي جيڪا راتِ ڏينهن (پتيءَ روپي) پرميشور جي پريم ۾ رهي ٿي.

خراب اِستري ڪير؟

هن شبد ۾ منمک جي تشبيهه خراب ناريءَ لاءِ ڏني آهي.

ماحل کچجي مڑ وڑي،
کالي منهُ کسڏ
جي گڻ هوون تا پرُ رَوي،
نانک اوگڻ مُنڌِ.

(سلوڪ مارو م.1.)

ماحل = اِستري،
کُچجي = خراب ڍنگ واري،
مڑ وڑي = ديهه اَيمان واري،
کُسڏ = اَپوتر، مُنڌ - اِستري

جيڪا ديهه روپي اِستري اَيمان واري آهي، اُها خراب ڍنگ واري يعني بي عقل اِستري آهي. هوءَ پاپن ڪري ڪاري آهي ۽ سندس منُ اپوتر آهي. گرو صاحب فرمائين تا ته هن (اوگُڻن پريل) اِستريءَ ۾ جي گڻ هجن ها ته پنهنجي پرينءَ (پرپو پرماتما) کي ماڻي ها.

◆◆

اِستريءَ جو مانُ

گرمت جي انوسار گرو صاحبن اِستريءَ کي سماج ۾ وڏي عزت بخشي آهي. عوَرت کي مرد جي برابريءَ جو درجو عطا ڪيو آهي ۽ گرو صاحبن ستي ٿيڻ جي رواج کي بند ڪرائڻ جي هدايت ڏني. گرو صاحبن اِستريءَ جي عظمت ۾ هيٺيون سلوڪ اُچاريو آهي

ਭੰਡਿ ਜੰਮੀਐ ਭੰਡਿ ਨਿੰਮੀਐ,
ਭੰਡਿ ਮੰਗਣੁ ਵੀਆਹੁ
ਭੰਡਹੁ ਹੋਵੈ ਦੋਸਤੀ,
ਭੰਡਹੁ ਚਲੈ ਰਾਹੁ
ਭੰਡੁ ਮੁਆ ਭੰਡੁ ਭਾਲੀਐ,
ਭੰਡਿ ਹੋਵੈ ਬੰਧਾਨੁ
ਸੋ ਕਿਉ ਮੰਦਾ ਆਖੀਐ
ਜਿਤੁ ਜੰਮਹਿ ਰਾਜਾਨ

(وار آسا م. 1. ص 473)

ارٿ :- اِستريءَ مان ئي منش جنم ونڊي ٿو. اِستريءَ جي پيٽ ۾ پراڻي پلجي ٿو، اِستريءَ جي دواران مڱڻي ۽ شادي ٿئي ٿي. اِستريءَ جي معرفت ٻين ماڻهن سان سنٻنڌ (رشتيدري) ٺهي ٿي ۽ اِستريءَ جي ڪري ئي هِن سرشٽيءَ جو سرشتو اَڳتي وَڌي ٿو. جي اِستري مري وڃي ٿي تہ پُرش ٻيءَ اِستريءَ جي ڳولها ڪري ٿو. اِستريءَ ڪري هي (جيون جو) ٻنڌن قايم رهي ٿو. جنهن اِستري جاتي مان راجا جنم وَٺن تا اُنهن کي بُرو ڪيئن ٿو چوين؟

◆◆

سنتوش

هر منش کي هڪُ مڻِ (مان ٿي مان) ۽ اَهنکار جو تياڳ ڪرڻ گهرجي ۽ رب جي رضا تي راضي رهڻ گهرجي. پرماتما جي حڪم کي ايشور جي ڏات سمجهي سنتوش يعني صبر ڪرڻ گهرجي.

صِدق صبوري صادقا،
صبر تو سا ملائکا (ص.38)

شيخ فريد صاحب فرمايو آهي ته صدق وارن وٽ پرپوءَ تي پروسي رکڻ ۽ سدا شڪر ڪرڻ جي پونجي هوندي آهي ۽ ڪُرمُکن (فرشتن، ملائکن) وٽ صبر جي پونجي هوندي آهي.

رُکي سُکي کائکيءُ ننڍا پاڻي پيءُ
فريدا ديکہ پرائي چوپڙي نا ترسائي جيءُ.
(ص.1379)

شيخ فريد صاحب فرمائن ٿا ته (پنهنجيءَ ڪمائيءَ مان) رُکي سُکي روڻي کائي ٺڏو پاڻي پيءُ (۽ گذارو ڪر) پر پرائي سٽيي روڻي ڏسي پنهنجو من نہ هِرکاءِ يعني من ڪي دُکي نہ ڪر. واهگرو جيڪي ڪجهہ ڏئي ٿو، اُن کي سندس بخشيش، مهِر، نعمت، ڏات رضا يا حڪم سمجهي، خوشيءَ سان پنهنجي جهوليءَ ۾ پري وٺ ۽ صبر سان سندس شڪرانا ڪ.

جي سُکہ ديهِ تہ ٺاجهہِ آرادي،
دُکہ پي ٺاجهي آرادي
جي بُکہ ديهِ تہ اِت هي راجا،
دُکہ وِچ سُکہ منائي. (ص.575)

هي پرپوا! جي تون (پنهنجي مهر ڪري) مون کي سُکہ ڏيندين، تہ مان تنهنجي آرادنا ڪندو رهندُس، ۽ جي دُک ڏيندين تہ بہ تنهنجي آرادنا ڪندو رهندُس. اي پرپوا! جي تون مونکي

بُکيو رکندين ٿہ انهيءَ بُکہ ۾ بہ (تنهنجي ڪرپا سان) مان پاڻ کي پيٽ پريل سمجهند رهان ۽ دُکن ۾ مان پاڻ کي سُکي سمجهندو رهان. بس، صرف ايتري مهِر ڪج ٿہ تنهنجو درشن ٿيندو رهي.

ستتُ سنتوکہُ دئيا ڪماوي،
ايهہ ڪرٽي سارَ.

(ص. 51)

گرو صاحب فرمائين ٿا ٿہ اي منش! ست (سچ)، سنتوش ۽ دياانهن گڻن جي ڪمائي ڪر، اها ئي سريشٹ ۽ سڦل ڪرٽي (ڪمائي) آهي.

حڪم

گرو نانڪ ديو صاحبَن، سري جپجي واريءَ ۾ پاڻي ۾ فرمائين ٿا ٿہ هِن سرشٽيءَ (ڪائنات) اَندرسيئي جيو، جنتو، وَستوُ وغيرہ پرماتما جي حڪم پتاندڙ هلي رهيا آهن. هر حڪم پنيان اَختياري رکندڙ ڪوئي حڪمران هوندو آهي. حڪم کان ٻاهر ڪا ٻالهہ نہ هوندي آهي. هِن سرشٽيءَ جي رچنا پڻ اونڪار روپي پاربرهم پرميشور جي حڪم /اِڇا سان ٿي هئي. سچي ڪائنات کي اَڪال پُرُک پنهنجي حڪم سان هلائي رهيو آهي.

جِوَ جِوَ حڪم، تِوَيِ تِوَ ڪار
ويکي وِگسي ڪَرِ ويچارُ. (جپجي صاحب ۾ 1.)

گرو نانڪ ديو صاحب فرمائن ٿا ٿہ (هِن سرشٽيءَ کي نِرنڪار اُپايو آهي) هاڻي جيئن جيئن سندس حڪم آهي، تيئن تيئن ڪم پيو ٿئي. هوُ سيني کي (ساکي روپ ٿي) ڏسي پيو ۽ خوش ٿئي ٿو ۽ هو سيني جي ڪرمن جو ويچار ڪري ٿو.

(وگسي = خوش ٿئي ٿو)

چئُہ دِس حڪمُ ورتي پرپ تيرا،
چئُہ دِس نام پاتالن
سپ مهِ شبد ورتيءُ پربُ ساچا،
ڪرم ملي بئالن. (ص.1275)

هي پريوا! سچي سرشٽيءَ (چئني ڏِسائن، طرفن) ۾ تنهنجو حڪم هلي رهيو آهي. چئني طرفن ۽ پاتالن ۾ تنهنجو ئي نامُ گونجي رهيو آهي. سيني منجهه سچي پرماتما جي شبد جو واسو آهي. سپ ڪجهه پريو پرماتما جي مهِرڪرپا سان پراپت ٿئي ٿو.

سري گرو نانڪ ديو صاحبن کان سِڌن سوال ڪيو هو ته انهيءَ حاڪم يعني اڪال پُرک جي حڪم ۾ ڪيترو بل آهي ۽ هن جي حڪم سان ڇا ٿي سگهي ٿو؟ گرو صاحبن جواب ڏنو :

حڪمي هوون آڪار، حڪم نہ ڪهِئا جائي.

(جپجي صاحب م.1)

اُنهيءَ ڪرتا پرک جي حڪم سان سچي سرشٽيءَ جو آڪار ٺهيو آهي. (جنهن ۾ سپ جيوَ جنتوُ، وستوُ، سِڃ، چند، تارا آڇي وڃن ٿا)، مگر هن جي حڪم جو پورو بيان ڪري نٿو سگهجي، ڇو ته هو بي-اَنت آهي ۽ بيان ڪرڻ کان ٻاهر آهي.

سري گرو نانڪ ديو صاحبن کان سِڌن وري پڇيو :

ڪِو ساچِيارا هوئيئي، ڪِو ڪوڙي ٽٻيءُ پال

اُنهيءَ پرماتما وٽ ڪيئن سچار ٽِڄي ۽ ڪيئن ڪوڙ جو بندُ ٽٽي؟ گرو صاحبن جواب ۾ فرمايو :

حڪم رضائي چلڻا نانڪ لکئا نال (جپجي صاحب م.1)

گرو نانڪ ديو صاحب فرمايو آهي ته منش کي پريوءَ جي حڪم ٽي راضي ٽي هلڻ گهرجي ڇاڪاڻ ته اهو حڪم منش سان آدِ کان ئي لکيو پيو آهي.

آهنڪار سبب پنهنجي ياڻي (من مرضيءَ) تي هلڻ واري منش کان ايشور ضرفان ڏنل نعمتون (خوشين جا خزانا) وسري وڃن ٿيون.

جب لگ حُڪمُ نہ بوجھتا، تب هي لگ دُکئا
گر مِل حُڪمُ پاچاڻئا، تب هي تي سُکئا. (ص.400)

گرو صاحب فرمائن ٿا تہ جيسين منش کي پرپوءَ جي حڪم جي ٻُوجھہ نہ پيئي آهي، تيسين تائين هوءُ دُکي رهي ٿو. پر جڏهن منش گروءَ جي شرڻ ۾ اَچي، پرماتما جي رضا جي ٻُوجھہ پائي ٿو، تڏهن هوءُ سُکي رهي ٿو.

حُڪمئ اندر نِمِئا پياري، حڪمئ اَدر مجھار
حُڪمئ اندر جنمِئا پياري، اوڏہ سِر کي پار.
(ص.636)

گرو صاحبن فرمايو آهي تہ پرماتما جي حڪم انوسار ٻار پهرين ماتا جي گربہ ۾ ايندو آهي ۽ ماءُ جي پيٽ ۾ نوَن يا ڏهن مهينن تائين رهندو آهي. پيٽ اَندر هنجو سِر هيٺ ۽ ڏاڙُ متي، اُلٽو لٽڪيل هوندو آهي ۽ پرپوءَ جي حڪم انوسار جنم وٺندو آهي.

جنم-مرڻ ۽ آتما جو سنبنڌ : سانکيہ درشن ۾ جنم ۽ مرڻ جي ليلا جو رهسيہ (راز) بيحد صاف لفظن ۾ بيان کيل آهي. استري ۽ پُرش جي ميلاپ وقت، رج ۽ ويريہ جا بيحد سوکيم جُزا جنهن مهل پاڻ ۾ گڏجن ٿا، اُن وقت چيتن آتما پڻ اُن ۾ پرويش ڪري ٿي ۽ آتما جي استول ديهہ جو نِرماڻ شروع ٿئي ٿو. نوَن يا ڏهن مهينن بعد ماتا جي گربہ مان ٻار نڪري ٿو، جنهن کي ديهہ جي جنم جو وقت چيو وڃي ٿو. جيتوڻيڪ آتما ۽ ديهہ جو لاڳاپو اُن وقت (ڪِن پل) کان شروع ٿي وڃي ٿو، جڏهن رج ۽ ويريہ جو ميلاپ ٿيو هو. اَگر چيتن آتما داخل نہ ٿئي تہ اُهو ميلاپ سڦل ڪونہ ٿيندو ۽ گربہ اَڻٿي وڏي ڪونہ سگهندو. هتي پرماتما جي حڪم انوسار

جنم جو سارو دارو مدار جاڻايل آهي. رڄ يا ويريہ ٻنهي مان جي هڪ جو بہ سوکيم جُزو تندرست ڪونهي يا پوري وقت اَندر ٻنهي جو ميلاپ ٿي نہ سگهيو يا چيتن آتما سان ميلاپ نہ ٿيو، تہ گرپ نِشڦل ٿيندو. اِهي سڀ اِمڪان پريوءَ جي رضا تي مدار رکن ٿا. استول ديهہ ۾ جيو آتما جو داخل ٿيڻ 'جنم' آهي ۽ استول ديهہ مان جيو آتما جو نڪري وڃڻ 'موت' آهي. اهي سڀ پرماتما جي حڪم اَنوسار ٿين ٿيون.

حڪمي ساجي حڪمي ڏاهي،
ايڪ چسي مهم لڪم
سڀ ڪو نٽيءُ نٽيئا باخشي توڙي نٽ (ص.1289)

پرماتما پنهنجي حڪم انوسار پلڪ اَندر (اَکِ چنپ ۾) لکين جيو پئدا ڪري ٿو ۽ لکين ناس ڪري ٿو. هر هڪ جيوُ، پنهنجي ڪيل ڪرمن انوسار، هُن جي رضا جي روپ ۾ جڪڙيل آهي. هوُ جنهن مڻان پنهنجي بخشيش(مهر) ڪندو آهي، اُن جا بندن ڪٽي ڇڏيندو آهي.

پاتال پُريئا لوء آڪارا ،
تِس وچ ورتيءُ حُڪمُ ڪرارا
حُڪمي ساجي حُڪمي ڏاهي،
حُڪمي ميل مِلائيدا.

(ص. 1060)

گرو صاحبن فرمايو آهي تہ اَنيڪ پاتال، اَنيڪ پُريون(شهر)، انيڪ منڊل ۽ ٻيو جيڪي ڪجهہ جڳت منجهہ ڏسڻ ۾ اَچي ٿو، اُهو پرماتما پاڻ خلقيو آهي ۽ هن سرشٽيءَ ۾ سندس سخت (پڪو) حڪم هلي رهيو آهي. هن جڳت کي پرماتما پاڻ پنهنجي حڪم سان خلقيو آهي ۽ پنهنجي حڪم سان ڏاهيندو آهي. پنهنجي حڪم سان ئي منش کي ستگروءَ سان ميل ڪرائي ٿو ۽ گروءَ جي ڪرپا سان منش جو پرماتما سان ميلاپ ٿئي ٿو.

◆◆

ڏٽ لعنت

گُرو صاحبن گُر ٻاڌيءَ ۾ ڪيترين ريتن رسمن، رواجن، سنسن پرمن جي نہ صرف مخالفت ڪئي آهي، پر سخت لفظن ۾ ملامت ڪندي ڏِٽ لعنت پڻ وڌي آهي.

نام دان اِسنان نہ منمُکہ
تِت تن ڈوڑ ڈمائي. (سورٹ م.1)

جنهن منش نام نہ جپيو آهي، دان نہ ڪيو آهي ۽ (صبح جو سويل اُٺي) اِسنان نہ ڪيو آهي، اُنهيءَ منمُک جي تَن(سَرير) مٽان ڪام آدِڪ جهڙن وڪارن روپي (لعنتن جهڙي) ڈوڑ اُڈامي اَچي ڪرندي آهي.

تِگہ نہ اِندري، تگہ نہ ناري
پلڪي ٹُک پوي نِت داڑي.

(آسادي وار م.1، ص.471)

اي منش، تو پنهنجي اندريءَ کي وشيہ وڪارن کان نہ روڪيو آهي ۽ نہ وري پرائي استريءَ جي سنگ کان پاڻ کي روڪيو آهي، اِن ڪري تنهنجي ڈاڑهيءَ تي هر روز صبح جو ٹُڪون پون ٹيون.

تگہ نہ پيُري، تگہ نہ هٿي،
تگہ نہ جِهوا، تگہ نہ اکي.

(آسادي وار م.1، ص.471)

تو پيرن کي بُرن پاسن ڈانهن وڃڻ کان، هٿن کي بُرا ڪم ڪرڻ کان، جيڀ (زبان) کي نِندا، گِلا ۽ چُغلي ڪرڻ کان ۽ اَکين کي بُرن تماشن ۽ پرائي ڈن ۽ پرائي ناري ڈسڻ کان نہ روڪيو آهي.

◆◆

شراب پيئڻ ۔ نشو ڪرڻ

1. دُرمتِ مدُ جو پيوتي، بکلي پتِ ڪملي
رام رسائِڻِ جو رَتي، نانڪ ساچ املي.
(آسا م.5، ص.399)

(هي دوست جنو !) ڪوٽي متِ (چٽ) تہ شراب آهي، جنهن منش کي اهڙي شراب پيئڻ جي عادت پئجي ويندي آهي (يعني جنهن منش کي پرماتما جي آسري کي ڇڏي ٻُريءَ متِ (عادت) پنيان پڇندو آهي) اُهو دراچاري ٽي پوندو آهي ۽ (وڪارن ۾ ڦاسي) متوالو (پاڳل) ٽي پوندو آهي. پر هي نانڪ! جيڪو منش پرماتما جي نام جو سريشٹ رس پيئڻ کان پوءِ مستُ رهندو آهي اُنهيءَ کي سدائين اٽل رهڻ واري پرماتما جي نام جو نشو چڙهيل رهندو آهي.

2. نام خماري نانڪا چڙهي رهي دن راتِ

جتُ پيتي متِ دور هوءِ
برَلُ پوي وچ آءِ.
آپڻا پرائِنا نہ پچاڻئي
خصمهُ ڏکي کاءِ.
جتِ پيتيءِ خصم وسريء
درگهہ مليء سزاءِ
جهوڻا مدُ مول نہ پيڇئي
جيڪا پار وساءِ.

(راگ بهاگڑا م.3 ص 554)

جنهن (شراب) پيئڻ سان متِ (عقل) دور پڇي ويندو آهي ۽ بکڻ جو جوش اَڇي چڙهندو آهي، پنهنجي پرائي

کي سُڃاڻڻ جي ساڃھ ختم ٿي ويندي آھي ۽ مالڪُ کيس ڏکا ڏيئي ڪڍي ڇڏيندو آھي. جنھن شراب پيئڻ سان پنھنجو مالڪُ (پرماتما) وسري وڃي ۽ ايشور جي درگاھ (دربار) ۾ سزا ملي ٿي، اھڙو ڪوڙو (ڪمبخت) شرابُ، جيتري قدر ٿي سگھي، موُر نہ پيئڻُ گھرجي.

3. گرو نانڪ صاحب اڳتي اِنھيءَ ٿي شبد ۾ فرمايو آھي:

نانک ندري سچُ مدُ پئيئي،
ستِگر مِلي جسُ آءِ.
سدا صاحب ڪي رنگ رھيء
ماحلي پاويء ٹاءِ.

(راگ بھاگڑا م.3 ص 554)

ھي نانڪ! اگر اِنھي منش کي پرماتما جي مھِر جي نظر سان 'نام' روپي نشو ملي پوي (حاصل ٿئي) ۽ ستگر سان ميلاپ ٿي وڃي تہ اُھو منش سدائين صاحب (پرماتما) جي نام جي رنگ ۾ (خماريءَ ۾) رھندو ۽ دربار (درگاھ) ۾ عزت حاصل ڪندو.

4. **ڪبير پانگ ماڇُلي سُرا پانِ،**
جو جو پراني کانھِ
تيرث برت نيم ڪيئي،
تي سيپيء رساتل جانھُ

(سلوڪ ڪبير صاحب ص. 1377)

سري ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا تہ جيڪي منش پنگ پيئن ٿا، مڇي کائين ٿا ۽ شرابُ پيئَنِ ٿا، سي تيرٿ ڪندي، ورت رکندي ۽ ڀيا نيم ڌارينديِ بہ (رساتل) دوزخ ۾ وڃن ٿا. يا تن جا جيڪي تيرٿ ورت يا ڀيا نيم ڪيل ھوندا اُھي سيپُ (رساتل) پاتال ۾ ويندا يعني نشٽل ٿيندا.

تيرٿ

منش مايا جي جار ۾ ڦاسي اڪال پرڪڻ کي وساري ڇڏي ٿو ۽ کيترا ڪشٽ سهندو آهي. اُنهن ڪشٽن کان بچڻ واسطي تيرٿن جون ياترائون ، ديوتائن جون پوجائون، وغيره طريقن جو استعمال ڪندو آهي، پر دکه دور نه ٿيندا آهن. اِنهيءَ جو صرف هڪُ علاجُ آهي پريوءَ جو نامُ جپڻ ۽ اُن ۾ ويساهُ رکڻُ :

ناوِن ڪئُ تيرٿ گهني منّ بئُرا ري
پوجنُ ڪئُ بهُ ديو
ڪهُ ڪبير چوڻن نهي من بئِرا ري
چوڻن هرِ کي سيوَ.

(گوڙي ڪبير جي ص 336)

هي من ! اِشنان ڪرڻ واسطي کيترا تيرٿ آهن ۽ پوجڻ لاءِ بہ گهٽيئي ديوي ديوتائون آهن. ڪبير صاحب فرمائين ٿا تہ هِن (مايا جي موهہ) کان چوڻڪارو نٿو ملي. چوڻڪارو تہ صرف هريءَ پرماتما جي شيوا ڪرڻ سان ئي ملندو.

ڪبير گنگا تير جمُ گهرُ ڪرهِ
پيوهِ نرمل نيرُ
بن هرِ پڱتِ نہ مُڪتِ هوءِ
اِءَ ڪَهِ رَمي ڪبير.

(سلوڪ ڪبير صاحب ص. 1367)

هي ڪبير! جي تون گنگا جي ڪناري تي گهرُ ٺاهي وهندي ۽ گنگا جو صاف ۽ نرمل پاڻي پيئندو رهندي تڏهن بہ هري پرماتما جي پڱتي ڪرڻ بنا مڪتي نہ ملندءِ. ڪبير ائين چئي پرماتما جو سمرن ڪندو رهي ٿو.

هن سلوڪ ۾ گرو صاحب صاف طور سان چيو آهي تہ جنهن منش پنهنجي اَندر ۾ هريءَ کي سمائي رکيو آهي، اُن جي هردي ۾ اَنهتِ تيرٿ (ڪاشي وغيره سي تيرٿ) آهن.

اِهہُ منّ ڪاسي سي تيرٿ
سِنمرتِ ستگرِ ديئا بُجهاءِ
انسٹِ تيرٿ تِسُ سنگِ رههِ،
جنِ هرِ هردي زهئا سماءِ.

(گوجري م.3 ص 491)

جنهن منش کي ستگر (آتمڪ جيون جي) سمجهہ ڏني آهي، اُنهيءَ منش جي من ۾ ڪاشي، ٻيا سي تيرٿ ۽ سمرتيون رهن (وسن) ٿيون.

جنهن منش جي هردي ۾ هري (پرماتما) سدائين وسي ٿو (يا رهي ٿو) اُن منش سان انهتِ تيرٿ سدائين گڏ رهن ٿا يعني هُن جي هردي ۾ سدائين رهن ٿا.

تيرٿن ڪرڻ سان ڪهڙو ڦل ملي ٿو ؟

تيرٿ ٽپُ ديا تتُ دانّ
جي ڪو پاويء تِل ڪا مانّ.

(جپ جي صاحب پوڙي 21)

گرو صاحب فرمائين ٿا تہ جيڪي منش تيرٿ ڪن ٿا، تپ يا تپسيائون ڪن ٿا، يا من ۾ ديا ڌاري دان ڪن ٿا تِنِ کي (درگاهہ) ۾ تِرَ جيترو مانُ ملي ٿو. وري صاحبن فرمايو آهي تہ :

سٹيا منيا من ڪيتا پاءُ
انتر گتِ تيرٿ ملِ ناءُ.

(جپ جي صاحب پوڙي 21)

پر جيڪي منش نام سڻن ٿا ۽ مڃين ٿا (عمل ڪن ٿا)

۽ من ۾ اُن سان پريم رکن ٿا، سي پنهنجي هردير روپي تيرت ۾ اِشنان ڪري (هڪُ مڪُ روپي) مئِل دور ڪنِ ٿا. يعني انهن مان منش ۽ ايشور جو پيد نڪري ٿو وڃي.

تيرٿن بابت ڪبير پڳٽ جو هينيون سلوڪ تمام معنيٰ پريو آهي :

انترِ مئِل جي تيرث ناوئِ،
تِسنُ بئڪُنٺ نہ جانا
لوڪ پتيٽي ڪاڇو نہ هووئِ،
ناهي رامَ آيانا.
پوُجهہ رام ايڪ هي ديوا
ساچا ناوڻُ گُر ڪي سيوا
جل ڪيُ ماجن جي گتِ هووئِ،
نتُ نِتُ مينڍڪُ ناوهِ
جئِسي مينڍڪ تئسي اوءِ نرَ
فِر فِر جوڻي آوهِ.

(آسا ڪبير جي ص. 484)

ڪبير صاحب فرمائي ٿو تہ هرڊي ۾ وڪارن جي مئِل رکي تيرٿن تي وڃي اِسنان ڪرڻ سان ڪو بہ منش وئِڪنٺ ڪونہ وڃي سگهندو. ماڻهن کي ڏيکاوَ واسطي تيرٿن تي وڃي کين خوش ڪري سگهندا، پر ايشور کو اڇاڻُ تہ ڪونهي جو ائين خوش ٿي وڃي. اِن ڪري هڪ ٿي رام روپي ديوتا جي پوجا ڪري گروءَ جي شيوا ڪرِ چاکاڻ تہ اُهوئِي تيرٿن جو سچو اِشنانُ آهي. جيڪڏهن جل (پاڻيءَ) ۾ سنان ڪرڻ سان مڪتي ملندي هجي تہ ڏيڏر، جيڪو سدائين پاڻيءَ ۾ سنان پيو ڪندو آهي، اُهو ضرور مڪت ٿي ويندو. پر جيئن ڏيڏر ٽيئن منش ، ٻئي ساڳيا آهن؛ وري وري جوُڻين ۾ ٽپڪندا رهن ٿا.

◆◆

نام سمرڻ

پريو پرماتما جي لڳاتار مِني پياري ياد ۾ رهڻ کي نام سمرڻ چئجي ٿو. ساري گرباڻيءَ ۾ گرو صاحبن نام سمرن تي زور ڏنو آهي.

نام يعني شبد گرو، هر منش جي اَندر توڙي ساري کائنات جي ذري ذري ۾ سمايل آهي. سُرت کي شبد گروءَ جو چيلو ٿي پرماتما سان لين ٿي وڃڻ آهي سچي نام جو سمرن ڪرڻ. پرماتما جي گڻن جي بي انت مِهما ۽ سندس ڏنل نعمتن کي ياد ڪرڻُ آهي نام سمرڻ. هريءَ جو نام جپڻُ أتم ڏرم آهي، گرو صاحبن سکمني صاحبن ۾ فرمايو آهي :

سرب ڏرم مَهِ سريشٹ ڏرم
هرِ کو نام جپِ نرمل کرم.

(گوڑي سکمني صاحب م. 5)

پريوءَ جي سمرن سان منُ نرمل ٿئي ٿو. پاپن توڙي وڪارن سبب من مٽان جيڪا مَيُل جمي وڃي ٿي اُها پريوءَ جي سمرن ڪرڻ سان ڏوپي صاف ٿي وڃي ٿي.

پريپ کي سمرن منٌ کي ملُ جاءِ
امرتُ نام رِد ماهِ سماءِ.

(گوڑي سکمني صاحب م. 5)

جيڪي اَياڻا منش هري سمرن کان مکہ موڙي، دنيا جي ٻين ڪمن ۾ رُڌل رهن ٿا يا وڪارن ۾ ڦاسي جيون وڃِرت وڃائين ٿا، اُنهن منشن لاءِ گرو صاحبن سخت لفظن ۾ ملامت ڪئي آهي. هتي شيخ فريد صاحب فرمايو آهي:

فريدا تِنا مُکہ دراوٹي، جنا وسارِئُن ناءِ
ائٹيءُ دُکہ گھٹيرئا، اگيءُ نئُرَ نہ ناءِ.

(شيخ فريد سلوڪ 106)

شيخ فريد صاحب فرمائين تا تہ جن منشن پريوءَ جو نالو وساريو آهي، تِن جون شڪليون ڏيڇاريندڙ يا پيانڪ آهن. هِن دنيا ۾ ڪين گهٽا ڏڪ ملن تا ۽ اَڳيان ٻيءَ دنيا ۾ ڪو ٽِرڻانءُ ڪونہ ٿو ملين. يعني جن پنهنجي مالڪ کي وساريو آهي، اُنهن کي هِن لوڪ چاهي پرلوڪ ۾ سُک ڪونہ ٿو ملي.

جن هرِ هِردي نام نہ بسِئو
تِن ماتِ ڪيجئِ هر بانجها
تِن سڄي ديهہ قِرهِ بن ناوي
اوءِ ڪپ ڪپ مُئي ڪر اَنجها.

(جئتسري م.4 ص.697)

جن منشن جي هِردي ۾ پرماتما جي نام جو واسو نہ آهي، اُنهن جي ماڻُرن کي پريو بانجهہ (سنڊ) ئي ڪري ڇڏي ها (تہ ڇٽو هو) ڇاڪاڻ تہ اُنهن جا سريرَ هريءَ جي نام بنا سُڃا رهندا آهن ۽ اُهي خوار ٿيندا آهن ۽ آتمِڪ طور هو مُردي سمان هوندا آهن.

جت مُکہ نام نہ اُچرهِ،
بِن ناوي رس ڪاءِ
نانڪ ايوي جاڻيئِ
تِت مُکہ ٽُڪا پاهِ.

(آسادي وار، سلوڪ ۱۹، ص.۴۷۳)

جنهن مُنهن(مُک) مان واهگروءَ جو نامُ نڪو نِڪري(اُچارجي) ۽ نام جپڻ بنا سنسار جو سُک ۽ رس (سواد ۽ مزا) ماڻي ٿو، اُن منش لاءِ گرونانڪ صاحب فرمايو آهي تہ جڻ هُن جي مُک (منهن) تي لعنتن جهڙيون (روپي) ٽُڪون پونديون آهن.

◆◆

شيوا

سيوا كرت هوءِ نِهكامي،
تِس ڪُٿ هوتَ پراپت سوامي.

(گوڙي م.5 سڪمني 286)

هر ڏرم ۽ پنڌ ۾ 'شيوا' (خدمت) ڪرڻ کي وڏي مهانتا ڏني ويئي آهي. شيوا ڪرڻ جا قسم آهن : بزرگن، ماتا-پتا، گُرو ۽ سماج جي شيوا. سوارٿ ۽ ڦل ملڻ جي اِڇا نہ رکي، شيوا ڪرڻ سڏلي آهي ۽ پريوءَ جي پراپتي ٿيندي آهي. شيوا ڪرڻ سان من ۾ نڙٽت ۽ نِماڻائي پئدا ٿئي ٿي.

شيوا تَن، منَ يا ڌن سان ڪري سگهبي آهي. ڌن سان ڪيل شيوا سان مايا جو موهہ ناس ٿئي ٿو، من ۾ ويراڳ اُتپن ٿئي ٿو؛ تن (سرير) سان ڪيل شيوا سان منَ جو اَپمان ناس ٿئي ٿو. پنهنجي دُکن ۽ سُکن طرفان من هٽي وڃي ٿو ۽ انسان کي آتم سُک جي پراپتي ٿئي ٿي.

سڀ کان مهان شيوا اُها آهي، جيڪا سچيءَ ياونا ۽ شردا سان من کي شبد گروءَ (نام) سان جوڙي، سُرت کي شبد گروءَ جو چيلو بڻائي ٿي. اِن واسطي منش کي پوريءَ طرح پريوءَ جي چرتر ۾ لين ٿيڻو پوندو ۽ پاڻ (آپو) وڃائي (ماري) پنهنجيءَ آتما کي شبد ۾ پوريءَ طرح جوڙي رکڻو (لين ڪرڻو) پوندو.

جيڪو منش بنا اِڇا يا ڪامنا يعني ڦل جي اُميد رکڻ بنا، پرماتما جي شيوا ڪري ٿو، تنهن کي پرماتما جي ڪرپا حاصل ٿئي ٿي.

□□

سوُتڪ

براهمڻ ۽ پنڊت لوڪ، چوت-چات، اوچ-نيچ، پوتر-اَپوتر جو ڏاڍو ڏيان رکندا آهن ۽ 'سوتڪ' وارينداَ آهن. گرو نانڪ ديو صاحب 'سوُتڪ' جو اصلي مطلب ٻڌايو آهي، جيڪو ڏيان ڏيڻ جوڳو آهي. گرو صاحبن فرمايو آهي تہ اَڪيُن کي سوتڪ تڏهن لڳي ٿو، جڏهن پُرُش پرائي ناريءَ ڏانهن ٻُري نِگاهہ سان ڏسندو آهي؛ من کي سوتڪ تڏهن لڳندو آهي، جڏهن ٻُرا ڪرم ڪيا ويندا آهن. اِن وشيہ ۾ گرو صاحبن جا وچن هيٺ ڏجن ٿا :

منَ کا سوتڪ دوجا پاءُ
پرمي پولي آوءُ جاءُ.

(گوڑي گئاريري م.3، ص. 229)

من کي دُئيت پاڻ (ٻيائيءَ وارو) جو سوتڪ يعني اَپوترتا لڳل آهي جنهن ڪري پرمن سنسن ۾ پليل منش جوڻين ۾ اَچي وڃي ٿو.

مَنمُکہ سوتڪ کبھُ نہ جاءِ
جاچَرُ سبد نہ پيجي هرِ کي ناءِ.

(گوڑي گئاريري. م.3، ص. 229)

مَنمکہ جو سوتڪُ تيسين نڻو وڃي جيسين گروءَ جي شبد دئاران هريءَ جي نام ۾ پريم پورڪ رچي راس نہ ٿيو آهي :

ستگ-ور سيوئيء سوتڪ جاءِ
مري نہ جنميء کالُ نہ کاءِ.

(گوڑي گئاريري م.3، ص. 229)

ستگر جي شيوا ڪرڻ (شبد گروءَ جي جپڻ سان) دئيت پاڻ (ٻيائيءَ وارو سُڀاءُ) روپي سوتڪ دور ٿي وڃي ٿو، اُهو منشُ نہ مري نہ جمي ٿو. (مُڪت ٿي وڃي ٿو).

اڪي سوتڪ ويڪڙا
چرَ تِرءِ پرڌن روپ

(آسادیوار سلوڪ م. 1)

اَڪين کي سوتڪ تڏهن لڳي ٿو جڏهن پرائي استريءَ جي روپ ۽ پرائي ڌن کي ٻُري نظر سان ڏسجي ٿو.

نِرچِئِ آپِ نرنتر جوتِ
بِن ناوِيءِ سوڙتڪ جگَ چوٽِ

(آسا م.1 ص 413)

هڪُ پرماتما آهي جيڪو بنا ڪنهن ڀَوَ (خوف) وارو آهي ۽ هُن جي جوتِ (شڪتي) سڄي جڳ ۾ سدائين (نرنتر) قائم آهي. سڄي جڳت ۾ جيڪي هُن جي نام کان بيمُکہ آهِن (نام جو جاپُ نہ ڪَنِ) اُنهن کي سوُتڪ جي چوٽِ لڳي ٿي.

□□

چار پدارٿ

چار پدارٿ جيڪو مانگي،
ساڻ جنا کي سيوا لاگيءَ.

(گوڙي م.5 ص 266)

گرو صاحب فرمائين ٿا تہ جيڪڏهن منش کي چئن پدارٿن (ڏرم-اَرٿ-ڪام ۽ موڪش) حاصل ڪرڻ جي چاهنا آهي، تہ هوءَ ساڏو سنتن جي شيوا ڪري.

ڏرم ـ ڏرم يعني نيم : شاستن ۾ ڏرم جا ڏهہ نيم چيا ويا آهن، جيڪي آهن - ڏِرتي، ڪِميا، دَم، اَستيئيَ (چوري نہ ڪرڻ)، شوچ (پَوِترتا-پاڪيزگي)، اِندريءَ نِگرهہ ـ اِندرين (حواسن) تي ضابطو رکڻ، ڌيرج، وِديا (سچو گيان)، سَتيَم ـ سَچائيءَ جو پالن ڪرڻ، اَڪروڌ ـ ڪاوڙ غصو نہ ڪرڻ.

ارٿ ـ سچ جي ڪمائيءَ مان پراپت دولت جو سُکُ

ڪام ـ مريادا اَندر اِڇائون ۽ اُنهن جي پوُرتي.

موڪش ـ اَهڙيءَ طرح زندگي گذارڻ سان من کي جڏهن شانتي ملندي آهي، تڏهن منش جو سنساري شين مان موهہ ختم ٿيندو آهي، من ايشور جي ڌيان ۾ استِر ٿيندو آهي ۽ آتم گيان پراپت ٿيندو آهي تڏهن منش جنم-مرڻ جي بندن کان مُڪت ٿي سچڪنڊ ويندو آهي؛ اِن کي ئي موڪش چيو ويو آهي.

ساڏو سنتن جي شيوا ڪرڻ سان نام ڌاران جو سُکُ حاصل ٿئي ٿو، سو سنسار جي پدارٿن کان وڌيڪ اُتم آهي.

چار پدارت کهيءِ سيپ کوئيِ
سِمرتَ ساستَ پنڌتَ مُکِ سوئيِ
بِن گُر ارتُ بيچار نہ پائنا
مُکت پدارتُ ييگتِ هرِ پائنا.

(گوڙي م۱۰ ص.154)

چئن پدارٿن جو هرڪوئي ذڪر ڪري ٿو. سِمرتين، شاسترن ۽ پنڌتن جي مُکہ مان پڙهيو ۽ ٻُڌو آهي. پر مُڪتي پدارٿ ڇا آهي؟ اُها اَوسٿا ڪهڙي آهي، جنهن ۾ منش ڻنهي گڻن جي اَثر کان نِرليپ ٿي پوندو آهي؟ گروءَ جي شرڻ وٺڻ بنا اُن جو اَنُبھُو نٿو ڪري سگهجي. اِهو پدارٿ پرماتما جي ييگتي ڪرڻ سان ملندو آهي.

ستگر کيءِ وس چار پدارت
تين سمائي ايک کِرتارتَ.

(پرياتي م۱۰ ص.1345)

ارٿ : منش دنيا جي پدارٿن پائڻ واسطي ديوي ديوتائن جي پوجا ڪندا رهن ٿا. پر گروءَ جي اختياري (وس) ۾ چار ئي پدارٿ آهن. گروءَ جي شرڻ ۾ اَچڻ سان منش جي پهرين ٽِن پدارٿن کي حاصل ڪرڻ جي تمنا ئي ختم ٿي ويندي آهي، جڏهن هڪ پدارٿ ملڻ ۾ سڏلتا ملي ويندي آهي (يعني مايا جو موهہ ختم ٿي ويندو آهي).

چار پدارت لئہ جگ آئنا
شِو شڪتي گهرِ واسا پائنا
ايک وساري تا پتِ هاري
انڈ لئہ نام وسارا هيءِ.

(مارو سولهي، م۱۰ ص.1027)

(پرماتما وٽان) منش چار پدارت وٺي جڳت ۾ اَچي ٿو. (پر هِتي اَچي) پريوُءَ جي رچيل شِوَ-شڪتي) مايا جي اَثر هيٺ ڦاسي پوي ٿو ۽ اَنڌو بڌجي مالڪ جي نام کي وساري ٿو ڇڏي. جيڪو منش پرماتما جي نام کي وساري ٿو، اُهو منش جنم جي بازي هارجي ٿو وڃي.

چار پدارت چاري پائي
گُرمت نانک هرِ پاجهُ

(راگُ بِلاوَل م.4 ص.800)

هي نانڪ! چار پدارت (نام جپڻ جي برڪت سان چار ئي) حاصل ٿي سگهندا آهن. (اِن کري) گروءَ جي متِ يعني اُپديش وٺي سدائين هري نام جو پيچن ڪندو رهُ.

اَرٿ ڏرم ڪام موکھ کا داتا
پوري پئي سِمر سِمر بڌاتا.

(راگُ بِلاوَل م.5 ص.806)

پريو پرماتما چئني پدارٿن يعني ڏرم، اَرٿ، ڪام ۽ موڪش جو داتا آهي. پرماتما جي نام سِمرڻ ڪرڻ سان وِرڌاتا چئني پدارٿن کي حاصل ڪرڻ جي منش جي آس پوري ڪري ٿو.

◆◆

ڪبير صاحب

ڪبيرا سپ تي هم بُري،
هم تاج پلو سپ ڪوءِ
جِن ائسا ڪر ٻوجهئا،
ميت همارا سوءِ.

(ڪبير، سلوڪ 7)

سري ڪبير صاحب فرمائن ٿا تہ 'هم' (اَهنڪار) سپ کان بُرو آهي، اِنهيءَ اَهنڪار کي ٽون ڇڏ تہ ٽوکي سپ کو چڱو نظر ايندو. جن منشن ائين سمجهيو آهي (تہ اَهنڪار بُرو آهي)، اُهي اَسان جا ميت يعني مِتر/دوست آهن.

ڪبير ميرا ماڃهہ مهِ ڪاچ نهي،
جو ڪِاچ هئہ سو تيراَ
تيرا تاڃهہ ڪو سؤپتي،
ڪيا لاگي هئہ ميرا.

سري ڪبير صاحب جن وينتي ڪندي چون ٿا تہ هي پرماتما! مون ۾ منهنجو ڪجهہ بہ نہ آهي، جيڪي کي آهي، سو تنهنجو آهي؛ تنهنجو ئي ٽوکي موڙائي ڏيان ٿو، تہ اِن ۾ منهنجو ڇا ٽو لڳي؟

ڪبير ڌرتي ارُ آڪاس مهِ،
ڏُئي تونبري ابڌ
ڪٽ درسن سنسي پري،
ارُ چوراسيءَ سِڌ.

(سلوڪ 203)

سري ڪبير صاحب فرمائين ٿا تہ ڌرتي ۽ آڪاس ۾، آسا ۽ ترشنا روپي ہہ تُنبيون آهن، جيڪي جيترڻ (ہڌجڻ) جون نہ آهن. انهيءَ کري ڪٽ درشن يعني ڇهہ مَتَ ۽ چوراسي سِڌ بہ سنسي يا ڏُہڌا ۾ پئجي ويا آهن تہ اِنهن ٻنهي کي وس ۾ ڪرڻ لاءِ ڪهڙو اُپاءُ ڪجي.

(**نوٽ** : ڪٽ درشن : ١. سانکيہ- ڪَپِل مُني، ٢.ويدانت- ويد وياس، ٣. وَئشيشِڪ- ڪڻاد مُني، ۴. يوگ- پتنجلي رشي، ۵.ميمانسا- جئمِني رشي، ۶.نيايہ- گوتم رشي.

ذات پات جو پيد :

سنت ڪبير صاحب جاتي پيد جي بيڪار روايتن خلاف اعتراض اُٿارينديِ هڪ بيحد سندر مثال پيش ڪيو آهي. سيني جي جمڙ جو هڪ ئي طريقو آهي، سيني جو سرير پنجن تتن جو نهيل آهي. براهمڻ، شوُدر ۽ بين ذاتين جي وچ ۾ ڪوبہ فرق ڪونهي. ڪبير صاحب فرمائي ٿو :

تُم ڪَت براهمڻ، هم ڪَت سود،
هم ڪَت لوهوُ، تُم ڪَت دوُڌ.
جي تو براهمڻ، برهمڻي جائئا
تئُں آن بات ڪاهي نهي آئئا.

(ڪبير گرَنٿ 324)

گربِ واس مهِ ڪُل نهي جاتي،
برهم بِندُ تي سب اُتپاتي،
ڪهُ ري بامن ڪب ڪي هوئي.

(ڪبير 324)

هندو قوم ڪي ذات پات جي روايت سبب بيحد نقصان پهتو آهي. هر انسان پرماتما جو اَنش آهي. اوچي ذات وارا پنهنجي ہات جي وڏائيءَ ۽ اَيمان سبب، ننديِ ذات وارن جو اَپمان، تِرسڪار ۽ سندن مٿان ظلم ڪندا رهيا آهن، اِن ڪري قوم ۾ قوت جي ڪاڻ نفرت جي آگ ٻرندي رهي

آهي. گرو صاحبن سيني منشن جي هڪ جھڙي هجڻ ۽ پرماتما جي اولاد هجڻ وارو سِدّانت پيش ڪندي لنگر جي روايت شروع ڪئي جتي سيني جاتين ۽ ڌرمن مذهبن جا ماڻهو هڪ جڳهه تي ويهي پاڻ ۾ پوجن(پرساد) کائيندا آهن. گرو صاحبن پنهنجي ٻاڻي ۽ ۾ پڌ

'ايڪ پتا، ايڪس ڪي هم بارڪ'

جو سنديش ڏيئي، هندو سماج کي ذات پات جي ٻندڻن کان نِجات ڏيڻ جي ڏِس ۾ اَهم قدم کنيو.

گرو صاحبن فرمايو آهي:

آگي جات نہ جورُ هئہ آگي جيءُ نوي
جِن ڪي ليکيءُ پتِ پوي، چنگي سيئي ڪوءِ.
(وار آسا، م.۱ ص.۴۶۹)

اول الله نوُر اُپايا،
قدرت ڪي سب بندي
ايڪ نوُر تي سب جگُ اُپجئا
ڪوُن پلي ڪو مندي.
(ڪبيرؒ صاحب)

پرماتما پهرين نوُر پئدا ڪيو ۽ قدرت جا سڀ بندا آهن. هڪ ئي نوُر (جوت) مان ساري جڳت جي اُتپتي ٿي. قدرت جي سيني بندن (منشن) مان پلا ڪنهن کي سُنو يا خراب چئجي؟

◆◆

سهج پاٺ ۽ اکنڊ پاٺ

هر سِک کي سري گرو گرنٿ صاحب جو پاٺ ڪرڻ جڳائي. صبح جو سوير اُٺي سنان وغيره ڪري، گرو گرنٿ جو پاٺ ڪرڻ ضروري آهي. پاٺ شُڌ هٿ ڪپي ۽ ڪيتري دير ڪرڻ گهُرجي، ان جي ڪا پابندي ڪانهي. اَگر گهر ۾ گرو صاحبن جو پرڪاش ٽيل آهي تہ گهر جي سيني پاتين کي جڏهن بہ وقت ملي، تہ پاٺ ڪرڻ گهرجي ۽ مهني ۾ن کان پوءِ، پاٺ صاحب پورڻ ٽيڻ تي، پوڳ پائجي. ڪڙاهہ پرساد تيار ڪري سنگت ۾ ورهائجي. ڪنهن خاص (خوشي يا غميءَ جي) موقعي تي، سهج پاٺ يا اَکنڊ پاٺ رکجي. سهج پاٺ ستن يا نون ڏينهن ۾ پورو ٽيندو آهي. پاٺ صاحب شروع ڪرڻ کان اَڳ اَرداس ڪري، پاٺ آرنپ ڪجي. سُنو تہ ائين ٽئي تہ گهر جا سڀ پاتي ملي، پاٺُ پڙهن ۽ سِک شردا سان شبد کيرتن ڪن. باقي نہ، تہ پاڻي اَڇي پاٺ ڪري ويندا. کيترا دفعا تہ پاڻي صاحبان پاٺ پاٺ ڪري هليا ويندا آهن ۽ گهر جا پاتي پنهنجن ڪمن ۾ رُڌل هوندا آهن، جيڪا ڳالهہ نيڪ نہ آهي. پاٺ پاڻ کي ڪرڻ گهُرجي يا گهٽ ۾ گهٽ ٻُڌڻ ۽ عمل ڪرڻ گهُرجي. اَڄ ڪلهہ تہ گردواري ۾ آردر ڏيئي پاٺ آرنپ ڪرائي سگهجي ٿو ۽ پوڳ واري ڏينهن تي پاڻيءَ جي شِڪل چڱيءَ طرح ڏسجي ٿي ۽ مِٺ مائٺ پڻ گردواري ۾ اَڇي پوڳ صاحب محل حاضر ٽين ٿا. پوڳ صاحب کان پوءِ ڪڙاهہ پرساد ورهائي، روٽي-لنگر وغيره جو اَگر بندوبست آهي، اِهو ڪائي هرڪو پنهنجي گهر ڏانهن راهي ٽئي ٿو. اِن طريقي سان سهج پاٺ يا گرٻاڻيءَ جو فيض يا فائدو نہ گهر وارن حاصل ڪيو ۽ نہ سڳن مٽن مائٽن يا دوستن کي ئي حاصل ٿيو.

اَکنڊ پاڻ صاحب ۾ لڳاتار گروگرنٿ صاحب جو پاٺ جاري رهندو آهي ۽ اَنيتاليهن ڪلاڪن اَندر سماپت ٿيندو آهي. ٿورو وقت جي گهٽ-وڌ لڳي وڃي تہ سنسو ڪرڻ نہ گهُرجي. اَکنڊ پاڻ واسطي چار پنج يوگيہ پاڻي هڪ ٻئي پُنيان پاڻ صاحب جاري رکندا آهن ۽ وچ۾ رُڪاوٽ نہ وجهبي آهي. اَکنڊ پاڻ صاحب ڪنهن شُڀ موقعي تي يا ڪا آس پڄڻ يا باسيل سُکا پوري ٿيڻ تي رکبو آهي. بهتر طريقو تہ اِهو آهي تہ گهر ۾ اَکنڊ پاڻ صاحب رکائجي. جي گهر ۾ اَڳ ۾ گرو گرنٿ صاحب جو پرڪاش آهي تہ ٺيڪ، نہ تہ مريادا ۽ عزت سان گرو صاحب، گردواري صاحب مان گهُرائي اِستاپت ڪجي ۽ وڌيءَ سان اَکنڊ پاڻ صاحب جو آرنپ ڪجي.

پاڻ صاحب جي آرنپ ۽ سماپتيءَ، ٻنهي وقتن تي، اَرداس ڪري ڪڙاھ پرساد تيار ڪرائڻ گهُرجي. اَنيتاليهن ڪلاڪن ۾، صبح ۽ شام جو، گروءَ جي شبد ڪيرتن جو پوُرو بندوبست رکڻ گهرجي. گهر جي سينئي ياتين کي پاڻ صاحب وقتِ، پاڻيءَ جي وڏي آواز ۾ پڙهندو هُجي تہ ٻاڻي ٻُڌڻ گهرجي ۽ شبد ڪيرتن ۾ شامل رهجي. اَڇڪلھ جي تيز رفتار واري زماني ۾ اَکنڊ پاڻ ٻہ گرداري ۾ آردر ڏيئي ڪرايو پيو وڃي، جيئن متي ذڪر ڪيل آهي. هاڻي تہ وري هڪ ئي مهِل پنج، ڏهہ يا هڪ سو هڪُ اَکنڊ پاڻ صاحب، هڪ ئي استان تي، پارڪ يا ميدان ۾ رکيا پيا وڃن. هزارن جي تعداد ۾ سنگت اَچي گڏ ٿئي ٿي. صرف واهگرو ٿو ڄاڻي تہ اِهو آڏنبر آهي يا واهگروءَ جي سچي شيوا ۽ پڳٽي آهي. ڏهين گرو صاحبن تائين اَکنڊ پاڻ رکڻ جو سرشتو ڪونہ هوندو هئو. اِهو رواج ٻُڌا دَلَ طرفان شروع ڪيو ويو هو ۽ تَرُڻ دَل طرفان جنگي اَپياس واري روايت شروع ڪئي ويئي هئي.

اَسان سنڌين جي گهرن ۾ اَجا تائين سڄ پاڻ جو سلسلو جاري آهي. گهر جا ياتي، گهر ۾ استاپک ڪيل گروگرنٿ صاحب جو پاڻ نِت نيم سان ڪندا آهن. مهني ٻن يا وڌيڪ وقت ۾ پاڻ سماپت ڪري وري ٻيو دفعو پاڻ صاحب کي آرنپ ڪري پاڻ صاحب جاري رکندا آهن. اَسان سنڌي سڄ ڏاري سِک آهيون، يعني اَسان پنج ڪڪا (ڪيس -ڪڇو-ڪرپاڻ-ڪنگهو-ڪڑو) ڌارڻ ڪونہ ڪندا آهيون پر صدق، سڄ ۽ وشواس، ڏهن ئي پاتشاهين ۾ ۽ گروگرنٿ صاحب ۾ رکندا آهيون. اِن ڪري اَسان کي سڄڌاري سِک ڪري سڏيو ويندو آهي. سنڌين کي پنهنجا گردوارا آهن ۽ ڪيترن شهرن ۾ تہ وڏا مشهور گردوارا آهن. مُمبئي، دهلي، احمدآباد، بڑودي، ۽ ودیشن ۾ پڻ. مُمبئي، دهلي ۽ ٻين شهرن ۾ پوڄ دادا چيلارام ۽ سندس سُپتر دادا لڇمڻداس طرفان 'نِڇُ ٽانڱ' نالي سان گرودٽارا مشهور آهن. ممبئيءَ ۽ ٻين وڏن شهرن ۾ پڻ ٻيا وڏا گردوارا ۽ اُنهن سان گڏ ڏرمشالائون پڻ نهيل آهن.

هِنن گردٽارن جي خاص خوبي اِها آهي تہ اَجا تائين صبح جو اَنبرت ويلي (چئين بجي کان بہ اَڳ) گرودٽاري ۾ سنگت گڏ ٿي شبد ڪيرتن، ڏيان، آسادي وار جو ڪيرتن، اَرداس، وچن ونڊ وغيرہ بعد پرساد ورهائڻ، شام جو رهراس صاحب جو پاڻ، شبد ڪيرتن ۽ گرو صاحب جي سک آسڻ وغيرہ جو سلسلو جاري آهي. گردواري ۾ سنڌي ٻُڌا، جوان، ٻار، عورتون گهٽي ياڻي صاف سادا سفيد ڪپڑا پهري، ڏاڍي ادب ۽ نوڙت سان گرو صاحبن اَڳيان مٿو ٽيڪي، پلٽي ماري، شانت ۽ ڏيان مگن ٿي اَچي وهندا آهن.

◆◆

ارداس

سچي ارداس يعني وينتي صرف تڏهن ٿي سگهندي آهي، جڏهن بيحد نماڻائيءَ ۽ نئڙات سان، پاڻ کي نيچن کان به نيچ يا ٽُچ سمجهي، پنهنجي مالڪ، خصم، حاڪم يا آقا اَڳيان پنهنجي ضرورت يا عرض پيش ڪجي. پرماتما اَڳيان ڳچيءَ ۾ ڪپڙو اٽڪائي/پائي، ٻئي هٿ جوڙي، اَکيُن مان عاجزيءَ جا آنسو وهائي، نِماڻو بڻجي جڏهن ارداس ڪجي ٿي، تڏهن مالڪ (پرماتما) ضرور عرض اَگهائي ٿو.

نانڪ ايڪ ڪري ارداس،
وِسر ناهي پورن گُڻتاس.

(سوهي م.5، ص.741)

گرو نانڪ ديو صاحب، پرماتما کي عرض ڪندي چون ٿا ته مان (نانڪ) وينتي ٿو ڪريان ته هي پورڻ شُڀ گُڻن جي خزانن وارا پرماتما، تون مونکي ڪڏهن به نه وسارجانءُ.

جاچڪُ جن جاچئ پرب دان
ڪر ڪرپا .ديهُ هرِ نامُ
ساڌ جَنا ڪي ماگئُ ڏوُر
پار برهم. ميري سردا پوُر.

(گوڙي سکمني، م.5، ص.289)

هي پرڀو! مان منگتو داس ٿي، توهان کان دان ٿو گهُران ته ڪرپا ڪري مونکي هري نام ڏيو (هري نام جپڻ جي پخشيش ڏيو). هي پار برهم، مان توکان ساڌو سنتن جي چرنن جي ڏوڙ پنا ٿو. اِها منهنجي خواهش (شردا) پوري ڪريو.

داس تيري كي بينتي، رِد كر پرگاس،
تمري كرپا تي پار برهم دؤكن كو ناس.

(بلاول، م.5، 818)

هي پريو، توهان آگيان هِن داس جي اِها وينتي آهي تہ منهنجي هِردي ۾ پنهنجي سروپ جو پرڪاش ڪريو. هي پار برهم، تنهنجي ڪرپا سان منهنجي دُكن (پاپن) جو ناس ٿي وڃي.

صاحب سيتي حكم نہ چلئ،
كهي بٹي ارداس.

(وار آسا م.1، ص.۴۶۴)

گرو صاحب فرمائين ٿا تہ صاحب (مالڪ) تي حكم نہ هلي سگهندو آهي؛ حاكم آگيان تہ آرداس (وينتي) كرڻ سان كم راس ٿي سگهندو آهي.

ائسي مانگ گوبند تي،
ٹهل سنتن كي، سنگ ساڌ كا
هر ناما جپ پرم گتي.

(كانڑا، م.5، ص. 1299)

هي پائي، گوبند كان آهڙي ذات گهرندو ڪ : هڪ تہ سنتن جي شيوا ۽ ٻيو سنتن جو سنگ (ساڌ سنگت) ملندو رهي. ٽيون هريءَ جو نام جپيندو رهان، جنهن سان پرم گتي پراپت ٿي سگهندي آهي.

◆□◆

صفحو مہاگ	ست	غلط پلنامو	صحيح
86	13	گرمت	سري گرو گرنٹ
87	12	اين	اُن
88	23	(ديهہ اندر)	ديهہ اندر
88	2	ئو	ۓ
92	18	شرت	سرت
97	15	سري	سرير
97	8	وصتو	وستو
97	9	د ئا رام	د ئا ران
99	9	(شبد گرو)	(شبد گرو) من اند ر
100	13	اکرئي	اکري
107	13	اکرئي	اکري
141	15	اينهن	اُنهن
142	17	تي	ٹي
150	22	ستگ.رو	ستگُر
153	13	شردا	شرڈا
	21	پخشيش	بخشيش